

# سُر سارنگ

مرتب: حميد سنڌي

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻہ سؤ چوونجاهين
عرس جي موقعي تي شايع ڪيل

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 1998ع
ڪتاب جو نالو: سُر سارنگ
مرتب: حميد سنڌي
ٽائيٽل: ٿر برسات جي موسم ۾.
ڇپائيندڙ: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ
ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: علمي پرنٽرس، ڪراچي
Ph: 2625254 - 2625752.
E-mail: sindhu@cyber.net.pk
ڪمپوزنگ: الطاف پيرزادو
پروف ريڊنگ: ڪمال ڄامڙو

ملهہ 200 رپيا

# فهرست


| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| ١ - ٻه اکر: اندر جهڙ جهوري وهي | حميد سنڌي | ٥ |
| ٢ - سارنگ ساڻ ڪجن. | محمد حسين "ڪاشف" | ١٧ |
| ٣ - سُر سارنگ جو لساني جائزو. | ڊاڪٽر هدايت پريم | ٢٧ |
| ٤ - شاه لطيف جو مجازي عشق. | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ٤١ |
| ٥ - ڀٽائيءَ گهوٽ جي سُر سارنگ جو مطالعو. | ڊاڪٽر نواز علي "شوق" | ٥١ |
| ٦ - سارنگ سائي سٽ. | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ٦١ |
| ٧ - سر سارنگ: درست پڙهڻيون ۽ سماجي ۽ فڪري پهلو. | تاج جويو | ٦٩ |
| ٨ - شاهه لطيف جي ڪلام ۾ زندگيءَ جو فلسفو. | ڊاڪٽر غلام علي الانا. | ٨٥ |
| ٩ - سارنگ جو اهڃاڻ ۽ سنڌ جي جاگرافي. | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي | ١٠٩ |
| ١٠ - شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر سارنگ جو مطالعو. | قائم سولنگي. | ١١٧ |
| ١١ - سُر سارنگ ۾ سمايل سماجي ۽ روحاني فڪر. | محمد ابراهيم "سنڌي" | ١٢٧ |
| ١٢ - سر سارنگ ۾ سنڌي عورت جا احساس. | رضيه شيخ | ١٣٥ |

| | | |
|---|---|---|
| ۱۳ - سُر سارنگ : هڪ مطالعو. | احسان عظيم صديقي | ۱۴۳ |
| ۱۴ - شاه صاحب جو سُر سارنگ ۽ اسلامي فتحون. | اياز قريشي | ۱۵۱ |
| ۱۵ - سُر سارنگ ۽ سنڌ جي سُڪاري حالت. | حافظ عبدالرحيم جمالي | ۱۵۸ |
| ۱۶ - شاه جي سُر سارنگ جو تصور. | شفيق حسين ميمڻ | ۱٦۷ |
| ۱۷ - سُر سارنگ جا رنگ. | نذير ناز | ۱۷۱ |
| ۱۸ - سارنگ سار لهيج الله لڳ اچين جي. | حافظ محمد بخش | ۱۷۷ |


# ڀاڱو ٻيو

## متفرق مضمون


| | | |
|---|---|---|
| ۱ - فردا منڌ ڦٽي ڪئي (جدوجهد جو فلسفو ۽ سسئي). | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ۱۹۵ |
| ۲ - سامونديڪو سنگ. | ذاڪر حسين ڪٽي | ۲۰۳ |
| ۳ - سر سامونڊي سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو ماخذ | محمد پنهل ڏهر | ۲۱۳ |
| ۴ - شاهہ جي ڪلام جو اقتصادي فلسفو (مختصر جائزو). | ادل سومرو | ۲۲۳ |
| ۵ - سر ساموندي‌ءَ جو پس منظر ۽ شاهہ جا مقرر ڪيل ڪردار | "مغمور مهيري" | ۲۲۷ |
| ٦ - اچ پڻ ار پار ڏي. | نصرت حسين ابڙو. | ۲۳۷ |

## ٻـ اکر

# انـدر جـهـڙ جـهـوري وهـي

وسـي رات صبح جو ساهُ ڪٽي،
مـجهيئي ميه پرين جو، جي تن ۾ هوئي تات،
تـ وهاٺي پرڀات، هُند بادل بس نـ ڪرين.
(شاه)

انسان جي اندر ۾ ڇاپيو وَهي واپري، سندس ڪيفيتون ڪهڙيون آهن، ڪهڙي مهل ڪنهن جهڙي، پيو ڦتڪي لڇي پڇي ۽ وري واجهائي تـ مَنُ نري ۽ ڪو نڙي.

انهن ڪيفيتن ۽ من نارڻ جو ڏس پنڌ ڏکيو پر "ٻري جن ٻاري" اُهي ئي هيءَ پـنـڌ ڏسيندا. اُنهن ئي اندر جي مونجهارن کي لاهڻ ۽ سولو ڪري سمجهائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪٽي، انسان کي ايمان ۽ عقيدي جي سلامتي ڏني آهي.

فارسي زبان جي هن قطعي جي صورت ڏسو:

اي برتر از خيال و قياس و گمان و وهم،
و ز هرجه گفته اندو شنيديم وديده ايم،
عالم تمام گشت وبه پايان رسيد عمر،
ماهم چنان در اول وصف تو مانده ايم،

خيال، قياس، گمان ۽ وهم کان پري ڪنهن ڪنهن نظر ۾ ٻـ نـ ايندڙ خاڪي کي پيش ڪرڻ ۽ اُن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ کانسواءِ مڃڻ جي تلقين ڪرڻ ڪو سولو ڪم تـ نـ آهي.

اسانجي پيغمبرن ولين صوفين انهي ڪم کي هٿ ۾ کڻي وڏو ڪم ڪيو. پاڻ، پاڻ کي فنا ڪري بہ حقيقت ڏئي ويا ۽ توحيد جي تصور سان گڏ حق حقيقت تمثيل وسيلي ئي سهڻي واضح ڪيو تہ :

ساري سک سبق شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تکو وهي حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي.

شاه سائين سڄي ڳالهہ جي شروعات اُن مالڪ حقيقي جي تصور کي مڃائڻ ۽ سڀ کان اعليٰ رکڻ لاءِ چئي ائين ٿو تہ :

اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

اُن سان گڏ وحدت، هيڪڙائي واري هن عالم ۾ هوائين بہ چئي ٿو تہ :

نابوديءَ نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو،
مورت ۾ مخفي ٿيا صورت پڻ سيئي،
ڪبي اُت ڪيهي ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

هن ڳجهہ کي وڌيڪ کولڻ لاءِ شاهہ سائين سڄي ڪائنات جي ڪرشمن کي تمثيلن ڪانسواءِ بہ ڪيترن ئي سُرن وسيلي بيان ڪيو آهي. انهن ڪرشمہ سازين جو وڏو حصو سورمين وارن سُرن ۾ تہ آيو پر ٻين سُرن ۾ جت ڪردار ناهن اُت سائين جا ڪردار ڪائنات جي جوڙ جڪ جا پر اسرار راز ۽ اُن سان واڳيل ماڳ مڪان، ۽ سهٽا وکر آهن. اُت سندس ڪردار چنڊ، ڪتيون، پٽ پٽيهر، ساوا ڇهڇ سلا، توهن سان پريل ميدان، ککر ڪارونيار، وڄ وڄڙيون، پڇنڊڙ پتاريون، چنگ چڙا، پرين جي جمال

۽ حسن جو پرتو پيا پسائين. ڪائنات جي حسين ڪردارن سان گڏ اندر ۾ وينل پرين جي پرديس لاءِ پيار تہ ڏسو:

اڄ پڻ اُتر پاري ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس مُنڪي ميه ميڙيا.

شاهہ سائين جي سورمين جي سونهن حسن ۽ جمال جي تعريف اُنهي مالڪ جي ثنا آهي ۽ انهن سُرن ۾ جيڪي ڏک تڪليفون ڏيکاريل آهن اُهي بہ انسان جي سندس اوجر ۽ سچ حق جي جستجو لاءِ آهن.

پر ٻين سُرن ۾ بہ سڄي ڪائنات پلٽي اٿئين ۽ اُن سان گڏ انسان جي ڏکن، سکن آسن اُميدن جي جذبن کي اُڀاري، انسان جي حق حقيقي لاءِ پيار محبت ۽ عشق کي اُڀاريو اٿس تہ جيئن سندس ايمان ۽ عقيدي ۾ هميشه سچ ۽ حق جو پڪي پيو ٻولي.

سُر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ انسان کي حق حقيقي جي وجود ۽ سندس Supremecy مڃائڻ وارا سُر آهن. اُنهن ۾ انهي واحد وحده جي وحدت مڃيل ۽ مڃايل آهي.

سِرُ ڀونڊيان، تڙ نہ لهان، تڙ ڀونڊيان، سر ناه،
هٿ ڪرايون آگريون، وٺا ڪپڄي ڪانه،
وحدت جي وهانءِ، جي وٺاسي وڍئا.

ايچ ٽي سارلي پنهنجي ڪتاب ”شاهہ لطيف آف ڀٽ“ ۾ چئي ٿو:
”رسالي جو تصوف اسلامي آهي. ان جو سڄو زور توحيد تي ڏنل آهي جيئن رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم سمجهايو هو. ٻيائي کي ٻاهر ڪيڍي ڇڏڻ خدا سان عشق ڪرڻ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿو“.

”شاه عبداللطيف پنهنجي شاعري پنهنجي عقيدي جو هنن لفظن ۾ اعلان ڪري ٿو:

God who is one, no rival hath,
Here in of him the oneness is,
And righteousness of truth,
But who Embraced false Twoness lost
Indeed the savour and the salt of life.

وحده لا شريڪ له، ايءُ هيڪڙائي حق،
ٻيائي کي ٻڪ، جن وڌو سي وِرسيا.

سچن انساني جذبن جي سونهن ۽ سپت، سر ساموندي ۾ هيئن بہ آهي:

مان ايي تڙ وٽ پرين پڳهہ چوڙئا،
ڪا مونهين ۾ گهٽ نت سڄڻ سباجهو گهٽو.

سر آسا اندر جي روشني لاءِ ۽ پوءِ تسڪين ۽ وجدانيت هيڪڙائي واري ڏاڳي ۾ پوتل آهي.

ڏسن ڏهاڙي توءِ ترسن اوڏهين،
آيا سجاڻي نيڻ پرين کي.

سُر بردو جي هيءَ سٽ بہ پسو.

سائين جو سوڳنڊ منهنجو ساڄن سيڻان سهڻو.

ائين سيئي سُر انهي پنڌ لائين تا جو عقيدي ايمان کي هٿي ملي ٿي.

هل هنيين سين هوت ڏي، پيرين ڪرمَ پنڌ،
رائي پچ مَ رند، رڙهہ روحاني سسئي.

وحدت الوجود جو مسئلو هجي يا انسان جي اندر پلجندڙ مونجهارا هجن اُنهي لاءِ صوفي فقيرن پئي ڏس پنڌ ڏنا آهن، پر شاهہ سائين اهڙين حقيقتن کي تمام سولائي سان حياتيءَ جي ظاهر توڙي باطن جي ويچارن کي تمثيلن وسيلي توڙي سڌي سنواتي طريقي سان عيان ڪندو رهيو آهي.

سمنڊ ڪيئن لهرون اڇلي ٿو پر هر لهر ڌار هوندي بہ ٻڏائي ٿي تہ پاڻي هڪ ئي آهي.

لهرن لک لباس پاڻي وهڻ هيڪڙو،
ڪوڙين ڪايائون تنهنجون لکن لک هزار،
جيءُ پنهنجي جيءَ سين، درسن ڌارو ڌار،
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان.

انهيءَ فڪر موجب واضح ڳالهہ آهي تہ ڪثرت جي مظاهرن، نظارن ڪرشمہ سازين ڪري وحدت ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪانہ اچي ٿي، صوفين جو فڪر اجان بہ وڌيڪ سولو هن طرح آهي تہ الله تعاليٰ ڪائنات کان ڌار نہ آهي.

ڪائنات جون الائي ڪيتريون ڪروڙين ڪرشمہ سازيون آهن، انسان اُنهن کي سمجهڻ لاءِ آتو آهي.

شاهہ سائين سُر سارنگ ۾ ڪائنات جي مظاهرن، نظارن ۽ ڪرشمي سازين جي وسيلي جنهن نموني سان رَب جي ذات ۽ اُن جي وجود جو رنگ پسايو آهي اُهو ٻاجهاري جي ٻاجهہ ۽ حاڪم جي حڪم لاءِ آسروندن جي عقيدي جو مظهر آهي.

حڪم ٿيو حڪيم جو، ٿا سارنگ سان ڪجن،
وچون آئيون تهہ تهہ مينهن ٿمن،
جن مهانگو لهي، ميڙئو سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن مان پندرهن ٿيا ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان شل موذي سڀ مرن،
وري وڏيءَ وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چوي سين آهہ توهہ تنهنجو آسرو..

انهيءَ آسري کي ورجائي ٿو:

آگميو آهي، لڳه پس لطيف چئي،
ونو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
چن چڏي پٽ پئو، ثمر سنباهي،
وهومَ لاهي، آسرو الله مان.

شاه سائين جو هيءُ سُر اميدن، امنگن اندر جي بهارين، ڏک سک ڏولاون کي دور ڪرڻ جو سُر آهي.

ڌرتي تي پلر جي پالوٽ، گسن تي گاهه، آسمان تي ڪڪر ڪارونيار، وڄرين جا چوڏاري چمڪاٽ مالوندن ۽ آسروندن جا آسرا، ورن لاءِ واجهائيندڙ ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو، ڪٿي سازنه ڪٿي آواز نه ڪٿي اندلت وارا رنگ اها سڄي ساراهه آهي انهي سرجيندڙ جي جنهن هن ڪائنات ۾ ڪيئي رنگ رکيا آهن:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪييا برجن سين،
ساز، سارنگيون، سرندا وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ پلٽيون، رات پدام ٽي.

هن سُر ۾ شاه سائين ايتريون ته رمزون رکيون آهن جو عقل حيران ٿيو وڃي. ڪائناتي سونهن ۽ سوبيا جڏهن پلٽجيو پوي، چوڏاري سينگار ئي سينگار آهي، اٽ انسان جي ڏکن ۽ سندس اندر ۾ پلجندڙ اڌمن ڪان هو چڱي طرح آگاهه آهي.

ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو جهڙ پسيو جهجن،
ورن ريءَ واندين آڏيا، پڪا سي مَ پسن،
اٽر ڊاهي اُن جا ته ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اڄي شال اولا ڪري.

وارث وٽ دانهن ۽ اُن جو آسرو انهيءَ ايمان ۽ عقيدي هيٺ آهي جيڪو هر ڪنهن وٽ موجود ته آهي پر اُن ڪان هو غافل آهي. اُن سان گڏ سچ حق جو آواز جيڪو لڪل آهي اُن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي

اندر جي ڪٿ لهي تہ سڀ ڪجھہ ظاهر ظهور ٿئي.

سارنگ سينگاري وچون وسڻ آئيو،
مون کي ڪنوڻ خوش ڪيو، جا ڪڪر ۾ ڪاري،
جهڙن جهونگاري، لاٿم ڪٿ قلوب تان.

سُر سارنگ ظاهري طرح راڳڻي جو نالو هجي جا برساتي موسم يا سانوڻي ۾ ڳائبي آهي. پر هن سُر جو اصل رُخ ان انسان کي هن ڳالهہ کان بہ آگاهہ ڪرڻ آهي تہ چوڌاري جيڪي قدرت جا ڪرشما آهن، سونهن پٽن تي پٿري پئي آهي، اُن سان جيڪر اندر اُجاري ۽ مالڪ جي مالڪي مڃي. سُر سارنگ اُميدن آسرن ۽ اندر جي اوجر جو سُر آهي. هر ڪنهن اندر عشق جا انبار لڳل آهن. درد جي پيڙا آهي پر پاند تہ اُن جو ڪپي.

ڪانڌ تنهنجي پاند ريءَ سنجهي ئي سيءَ مران،
ڪامل ڪپاهن ۾ پيئي نار نران،
تاري هن تڳان تہ ور وهاڻيءَ ورندو.

شاهہ سائين هن سُر وسيلي وهمن ۽ گمانن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ اُهي ثبوت ڏنا آهن جيڪي اندر جي اڌمن کي ناريو چڙهن.

شاه سائين هر رُخ کي پيش ڪندي، جڏهن مند جو ذڪر ٿو ڪري تہ جهڙ جهاتي اَ مندل تا وچي وڄن، هاري هر سنباهين تا، اَنُ ارزان ٿو ٿئي، ماڻي منجھہ مکڻ تا ترن پر اُن سان گڏ ڪٿ قلوب تان تي لهي.

مند تي، مندل وڄيا، اوڄهڙ جهاتي،
هڪ ارزان اَنُ تيو پيو مکڻ منجھہ ماٽي،
ڪلمي سين ڪاتي، لاٿم ڪٿ قلوب تان.

سُر سارنگ شاهہ سائين جي ذات ۽ فڪر جي معراج وارو سُر آهي. ايچ تي سارلي اُن ذات جو ذڪر ڪندي چئي ٿو: "شاهہ عبداللطيف پنهنجي ذات جي انتها تي اُن وقت پهچي ٿو، جڏهن هو پنهنجي زبان جي

رنگيني سان نوٺ ڏرتيءَ مٿان برسات پوڻ جي خوشيءَ جو منظر چٽي، جڻ هو خدا جي سخاوت ۽ رحمت جي منظر ڪشي وينو ڪري"

بَرَ وَنا، ٽر ونا، وٽيون ترايون،
پرهه جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامِهيُون، ٻولايُون رايُون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سُهَڻ پاهجي.
(شاه).

شاهه سائين جي هن سُر جي سونهن سڄي ڪائنات جي سونهن کي ڪنيو بيٺي آهي. سندس حب ۽ اُڪير هن مان ظاهر آهي:

اندر جهڙ جهور وهي ٻهر ڪڪر نه ڪوءِ،
وسائي سا وڄڙي جنهن کي حب هوءِ،
لالن جهين تن اوڪاٽين نه اکيون.
(شاه).

هر سال جيان گذريل سال پانڌيئڙن پنڌ ڪيا ۽ لطيف سائين جي اڱڻ ۾ اچي مڙيا. شاهه سائين جي مزار تي گلن جي ورڪا ڪري ورِيا ۽ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي هال ۾ ادبي ڪانفرنس لاءِ گڏ ٿيا. موضوع هو "سر سارنگ". لطيف سرڪار جي سُر سارنگ جي واکاڻ جهڙي نموني سان، اديبن مفڪرن مقالن وسيلي ڪئي، اُهي سب مقالا هن مجموعي وسيلي پيش ڪجن ٿا. هيءُ پُڙ هميشه جيان ڳرو ۽ وزندار آهي. مان اُن محنت ۽ خلوص جي پورهيي لاءِ پنهنجي ساٿي اديبن محققن ۽ مفڪرن جو ٿورائتو آهيان جن هن موقعي تي ساٿ ڏنو ۽ پير پري آيا. صدارت هئي محترم محمد ابراهيم جويي جي ۽ خاص مهمان هو محترم مراد علي شاهه سنڌ سرڪار جي زراعت کاتي جو وزير. مان اُنهن صاحبن جو به ٿورائتو آهيان. مان گذريل سال ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ۽ هاڻ هن ڪتاب مرتب ڪندي به وڏي کوٽ پنهنجي پراڻي ساٿي ۽ همدم ممتاز مرزا

سائين جي محسوس ڪئي اٿم. هميشه جو ساٿ وچڙي ويو پر سندس ڏنل وڪر شايد ساڻ اٿم جو هي ذميواريون هن مهل تائين نيائي سگهيو آهيان اڳتي بہ. ننگ اُنهي مالڪ تي آ ني جيڪو وڏو ٻاجهارو آهي. دعا آهي تہ ڏٽي مٿس بہ ٻاجهہ ڪندو ۽ خوش رکندو.

محترم حميد آخوند جو ساٿ ڳائجڻ ۽ نباهہ ڪرڻ جهڙو آهي. سندس قرب ۽ بيپناهہ محبت جو هيءُ نتيجو آهي جو هيءُ ادبي ڪانفرنس جو ڪم سهٽائي ۽ سيبتائي سان ٿيندو اچي.

آخر ۾ اُنهن ساٿين جا نالا ضرور ڄاڻائبا جيڪي هُن ويلي مون سان گڏ بيٺا هوندا آهن. دوست ۽ ساٿي پروانو ڀٽي، ڪانفرنس ڪان اڳ پوءِ جي ڪم ڪار ۽ هن ڪتاب ڪي پريس تائين پهچائڻ ۾ سالن ڪان ساٿ ڏيندو اچي، مان سندس ٿورائتو آهيان. محترم نفيس احمد ناشاد جو ساٿ هميشه ساڻ رهيو آهي. هن سال محترم عبدالرحمان ميمڻ ۽ هارون عباسي پڻ ڪم ۾ هٿ ونڊايو آهي. محترم عبدالرزاق ميمڻ جا وڏا ٿورا جو هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي ڪم جي نگراني ڪئي. محترم آغا ضياءالدين جو ساٿ نہ وسارڻ جهڙو آهي.

اُميد اٿم تہ هيءُ نماڻو ڪم قبول پوندو ۽ آئنده لاءِ دعا پڻ ڪندا تہ جيئن هر وک سڦل ٿئي ۽ وري ميڙاڪو ٿئي تہ منهن ڪٿڻ جهڙا هجون.

سچو صاف نہ آيري سرلي وچان سچ،
منهن چڙهيو ماڻهن ڪي ڏي واڌايون وچ،
هينئڙا ڪپ مَ ڪِچ، سگهار ملنڊءِ سپرين.
(شاه)

دعاگو
**حميد سنڌي**

# سُر سارنگ

محمد حسين "ڪاشف"

# سارنگ سات ڪجن

ڏات ۽ ڏاهپ جا ڏيئا سنڌ ڌرتيءَ تي هميشه روشن ٿيندا رهيا آهن، اها لاٽ سنڌوءَ جي ڪناري تي ڪڏهين رگ ويد جي روپ ۾ روشن ٿي، تہ ڪڏهين "ٻڍ" جي وائي جي ورن ۾ ظاهر ٿي، تہ ڪڏهين حڪمت قرآني جي تفسير ۽ تعبير سان هن واديءَ کي واسيو تہ ڪڏهين وري "لطيفي لاٽ" جي ڏات سان ڏيهہ کي ڏاهپ جو ڏس ڏنو. لطيف جي شاعري سنڌي سماج جي اندر هميشه هڪ تحريڪ جي حيثيت سان رهي آهي. جنهن هر دور ۾ سماج ۽ سماجي نظام جي مختلف عنصرن جي ٽڪراءَ کي وائکو ڪيو آهي ۽ قومي بقاءَ ۽ جاڳرتا لاءِ نيون راهون پيدا ڪيون آهن. سنڌي سياڄهڙن وٽ خدا جي رسول ﷺ جي ڪلام بعد صرف لطيف جو ئي ڪلام آهي، جيڪو سندن زندگيءَ جو سهارو ۽ مرڪز رهيو آهي.

تخليق ۽ تنقيد جي عمل جو دنيا ۾ هي مڃيل اصول رهيو آهي تہ شاعر يا اديب کي سندس، صورت، سيرت، شخصيت، مزاج جي ڪيفيت، ان جي سماجي مطالعي ۽ مقصد ۽ ذهني تفهيم جي بنياد تي پرکيو وڃي، ۽ ان جي ڪلام ۽ ڪردارن جي سماجي، نفسياتي، عمراني، ۽ ڪلچر جي روين جي محرڪات ۽ انهن جي عمل ۽ رد عمل جي فضا کي واضح ڪيو وڃي. انهن نڪتن جي بنياد تي جڏهن بہ ڪنهن شاعر جي تخليق ۽ تخليقي عمل جو اڀياس ڪيو ويندو تہ اسان کي ان جي شخصيت ان جي صورت توڙي سيرت ۽ ڪلام اوتون ۽ اڌما ڏيندي نظر ايندي. دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ڪيترائي شاعر ۽ فلسفي نظر ايندا جن جي تخليقي مواد ۾ سندن شخصيت جو روپ جهلڪا ڏيندو نظر اچي ٿو. مثلاً "بائرن"

”پوپ“ وغيره يا نطشي، جي شاعري يا فلسفي ۾ سندن جسماني ڪمزورين جو احساس سمايل آهي. اهڙيءَ ريت دنيا جي هر ٻوليءَ جي ادب ۾ انهيءَ قسم جا ڪيئي مثال ملندا.

ليڪن انهن جي مقابلي ۾ سنڌ جو هي سدا حيات شاعر نهايت حسين، وجيه سدا سهڻو ۽ انتهائي خوبين جو مالڪ هو. سندن سوانحي روايتن مان ڪابه اهڙي روايت ڪانه ٿي ملي، جنهن مان سندن زندگيءَ جو ڪو ڪمزور پهلو نظر اچي. سندن حياتي صاف سٿري غور ۽ فڪر واري، پيار ۽ پاٻوه واري، حساس ۽ نفاست واري نظر اچي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سندن هر ڪردار بهتر کان بهترين آهي. جنهن کي هن پلا مانس شاعر مثالي طريقي سان پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ اهو ڪردار پنهنجي مڙنئي عوامل سان نظر اچي ٿو. لطيف جي ڪردارن جي سماجي ۽ نفسياتي ڪيفيت ۽ شاعرانه قوت يوناني قول جيان ڪنهن ديويءَ جي تابع نه آهي. ۽ نه احساس محرومي جي ڪري اصول تلافي جي هيٺ وجود وٺندڙ آهي، بجاءِ ان جي شاه لطيف جي شاعري جو عمل اجتهادي ۽ فڪري، شعوري ۽ وهبي نظر اچي ٿو، جنهن تي سماجي مطالعي ۽ مشاهدي ۽ فڪري اغماض جو عنصر غالب آهي ۽ ڪردارن ۾ انساني فطرت جي متوازن ۽ زنده چترڪاري آهي. سندن شاعري هر حال ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان انساني صورتحال جي تصوير پيش ڪندي نظر اچي ٿي. لطيف هر ڪردار ۾ فطرت جي مشاهدي کي پنهنجي شاعرانه بصيرت سان بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪلچر جي روين، سماجي عمل جي محرڪات ۽ انساني فطرت جي لاڙن کي ائين بيان ڪيو آهي جو هر واقعو ۽ منظر اڄ جي ڳالهه آهي. جيڪو سندن ڪلام جي دائميت جو خاصو آهي. انهيءَ پس منظر ۾ هر ڪردار موتين جي مالها جو هڪ املهه مٽيو نظر اچي ٿو ۽ ائين پيو ڀاسي ته اهو ست سري ڌهري جو ڏڳلو يا من پسند مٽيو يا چندن هار جو ڪو چوڪور آهي، جنهن جي حسن ۽ هڳاء سان فضا چمڪي اٿي ٿي ۽ ان جو تاثر جيءَ ۾ جهيرون وجهي ڇڏي ٿو.

لطيف جي شاعريءَ ۾ حقيقت پسندي ۽ سماجي قدرن جي دائميت آهي. سندن سماجي شعور ۽ سماجي صداقت هر دور لاءِ سونهي جو ڪم ڏئي ٿي. انهيءَ بنياد تي ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سرڪار لطيف جي شخصيت ۽ شاعري تاريخ ساز ۽ تاريخ نواز آهي. جنهن جو ماضي درخشان، حال روشن ۽ مستقبل چوڏهينءَ جي چنڊ جيان آهي. سندن تخيل جي دنيا جو ڪينوس نهايت وسيع آهي. جنهن ۾ سندن شاعرانہ چترڪاري مشاهدا تي صورت ۾ وجود وٺي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي انهيءَ ڪيفيت سان متصف ڪري ٿي، جنهنجو اعاده يا اظهار شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندن ذات سچي رسالي ۾ هڪ مصلح ۽ مهان قوي عارف ۽ رهبر جي روپ ۾ سندن هن بيت جيان نظر اچي ٿي:

"پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي"

اسان کي لطيف جي ڪلام ۽ ڪردارن کي انهيءَ روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي، انهن کان ڪين الڳ ڪري هر بيت کي باطن جي بوءِ ۾ ڳولڻ جي بجاءِ ڌرتي ۽ تاريخ جي تاجي پيٽي ۾ انهن کي ڏورجي، جنهن سان لطيف کين وانجهيل ڏيکاريو آهي، معروضات جي بنياد تي حال لاءِ سبق حاصل ڪرڻ گهرجي، لطيف جي شاعريءَ جي دائمي روين ۽ سندن سماجي شعور جي اها تقاضا آهي.

ٻيو هي نڪتو بہ خيال ۾ رکڻ ضروري آهي تہ عالمي علمي سطح جي تقاضا ڪهڙي آهي، ڇاڪاڻ تہ تاريخي تضادات، تقاضائن ۽ سماجي معروضات جي بنياد تي عالمي علمي سطح تبديل ٿيندي رهي آهي. ۽ گيپ آف جنريشن جو فلسفو ڪيترين ئي فڪري محرڪات ۽ تضادن کي وجود ڏيو بيٺو آهي. انهيءَ صورتحال ۾ لطيفي ذڪر ڪهڙي رمز آفريني سان اسان کي روشناس ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ لطيف جي ڪلام جي وسعت ۽ همہ گيريت اٿاهہ سمونڊ جيان آهي. ان جي اسرار و احوال کي خالي داخليتي ۽ باطنيت جي خامہ فرسائي سان بيان ڪرڻ ڪيتري قدر نئين

نسل لاءِ لاپائتو ٿي سگهي ٿو. جنهن جي ذميواري اسان جي اڄ جي عالمن تي عايد ٿئي ٿي. جنهن لاءِ روايتي طريقہ ڪار کان هٽي ڪري اسان جي علمي حلقن کي سوچڻ گهرجي، جيڪڏهن ساڳئي پهيل پيچري تي هلڻ جي ڪوشش اسان جي ڏاهن ڪئي تہ اهو دؤر جي تقاضائن، تاريخي عمل ۽ عالمي علمي سطح کان گريز جي برابر ٿيندو.

اسان وٽ اڪثر اها راءِ آهي تہ لطيف جا ڪردارمولانا روم جي ڪردارن جيان تمثيلي آهن، هت اهو واضح ڪرڻ ضروري ٿيندو تہ لطيف جا ڪردار مثالي حيثيت رکندڙ آهن ۽ مولانا روميءَ جي ڪردارن جي حيثيت، حڪايتي ۽ فرضي آهي. انهن جو پنهنجي سماج، تاريخ ۽ ڌرتيءَ سان ڪو سڌو رشتو ۽ لاڳاپو نہ آهي. بجاءِ ان جي لطيف جا ڪردار هن ڌرتيءَ جا ڏٽيل ۽ ان جي مٽيءَ سان اسريل ۽ نسريل آهن. سندن تاريخي ۽ سماجي پس منظر آهي ۽ ڪلچر جي روين سان مالا مال آهن. ان حيثيت سان لطيف جا ڪردار زنده ڪردار آهن.

مولانا روم پنهنجي ڪردارن جي وسيلي تصوف، الاهيات ۽ اخلاقي روابط جي نڪتن جي اپٽار ڪري ٿو ۽ انهن جي وسيلي تصوف جي فڪر ۽ الاهيات جي مقام جي ڳوڙهائي کي نچوڙي بيان ڪيو آهي. جيڪا سالڪ جي روحاني تربيت ۽ ارتقا ۾ مددگاري ڪري ٿي. ليڪن غور ڪبو تہ لطيف پنهنجي ڪردارن کان ٻتو ڪم ورتو آهي. هڪ طرف انهن جي وسيلي تصوف جي حقايق و معارف جو بيان آهي تہ ٻئي طرف پاڻ انهن جو ناتو پنهنجي ڌرتيءَ سان جوڙين ٿا. جنهن ۾ ڪلچر جي روين سماجي حقايق ۽ ان جي لاهين چاڙهين جي عوامل کي بيان ڪيو آهي. جيتوڻيڪ لطيف مولانا روم جي فڪر جو خوشہ چين آهي، باوجود ان جي مٿين نڪتي جي سندن شاعرانہ بصيرت جو اهو ڪمال آهي. لطيف جو اهو شاعرانہ انداز ۽ پيشڪش ادب، تاريخ ۽ ثقافت جو روح آهي. جيڪا ڪين تمام اتاهين مقام تي وٺي وڃي ٿي. جتي لطيف جو احساس شعور، جماليتن و جدان ۽ القاءُ جي ڪيفيت انهن جي مٿانهين تي نظر اچي ٿو،

جنهن جي ڪا ڪٿ ڪري نٿي سگهجي جنهن لاءِ پاڻ فرمائين ٿا تہ :

نڪا ڪن فيڪون هئي نہ ڪو لڳ لحم، الغ.

يا

لوچيان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد- الغ.

يا

منهن محراب پرين جو، جامع سڀ جهان- الغ

جڏهين سندن فڪري اڏام يا اهي ڏارا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ آڏو اچن ٿا تہ هن جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو تہ هيءَ ڪيفيت ڪهڙي؟ انجو احساس ڪهڙو؟ انجو جمال ڪهڙو؟ ان جي ڪبريائي ڪهڙي؟ ان جي پذيرائي ڪهڙي؟ انجو ماڻ ڪيئن مقرر ڪجي؟ ان جي توجيہ ڪيئن ڪجي؟ ان جي رمز ڪيئن پروڙجي؟ غور ڪبو تہ لطيف وٽ شعوري پروانہ وجدائي عروج ۽ ذوق جمال جي وڏي وسعت آهي. جنهن ۾ حقيقت جي مشاهدي، قلبي احساس ۽ روحي اتصال جا عنصر تجليات نوري جي نزول سان سندن اسمي ۽ جسمي وجود ۾ ائين حل ٿيل آهن جو "هو نہ سڃاپي هِن ريءَ، هو مور نہ موجودا" وارو مقام آهي. سو پرين سو پساهہ واري ڪار آهي، اهوئي سبب آهي جو سندن ڪلام باڪمال اصول تلافي جي عمل ڪان اَجو آهي.

مون هت لطيف جي ڪلام جي فلاسافي جي سلسلي سان ڪجهہ عرض ڪيو آهي جيئن تہ اصل موضوع سُر سارنگ آهي، ان جي باري ۾ پڻ ہہ ٿي اکر چوڻ مناسب ٿو سمجهان ڇاڪاڻ تہ تحقيق ۽ تقليد ۾ فرق آهي، اسانکي تقليدي عنصر جي عيوض لطيف جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ سندن سوانح، تاريخي حالات جاگرافيائي صورتحال ۽ ٻوليءَ کي خيال ۾ رکڻ گهرجي، انهيءَ طرف ڌيان نہ ڏيڻ ۽ عقيدت جي خول ۾ بند هئڻ سبب اهڙا مامرا پيدا ٿيندا رهيا آهن. جو جڏهين بہ ڪنهن ڏات ڌڻيءَ ڪا صحيح ڳالهہ ڪئي آهي يا ان پاسي ڌيان ڇڪايو آهي تہ اهو معتوب رهيو آهي. بجاءِ انهيءَ تي جاڪوڙ ڪرڻ ۽ صحيح صورتحال معلوم ڪرڻ جي

ٻاهرئين ٻني تي ٻيهي اسان ڊانهون ڪندا آهيون. جيڪا ڳالهه صحيح نه آهي. اختلاف راءِ جو سڀ ڪنهن کي حق آهي، ليڪن حقايق کي حق جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ ضروري آهي.

لطيف تي تحقيق جو ڪم اسان کان اڃا گهڻو ڪجهه گهري ٿو. هن وقت تائين تحقيق جي سلسلي سان جيڪو ڪجهه ٿيو آهي، اهو لطيف جي عالمي حيثيت ۽ شاعرانه عظمت جي مقابلي ۾ تمام گهٽ آهي، ليڪن جن به عالمن ۽ ڏاهن انهيءَ ڏس ۾ جو ڪجهه پورهيو ڪيو آهي ۽ جهڙو به ڪيو آهي، اهو حرف آخر نه آهي، باوجود ان جي انهن جي انهيءَ پورهئي کي سلام ۽ تحسين آهي. جو هنن اسان لاءِ هڪ راهه پيدا ڪئي آهي. ان کي سوڌڻ ۽ سنوارڻ اسانجو، توهانجو، سڀني جو فرض آهي.

هن وقت تائين لطيف تي جيڪو ڪم ٿيو آهي، ان ۾ روايتي عمل کي دخل وڌيڪ رهيو آهي، ۽ عقيدت جي خول کان ٻاهر نڪري اسان مان ڪن ڳاڻ ڳڻين ذات ڌڻين قلم کنيو آهي. اڪثريت حقيقت ۽ مجاز جي ٻه روپي جنهجهت ۾ نظر اچي ٿي، ان خول مان اسانکي نڪرڻ گهرجي ۽ لطيف کي انهيءَ لطيف پيرايه ۾ بيان ڪرڻ گهرجي، جيڪو هن جو عالمي طور تي حق آهي، لطيف پنهنجي شاعرانه مهارت ۽ فڪري اڏام جي ذريعي اهو ڪجهه چئي وڃي ٿو جيڪو پنهنجي اندر هزار داستان جي برابر آهي. جنهن جو ڪو ملهه ئي نه آهي. ان کي سمجهڻ ۽ انهيءَ مام کي پروڙڻ نه سولو آهي نه سٿرو. جيستائين اندر ۾ ڪا اسات نه آهي يا ڪا دونهي دکيل نه آهي، ان وقت تائين انهيءَ آفريني جي رمز شناسي نٿي ٿي سگهي، ستي نه سرند ياءِ ڪر پچار پرين جي يا وهه وڃايو پاڻ هٿي ڪنڌ ڪپن سين. تڏهين ئي ٻڌيءَ جا ٻيٽا تين تا. يا :

ڏکي سنڌئي ڏونگرين، آريءَ آهون پُونِ،
مئي پچاڻان منڌ کي، روجهه رٽن ۾ رُون،
پُٽيا ائين چُون، مٺي اسان کي واريو.

انهيءَ ڪيفيت ۾ لوچ جي سوچ ۾ سمجهہ جي ضرورت آهي.

سُر سارنگ جي بيتن جو تعداد مختلف رسالن ۾ مختلف آهي.

١ - گنج ۾ فصل ١ ١١ بيت ١ وائي، فصل ٢، ٢١ بيت، ١ وائي، فصل ٣، ٢٣ بيت، ١ وائي، فصل ۴، ١١ بيت، ١ وائي، جملي ٦٦ بيت ۽ ۴ وايون.

گورنمينٽ ڇاپي اول ۾ فصل ١ ۾ ١٥ بيت، ١ وائي، فصل ٢، ٨ بيت، ١ وائي، فصل ٣، ١٥ بيت، ١ وائي، فصل ۴، ٢٢ بيت، ٢ وايون، جملي ٦٠ بيت ۽ ۵ وايون.

مرزا قليچ بيگ وارو ڇاپو:، فصل ١، ٣٨ بيت، ١ وائي، فصل ٢، ٨ بيت، ١ وائي، فصل ٣، ١٦ بيت، ١ وائي، فصل ۴، ٢۵ بيت، ٢ وايون جملي ٨٧ بيت ۽ ۵ وايون، پوين اڪثر رسالن ۾ مرزا قليچ بيگ جو تتبع وڌيڪ آهي.

رسالي جي ڇاپي يا قلمي نسخن جي پيٽا جي صورت ۾ بيتن تي نظر ٿي ڪجي تہ سارنگ جي سُر ۾، ميين عنات جا ٧ بيت ميين عيسي جا ٧ بيت، جوٽيجي جا ۴ بيت لڪمير جا ۴ بيت ميون شاعر جا ٢ بيت ۽ بلند شاعر جي ١ وائي ۽ خليفي قاسم جا ٢ بيت آهن. جملي ٢٦ بيت ۽ ١ وائي ٻين شاعرن جون آهن.

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،

هن مشهور بيت ۾ گنج ۾ ٻہ سٽون وڌيڪ آهن جيڪي ڪن پُڄُ پڇايو، ڪان پوءِ ڏنل آهن.

ڪي لڙيون لاهور تي ڪي هلن مٿي هالار،
ڪي پُريون پنجاپ ڏي، ڪن چڪل تي چمڪار،

گنج ڪان سواءِ باقي نسخن ۾ اهي ٻہ سٽون نہ آهن.

ٻيو مشهور بيت " حڪم ٿيو بادل ڪي، سارنگ سات ڪجن ".

گنج ڪانسواءِ باقي رسالن ۾ انهيءَ طرح سان آهي، ليڪن گنج ۾ هن طرح آهي: حڪم ٿيو حڪيم جو، تا سارنگ ساٺ ڪجن.

بئي هڪ بيت جي پڇاڙي واري سٽ سيني نسخن ۾ هن ريت آهي.

صُراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي،
ليڪن گنج ۾ ائين نہ آهي.
اتي آهي: سراهيون سارنگ، پلٽيون رات بدام تي.

سارنگ ۾ ماڳ مڪان جو بہ ذڪر آهي، جهڙوڪ: ڀٽ، ڪراڙ، ماڪاٽي، پب، چڪي، هڏا ڪتيا، بدام، ڪاهوجي، رائڪ، لوتڙي، گنبات، استبول، مغرب پار، چين، سمر قند، روم، ڪابل، قندار، دلي، دڪن، گرنار، عمر ڪوٽ، ڀُڄ، ڀٽ.

هتي هڪ ڳالهہ غور طلب آهي، اها اِها آهي تہ اڪثر رسالن ۾ هيءَ سٽ هن طرح آهي "ڪن اچي عمر ڪوٽ جا وسايا ولهار"، ليڪن ڪريمي ڇاپي ١٨٨٣ع واري ۾ هڪ اڌ بئي ۾ اها سٽ هن ريت آهي.

ڪن اچي عمر ڪوٽ جا وسايا وهار،

صورتخطيءَ ۾ هہ جي مٿان بہ زبرون ڏنل آهن. جڏهن لفظ "وهار" تي غور ٿو ڪجي ۽ عمر ڪوٽ جي تاريخ ۽ تاريخي روين ڪي ذهن ۾ آڻجي ٿو تہ "ولهار" جي لفظ کي رد ڪرڻو پوي ٿو ۽ "وهار" ترجيع ۾ اچي ٿو. عمر ڪوٽ جو ڏکڻ ۽ اوڀر وارو پاسو ڀٽ جو حصو رکي ٿو ۽ اتي نڪرانو بہ جام هو ۽ شايد اڃا بہ هجي ۽ ان سان گڏ اتي "وهرو" نالي ڳوٺ پڻ آهي ۽ انهيءَ ڀٽ جي ڪس واري حصي ۾ اڳاٽي ٻڌ استوپا جا آثار پڻ هئا. جنهن تان انهيءَ ڳوٺ تي وهرو نالو پيو جيڪو وهار جي بگڙيل صورت آهي. بيت جي انهيءَ سٽ جو لفظ "وهار" بنيادي طور تي انهيءَ ٻوڌي وهار تي دلالت ڪري ٿو نہ ڪي ولهار تي، ولهار جي نالي سان ٽنڊي الهيار تعلقي ۾ بہ ديهہ آهي، ڪوٽڙي تعلقي ۾ آهي، ٺٽي ضلعي ۾

آهي ۽ ٽنڊي باگي تعلقي ۾ ٻہ آهي، منهنجي خيال ۾ لطيف جو اشارو انهي ٻوڏي "وهار" ڏانهن آهي، جو تہ جوڳين، ڪاپڙين ۽ آڌوتين سان سنگ ۾ رهڻ ڪري ٻوڏي وهارن جي وڏن اهميت هئي ۽ پڻ ان ياد ڪي تازو رکڻ لاءِ انجو غالباً ذڪر ڪيو اٿن.

شاهہ جي ڪلام جي مطبوع ۽ غير مطبوع يعني قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾ سُر سارنگ جي ڪن بيتن جون لفظي صورتون پڻ توجهہ طلب آهن.

مثلاً:

اڀون ڪڪر ڪيڙيون، اتر ڏني آهين.

انهيءَ ۾ اصل لفظ "ڪنيرون" آهي، ليڪن ڪاتبن ۽ رسالي جي اشاعت ۾ پوئين دور جي مؤلفين ڪو غور نہ ڪيو. ڪنيرون کي ڪيڙيون ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ڪڪرن جا قسم آهن، اڀون، تترڪرڙي، ۽ ڪنيرون يعني جوٽي وارا ڪڪر.

آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين.

صحيح لفظ آريون آهي. گنج توڙي ٻئي ڇاپي وغيره ۾ آريون لکيل آهي، جيڪو بعد ۾ آڙيون ۾ تبديل ٿي ويو. آڙي ڍنڍ جو پکي آهي، هت مراد "آر" آهي وڏي تڏ. جيڪا سانوڻيءَ ۾ رُون رُون ڪندي آهي.

واهنديان وڄ ٿي گڙيو ڏَهُن ڪنيات.

اصل لفظ "گنباٽ" آهي. جيڪو ڀٽ جي اوير هالا حويلي ۽ ڀئي پور وارو تر هو. لطيف انجو ذڪر ڪيو آهي، اصل سنڌيءَ ۾ ڪ ۽ گ جي تخصيص نہ هئي. هتي جاگرافيائي محل و قوع کي نظر ۾ رکڻو هو. جنهن لا علميءَ سبب "گنباٽ" ڪنيات ٿي ويو.

گام گندي گنج، ابر ۾ اهاءُ ٿيو.

بنيادي طور تي اهو بيت خليفي نبي بخش قاسم جو آهي ۽ ان

جي رسالي ۾ موجود آهي. گورنمينٽ واري ڇاپي ۾ هي بيت نہ آهي، اصل بيت جي صورت آهي، ڪامڻ ڪٿندي ڪنج، ابر ۾ اهاءُ ٿيو.

جيڪو مارئيءَ جي سونهن جي سلسلي جو بيت آهي، ڪ ۽ گ جي صحيح صورت جي پرک نہ ڪرڻ سبب اهو حال ٿيو. مون هت سر سارنگ جي سلسلي سان ڪجهہ ڳالهيون پيش ڪيون آهن، اهڙيءَ ريت شاهہ جي شايع ٿيل يا قلمي رسالن جي هر سُر ۾ لفظي ۽ اکري مونجهارا ڪاتبن ۽ ڪلام سهيڙيندڙن جي عدم توجهي يا سندن ٻوليءَ تي دسترس نہ هئڻ يا لطيف جي سوانح کي خيال ۾ نہ رکڻ يا سندن فڪري ۽ شعوري مقام کي خاطر ۾ نہ آڻڻ يا تاريخي ۽ جاگرافيائي ٿاڻن ٽڪاڻن ۽ حالتن کي محفوظ نہ رکڻ سبب اهڙي قسم جون سهوتون موجود آهن. جيڪي هڪ ٻگهي عرصي جي ڪري غلط العام صحيح جي برابر ڪري ليکيون وڃن ٿيون. جن جي اصلاح ۽ صحت جي وڏي ضرورت آهي. ان طرف پڻ اسان سيني کي توجهہ ڏيڻ گهرجي تہ جيئن هن عظيم شاعر جي ڪلام ۾ ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪو سُقم نہ رهي. ڇاڪاڻ تہ لطيف ۽ سندس ٻولي اسان جي وجود جي سڃاڻپ آهي، ۽ لطيف هڪ اتهاس جو نالو آهي، جيڪو تاريخ ۾ اسان کي پنهنجو مقام ڏيکاري ٿو.

ڊاڪٽر هدايت پريم

# سُر سارنگ جو لساني جائزو

لطيف سائينءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي عمل کي نهايت ئي تيز ۽ تکڙو بنائي، ان کي نيست و نابود ٿيڻ کان بچائي ورتو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هزارن لکن جي تعداد ۾ سهڻا لفظ، ترڪيبون، اصطلاح ۽ پهاڪا نهايت دلپزير انداز سان ڪم آندا اٿائون. لفظن جي سهڻي نموني استعمال سان نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ رچاءُ، ترنم ۽ لئہ ۾ هڪ طرف بي پناهہ اضافو آيو تہ ٻي طرف لفظن کي نيون نيون معنائون پڻ بخشيائون. لفظن کي بهترين موقعي محل سان موتين جيان جڙاءُ ڪيو اٿائون. ساڳي وقت "لفظ" جي حرمت پڻ برقرار رکي اٿائون. ائين ڪرڻ سان سنڌي ٻوليءَ کي هڪ آبرومند پد تائين پهچايو اٿائون.

اٽڪل ٽي سو ورهيہ اڳ جڏهن شاه صاحب جو جنم ٿيو هو، ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ صاحب شاعري ڪئي. سنڌن ٻولي نہ صرف لکت جي صورت ۾ پر راڳ وسيلي پڻ اسان تائين پهتي آهي. وقت گذرڻ سان ان ۾ ڪافي تبديليون ٿي چڪيون آهن. تاريخ جي مختلف دورن جي ٻوليءَ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

ٻولي جيئن ڳالهائبي هئي تيئن لکبي ۽ پڙهبي هئي. يعني تہ عوام جي ٻولي ۽ پڙهيلن جي ٻوليءَ ۾ فرق ڪونہ هئو. انهيءَ فرق نہ رکڻ خاطر ئي عالمن ۽ پڙهيلن گهڻو ڪري لفظ ائين ٿي لکيا جيئن سڄي عوام ۾ ڳالهائبا هئا.(١) سر سارنگ ۾ اهڙا ڪجهہ لفظ موجود آهن جن جو عوامي روپ اختيار ڪيل آهي. ڪجهہ مثال هت پيش ڪجن ٿا.

بر وٺا، ٿر وٺا، وٺو جيسر مير.

هت "جيسلمير" جي جاءِ تي عام اچار "جيسر مير" ڪم آيل آهي.

* مهت ڏيندس مولو، ات بديون بخشائيندو.

هن سٽ ۾ اصل لفظ "مولٰي" جو عوامي روپ "مولو" استعمال ڪيل آهي.

* اندر جهڙ جهور وهي، ٻهر برسي بوند پار. هن سٽ ۾ "ٻاهر" لفظ جو عوامي اچار ٻهر ڪم آيل آهي.

## سر سارنگ جو صوتياتي جائزو:

ٻوليءَ جا لفظ جيئن تہ آوازن تي مشتمل آهن، آواز ئي ملي لفظ کي جنم ڏين ٿا، ٻوليءَ جي آوازن ۾ تبديلي لسانيات جي ماهرن وٽ وڏي اهميت رکي ٿي. ٻوليءَ ۾ آيل آوازي تبديلين جا رخ ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ ارتقائي مرحلن جي نشاندهي ڪن ٿا. ڪهڙا آواز لفظن ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن داخل ٿيا؟ يا ڪهڙا آواز ڪڏهن ۽ ڪيئن لفظن مان حذف ڪيا ويا؟ اهڙا سوال ٻوليءَ جي تاريخ مرتب ڪرڻ لاءِ نهايت اهم آهن. هڪڙن آوازن جي جاءِ ٻين آوازن ورتي، اهڙي تبديلي پڻ اهم آهي جنهن جو غور سان اڀياس ڪرڻ ضروري آهي. شاهہ صاحب جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي لفظن م آوازي تبديلي اچي چڪي آهي. اهڙين آوازي تبديلين جا ڪجهہ مثال سُر سارنگ مان پيش آهن:

* نظارو نروار، پي پسايو پانهجو، "پانهجو" لفظ مان (آ) سُر اڄ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود نہ آهي، اگ هوندو هو.

* اڄ پڻ اتر پاري ڏي، تاڙي ڪي تنوار

* اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪي چوٽي.

هن سٽن ۾ "ڪي" لفظ اهڙو آهي جنهن کي اڄ اسان "ڪئي" چئون ٿا يعني تہ هن لفظ جي وچ ۾ /ئہ/ يا /ا/ آواز داخل ٿي چڪو آهي.

* اگهڻ تازي، ٻهر ڪنڌيون پڪا پٽ سونهن.

"ٻهر" لفظ ۾ /آ/ سُر داخل ڪري "ٻاهر" لفظ بنايو ويو آهي، جيڪو اڄڪلهه مروج آهي.

*پوڄاڙي پٽن تي، ڏِس نايائون نار

"پوڄاڙي لفظ جي /ڄ/ آواز کي /ي/ جي آواز ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ مروج لفظ بڻيو آهي، "پوياڙي".

* سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڃين جي،

*وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

هنن سٽن ۾ "لهيج" ۽ "وسائيج" جي وچ ۾ /اي/ سُر هاڻي حذف ٿي چڪو آهي انهن جي جاءِ تي "لهج" ۾ "وسائج" رواج ۾ آهن.

* لاهئين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

هن سٽ جي "لاهئين" لفظ جي جديد صورت "لائين" ٿي چڪي آهي، يعني تہ هاڻ "لاهڻ" مصدر مان "امر" لاهہ" ۽ ماضي "لاٿو" درست سمجهيو وڃي ٿو.

* سپون جي سمنڊ ۾، نئين سڄ نهارين،

"سڄ" لفظ شاهہ صاحب اڪثر ڪري /ڄ/ آواز سان ڪم آندو آهي، /ڄ/ آواز جي جاءِ تي اڄ جي سنڌيءَ ۾ /ج/ آواز موجود آهي.

* ڪامل ڪپاهن ۾، پئي نار نران.

* ڪامل ڪپاهن ۾، نہ جهپ اڃي جهات.

"ڪپاهہ" لفظ ۾ پڻ پراڻي وقت ۾ /آ/ سُر وچ ۾ هيو. جو هاڻ حذف ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو تہ "اوائلي دور واري سنڌي ٻوليءَ ۾ "هہ" سان "مرڪب اُچار" ڪين هئا يا نسبتاً گهٽ هئا. اهي اُچار پوئين ويجهي

دور ۾ وڌيا. (٢) يعني تہ ماضيءَ جي ڪيترن "اوسرگ" آوازن ۾ بعد ۾ وسرگائي شامل ڪري وسرگ آوازن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. اهڙا هوندئن تہ گهٽائي مثال شاهہ صاحب جي ڪلام مان ملندا، پر سر سارنگ ۾ هڪڙو ئي مثال ملي ٿو:

* اکيون ميگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو.

* آئي مند ملار، آءٌ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

هن سٽن ۾ "ملار" لفظ جي /ل/ آواز ۾ وسر گائي شامل ٿي چڪي آهي ۽ اڄ جي سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي "ملهار".

بلڪل اهڙيءَ طرح "نون غني، وارا آواز پڻ قديم زماني ۾ نسبتاً گهٽ هئا(٣). سارنگ مان اهڙو مثال پيش ڪجي ٿو:

* منداڻتي مينهن جي ڪوڻ نہ ڪوٺي.

* مون کي ڪوڻ خوش، ڪيو جا ڪڪر ۾ ڪاري. "ڪوڻ" لفظ شاه جي زماني ۾ نون غني سان استعمال نہ ٿيندو هو. پر هاڻ نون غنو داخل ٿي چڪو آهي.

* ابون ڪڪر ڪيڙيون، اتر ڏي آهين،
ڪري آگم آئيون، تہ مند نہ متائين،
متان لوڪ لطيف چئي، گوندر گنوائين،
پلر پيارين، اجيين آب اگوندرو.

هن بيت ۾ "آهين، متائين، گنوائين، ۽ پيارين" لفظن جي وچ ۾ /اِي/ سر ماضيءَ ۾ موجود هئو پر هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ هي لفظ "آهن، متائن، گنوائن، ۽ پيارن" جي صورت وٺي بيٺا آهن.،

## سر سارنگ جو حرفياتي جائزو:

لفظ نوان نوان روپ ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح اختيار ڪن ٿا تنهنجو تعلق صرفيات سان آهي. لفظن ۾ اڳياڙيون، وچياڙيون ۽ پڇاڙيون

ملائڻ سان لفظن جا ٻيا گرداني روپ سامهون اچن ٿا. هت سر سارنگ جي چند صرفياتي بناوتن تي روشني وجهجي ٿي:

سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙيون، اسمن، فعلن توڙي ظرفن سان ٻ لاڳو ٿين ٿيون، ساڳئي وقت ٻٽو ضميري پڇاڙين جو نظام پڻ موجود آهي. سر سارنگ ۾ ضميري پڇاڙيون هن ريت آهن:

١ - "م" پڇاڙي ضمير متڪلم لاءِ.

* جهڙن جهونگاري، لاٿم، ڪٿ قلوب تان = لاٿم.

* ڪلمي ساڻ ڪاٿي، لاٿم ڪس قلوب تان = لاٿم.

٢ - / ءِ/، /اين/ ۽ /ائي/ پڇاڙيون ضمير حاضر واحد لاءِ.

* هنيئڙا ڪَپُ مَ ڳَجِ، سگها ملندءِ سپرين = ملندءِ.

* تہ هوند راتو ڏينهن، بس بودنيون نہ ڪرين = ڪرين.

* ڪانڌ سويري نہ ڪيئيءِ پکي جي پرن = ڪيئيءِ.

* سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار = ڪرين.

٣ - /ئين/، /س/ پڇاڙيون ضمير غائب واحد لاءِ.

* ڏيئي ريج راڻڪ کي، ڪيائين لوتڙيءَ تي لَلَ = ڪيائين.

لار لائيندي وچڙا، پنڙس پنياوار = پنڙس.

۴ - /اين/، /ائون/ ۽ /ن/ پڇاڙيون ضمير غائب جمع لاءِ.

* ڪري آڳم آئيون، تہ مند نہ مٺائين = مٺائين.

* لاٿائون لطيف چئي، وانديين مٿان وير = لاٿائون.

* موٽي مانداٽي جا پري ڪيائون پر = ڪيائون

* انر ڊاهي ان جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن = ڪن.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ ۾ قديم زماني جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏار ٻيڻل حرف اضافت (جو، جي وغيره) ۽ حرف جر (کي، ۾ وغيره) بدران

گڏيل سٽاءَ واريون اضافي ۽ جري ترڪيبون زياده استعمال ڪيون وينديون هيون.

شاهه جي ڪلام ۾ پڻ اهڙيون گڏيل ترڪيبون جهجهيون ملن ٿيون. سر سارنگ مان چند مثال پيش ڪجن ٿا.

* ساوڻ پسي سرتيون، سڄڻُ ساريو مون.

(مون سڄڻ کي ساريو).

* بر وٺا، تر وٺا، وٺي ڪيچ ڪنار،

(ڪيچ ڪنار بہ وٺي).

* وچڙيون پرپات، موٽي مصر آئيون.

(وچڙيون پرپات جو موٽي آيون)

* ائن سي ابن انگيا، جيئن سي چُنيءَ چِٽَ.

(چُنيءَ جا چٽ)

* آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،

(ابر جي آسري).

* اگڻ آئيو ٿيءُ، تہ يوليا ڪنهن ڍنگ ٿيان.

(اگڻ ۾ آءُ).

* پنندي پرڏيهه، تن سوين ٿئي شرم.

(سوين کي شرم ٿئي).

* جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلبَ قرار.

(قلب کي قرار ٿيو).

* وڏ ڦڙي واڪو ڪيو، اٺو اوتاري.

(اوتاري تي اٺو)

* تو پئڪا مون ساهرا، ڪوڻ پلايو رَسُ.

(توکان پيڪا ۽ مونکا ساهرا)

* آگم ڪيو اچن، سجڻ سانوڻ مينهن جئن
(سانوڻ جي مينهن وانگر)
* آئي مند ملار، اڏ کهنبا ڪندس ڪپڙا.
(ملهار جي مند)
* موڪل تي مينهن ڪي، دوست هٿان دلدار.
(دوست جي هٿان).

/اَن/ پڇاڙي ملائي حرف جر جي ترڪيب پڻ سر سارنگ ۾ ملي ٿي. مثال هن ريت آهن:

* تہ اچي اڱڻان بهار، سرلا ڪنديون سڏڙا.
(اڱڻ تي بهار)
* پهري پٽنئان، پريائين ڪُن ڪراڙ جا.
(پٽن تان)
* پاچا ٽئان پئي، ٽيو آڳاٽئان اڳرو.
(پاچاٽن کان ۽ آڳاٽن کان).
* اتران تي آئيو، تنهن ڪڪر لاتم ڪس
(اتر کان)

سنڌيءَ ۾ "يون"، "يو" "اِيءَ ۽ "اي" پڇاڙيون ملائڻ سان فعل معطوفي ٺهندو آهي. ماضي معطوفيءَ جا چار نمونا. پيرومل مهرچند هن ريت ڄاڻايا آهن:

١ - لالڻ ليئڙو پايون هليو ويو.

٢ - لالڻ ليئڙو پايو هليو ويو.

٣ - لالڻ ليئڙو پائي هليو ويو.

۴ - لالڻ ليئڙو پائي ڪري هليو ويو.

سر سارنگ جا فعل معطوفي هيٺ ڏجن ٿا:

* ساوڻ پسي سرتيون، سڄڻ ساريو مون

"پسي" لفظ ۾ "اِي" سر پڇاڙيءَ طور ڪم آيو آهي.

* آڳم ڪري آئيون، پائر پري پير.

ڪري لفظ ۾ "اي" سر پڇاڙيءَ طور ڪم آيل آهي.

* سارنگ سينگاري، وڃون وسڻ آئيون.

"سينگاري" لفظ ۾ "اي" سر پڇاڙي آيل آهي، جيڪا ماضي معطوفيءَ جي نشاني آهي.

* توکي ساريو ساهه، اکنڊيو آهون ڪري.

"ساريو" لفظ ۾ "يو" پڇاڙي آيل آهي.

* ساريو سپرين کي، لڙڪ ڳلن سين پُون.

سي مر رويو رُون، جن مسافر سپرين.

هن بيت ۾ بہ "ساريو" ۽ "رويو" لفظن ۾ "يو" پڇاڙي آيل آهي.

تصغيريت جو صيغو نہ صرف اسمن سان پر فعلن ۽ ظرفن سان بہ لڳندو آهي. شاهه صاحب جي زماني ۾ عمومي طور اسم تصغير ئي ڪم ايندا هئا. سر سارنگ مان تصغيريت جا مثال هن طرح آهن:

* وسايو واٽڙين تي، ٿو خالق ڪنڊ پري.

واٽ + ڙي = واٽڙي جمع واٽڙين.

* آءُ لالڻ موتي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا

ڏينهن + ڙو = ڏينهڙو، جمع ڏينهڙا.

* روضي تان رسول جي، ڪيو وڄڙين وارو.

وڄ + ڙي = وڄڙي، جمع وڄڙين.

* جي پرين هئڙا ڏور، سي مون کي مينهن ميڙيا

هئا + ڙا = هئڙا.

* لار لائيندي وڄڙا، پنڙس پنيا وار.

پنا + ڙ+ س (ضميري پڇاڙي) = پنڙس.

## سر سارنگ جو نحوياتي جائزو:

سر سارنگ ۾ آيل ٻتا لفظ ۽ تڪراري لفظ هن ريت آهن:

* وٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڌڻ ڪاهي،
* تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندنيئون نہ ڪرين،
* جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهہ ملار.
* ساري ڏهن سامهيون، بولاهيون رايون.
* ٻانهيون ۽ ٻايون، پڪي سونهن پانهنجي.
* ايريون سيريون پانهنجون سُسيون سپ سنپار.
* نفسا نفسي سيڪو ڪري، داتا در ٻوڙندو.
* ڪڙيون ڪتڻهار جئن، وڇون اتر واءُ.
* آندائون آب اڇل، مٿي باغ ٻها ڪري.
* اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا برجن سين.
* مينهان ۽ نيهان، ٻئي اڪر هيڪڙي.
* مند تي منڊل وڇيا، آيو جهڙ جهاٽي.
* ڪامل ڪپاهن ۾، ٻئي نار نران.
* ساڃن سويلو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.
* سنگهارن سڪ ٿيو، لٿي اڄ اسات.
* جهڙ ڦڙ ڏيئي جهات، پُسائينديون پٽيون.
* شمس قمر نہ پاڙيان، سيٽن جي شبيهہ.
* سڄڻ سباجهو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.
* تنهن نوريءَ نوازيون، ڏيئي ڏوٽا ڏيج.
* وڇون وسڻ آئيون، ٻه ٻه ٻڌائون ٻوڙ.
* وڇون وسڻ آئيون، ٽه ٽه مينهن ٽمن.

## سر سارنگ جي ٻوليءَ تي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جا اثر:

سر سارنگ جي ٻوليءَ تي ٿري، اترادي ۽ لاڙي لهجن جو اثر ڏٺو ويو آهي. پهريائين ٿري اثر جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

سر سارنگ جي ٻوليءَ تي ٿر ۾ رائج لهجن جو ڪافي اثر ملي ٿو. ٿر جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سير سنڌ جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪيو آهي. اتي جي جهانگين ۽ سانگين، مارن ۽ پنهوارن جي زندگي جي ترجماني ۽ عڪاسي پنهنجن بيتن ۾ وجد انگيز ۽ روح پرور انداز ۾ ڪئي آهي.

ٿر جو ذڪر ڪندي ٿر جي لهجن جو اثر ٿيڻ هڪ لازمي امر آهي.. هت اهڙيون چند سٽون پيش ڪجن ٿيون جن مان ٿر جي ٻوليءَ ۽ لهجن جو هڳاءُ اچي ٿو:

* پسو جا پٽن ۾، ڪٿوري خوشبو.
* ڀٽ ڀري ڀٽ ڀيون، پاسي پارڪر.
* بر وٺا تر وٺا، وٺيون ترايون.
* بر وٺا تر وٺا، وٺو جيسر مير.
* ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيئي ٿوڪ.
* ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موذي سپ مرن.

سر سارنگ ۾ ڪئي بيت اهڙو ٻه ملي ٿو، جنهن جي ٻوليءَ تي اترادي لهجي جو اثر صاف نظر اچي ٿو. اترادي لهجي ۾ جمع بنائڻ لاءِ "آن" پڇاڙي انهن لفظن جي پٺيان ملائي ويندي آهي جن جي آخري اکر تي زبر هوندي آهي، جڏهن تہ معياري ۽ لاڙيءَ ۾ "اون" پڇاڙي ايندي آهي. مثلاً.

ڪٽ مان ڪٽون (لاڙي) ۽ ڪٽان (اترادي).

سر مان سرون (لاڙي) ۽ سران (اترادي).

سر سارنگ جو بيت هن طرح آهي:

* مينهان ۽ نينهان، ٻئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري تہ ڪڪر ڪن ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آگم اچڻ جا ڪرين.

"مينهان" "نينهان" ۽ "ڪيهان" ٿئي لفظ اترادي لهجي جي نشاندهي ڪن ٿا.

شاه جي ٻوليءَ تي لاڙي لهجي جو گهڻو ئي اثر آهي اهڙا ڪجهہ اهڃاڻ سر سارنگ ۾ بہ ملن ٿا.

١- لاڙي لهجي ۾ "ڪائين" کي "کين" ۽ روئن کي "رُون" ڪري چوندا آهن(٩). سر سارنگ جون سٽون آهن:

* ساريو سپرين کي، لڙڪ ڳلن سين پُون.

* سي مر رويو رُون، جن مسافر سپرين.

٢- شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي ڀيرا "ماٺهو" لفظ جي جاءِ تي "ماڙهو" ڪري استعمال ڪيو آهي، لاڙي لهجي ۾ پڻ "ماڙهو" چيو وڃي ٿو(١٠). سر سارنگ ۾ اهو لفظ موجود آهي.

* سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهہ، مينهون.

٣- "ڇاڇر" لفظ ڊاڪٽر الانا صاحب خاص لاڙ جو لفظ ڪري ڄاڻايو آهي.(١١) سر سارنگ جي هڪ سٽ ۾ ڇاڇر لفظ آيل آهي:

* ڇاڇر ڇنُن ۾، مينهون چرن موڪ.

## سر سارنگ ۾ آيل عربي ۽ فارسي لفظ:

لطيف، سمر، الله، واحد، آب، سيد، روح، قلب، قرار، غم، نظارو، خالق، روضي پاڪ رسول، ڪعبو، عاشق، خوشبو، هادي، حڪم، ناگاهہ، قلوب، ارواح، ستار، سعيو، گمان، وطن، خوش زور، باغ، صراحيون، وارث، رعد، دوست، حيرت، لبن، قريبن، طوق، ارزان، ڪلمہ محب، حال، ڪامل، موليٰ، مطلب، فيل، في الحال، صورت، نور، ڪفار، قادر، قسم، خاڪ، قدم، ڪرم، ڪريم، احمد، دلدار، شرم، شمس، قمر، شبيہ، صبح،

مغرب، عالم آباد، راضي، ورق، حڪم ۽ هڪ قرآني آيت: ولسوف يعطيڪ ربڪ.

## سر سارنگ ۾ آيل ماڳ مڪان

**استنبول:** ترڪيءَ جو مشهور شهر جنهن جو پراڻو نالو قسطنطنيه آهي.

**بيڪانير:** هندستان جو هڪ مشهور شهر آهي ۽ بهاولپور کان اوڀر طرف دنگئي، اڳوڻيءَ رياست جو نالو.

**ڀڄ:** ڪڇ جي گاديءَ جو هنڌ. جيڪو ڪڇ جي حاڪم راءِ ڪنگهار ۱۵۴۸ع ۾ جوڙايو هو.

**ٿر:** سنڌ جو صحرائي علائقو، اصل لفظ ٿل معنيٰ خشڪ ملڪ.

**پاٿر:** ٿر جو وچون حصو.

**ڀپ:** جبل جو نالو، جيڪو شاهہ بلاول جي درگاهہ جي ويجهو آهي.

**ڀَلَ:** ڀٽ شاه جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو.

**جيسلمير:** راجستان جو مکيہ شهر، جيسل نالي هڪ ڀٽي راجپوت ۱۱۵۴ع ۾ ٻڌايو، اتي قلعو بہ جوڙايائين.

**جيلان:** عراق جو مشهور شهر، گيلان بہ سڏيندا آهن.

**جهوڪ:** تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ننڍو پر تاريخي شهر آهي جنهن جو پراڻو نالو ميران پور آهي. هتي حضرت شاه عنايت شهيد جو مقبرو آهي.

**چين:** ملڪ جو نالو.

**خراسان:** ملڪ جو نالو، فارس ۾ عراق جي ايرندي ۾ آهي.

**دکن:** حيدرآباد دکن (ڀارت)، ڀارت ۾ ڏکڻ ۾ هجڻ ڪري دکن نالو اٿس.

**دهلي:** هندستان جي گاديءَ جو هنڌ.

**ڊٽ:** ٿر جو هڪ حصو، ڊٽ يعني واريا سو پٽن وارو ڀاڱو.

**رائڪ:** ڀٽ شاه جي ويجهو هڪ هنڌ جو نالو.

روم: اٽلي جي گاديءَ جو هنڌ. قديم زماني ۾ روم جي سلطنت جو ڏاڪو هنڌين ماڳين وينل هو.

سامارو: ڪوٽ غلام محمد (اڳوڻي جيمس آباد) جو هڪ ننڍو شهر.

سمرقند: ترڪمانستان جو مشهور شهر.

سنڌ: شاهه لطيف جي زماني ۾ پنهنجي ملڪ جو نالو.

عرفات: عربستان ۾ مڪي شريف ويجهو هڪ وادي، جتي مسلمان حج پڙهندا آهن.

عمر ڪوٽ: شهر جو نالو، تاريخن ۾ امر ڪوٽ نالو به آيل آهي.

قنڌار: افغانستان جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

قلات: بلوچستان جي هڪ اڳوڻيءَ رياست جو نالو شهر جو نالو به قلات آهي.

ڪابل: افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ.

ڪامارو: حيدرآباد ضلعي جو هڪ مشهور شهر.

ڪاهو: تعلقي ميرپورخاص ۾ مڪان جو نالو.

ڪڇ: سنڌ جي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ جي ڪناري سان هڪ ملڪ جو نالو.

ڪنيات: ڀارت جي اڳوڻي رياست، ڪنيات جي نار جي مهڙ تي ڪنيات جو شهر پڻ آهي.

گرنار: جهونا ڳڙهه جي ويجهو هڪ ٽڪري، ٽڪريءَ تي راءِ ڏياچ جي محل جا آثار اڃا موجود آهن.

گڙنگ: ڀٽ شاهه کان اڌ ميل پري هڪ مڪان جو نالو، جتي شاهه صاحب هڪ ڪنديءَ هيٺان ويهندا هئا.

لوڙڙي: ڀٽ شاهه جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو.

ماڪاڻي: هڪ مڪان جو نالو.

مصر: هڪ ملڪ جو نالو، انگريزيءَ ۾ Egypt سڏيو وڃي ٿو.

مڪو: مڪة المڪرمہ، مسلمانن جو قبلو مڪي ۾ آهي ۽ رسول ڪريمؐ جن جي جاءِ پيدائش.

ملتان: موجوده پنجاب جي هڪ مشهور شهر جو نالو.

نوٽ: ماڳ مڪانن جي مٿين معلومات لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي جامع سنڌي لغات ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي "شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات" ڇپيل ڪينجهر ۱ سنڌي شعبي جي رسرچ جرنل تان مدد ورتي وئي.

# حـوالا


۱ - بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۱۹۹۰ع ص ۳۱۵.

۲ - بلوچ، حوالو ساڳيو ڪتاب ص ۳۱۸.

۳ - بلوچ: حوالو ساڳيو ص. ۳۱۸.

۴ - جتوئي، علي نواز: علم لسان ۽ سنڌي زبان ۱۹۹۶ع ص ۹۶.

۵ - بلوچ، حوالو ساڳيو ڪتاب، ص ۳۱۵.

٦ - ڀيرومل مهر چند آڏواڻي. وڏو سنڌي ويا ڪرڻ ٻيو ڇاپو ۱۹۸۵ع ص ۱۲۴.

۷ - گرامي، غلام محمد، مهاڳ، "تاريخ ريگستان"
ٻيو ڀاڱو: ليڪڪ، رائچند، ۱۹۷۵ع. ص (ب).

۸ - ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور جي ٻولي ۱۹۹۲ع ص. ۲۲.

۹ - الانا، ڊاڪٽر غلام علي، لاڙ جي ثقافتي ۽ ادبي تاريخ ۱۹۷۷ع، ص ۱۵۸.

۱۰ - بروهي، ڊاڪٽر داد محمد نادم، مضمون "لاڙي محاوري جو لساني جائزو" ڪتاب "لاڙ جو مطالعو" مرتب، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ۱۹۹۱ع ص ٦۵.

۱۱ - الانا، ڊاڪٽر غلام علي، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۱۹۷۷ع، ص ۱٦۴.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# شاهه لطيف جو مجازي عشق

لطيف سائينءَ جي عشقيہ شاعريءَ جو دور مقرر ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. پر تحقيق مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو سندس ڄمار جو اهڙو وقت هو، جڏهن انسان جذبن جي دنيا ۾ سوچيندي، ڪنهن حسن جي پيڪر جي ڳولا ۾ هوندو آهي. اهوئي وقت آهي جڏهن ماڻهو پنهنجي من جي دنيا وسائڻ لاءِ اندر ئي اندر ۾ اهڙو ساٿي تلاش ڪري وٺي ٿو، جيڪو انگين عضوين، قدڪاٺ، گفتار ۽ رفتار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هجي. اهو تصويري پيڪر ۽ ان جي جوڙجڪ جيتوڻيڪ سندس خيالن ۾ هوندي آهي، پر ان جي ڳولا حقيقي دنيا ۾ ڪئي ويندي آهي.

گمان غالب آهي تہ لطيف سائينءَ جي تنهن وقت ڄمار ٢٠ کان ٢٤ ورهين تائين هوندي، جڏهن ڪيس مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ سان نينهن لڳو. انهيءَ دوران جيڪا بہ شاعري ڪيائين سا عشق جي وارداتن ۽ شوق جي شدت سان ڀرپور نظر اچي ٿي. ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ ”سر ڪنڀات، سر بروي ۽ سر پورب ۾ اهائي لات لنئي اٿس. انهن سرن ۾ جتان ڪٿان حسن ۽ عشق، ناز، ۽ نياز، دلڪشي ۽ دلربائيءَ، مايوسيءَ ۽ مبتلائي، انتظاري ۽ بيقراريءَ جي بوءِ اچي ٿي“. (١).

بقول شيخ اياز، شاهه جي عشق جي شروعات هيئن ٿي جو جڏهن مرزا مغل بيگ جي گهر دعا لاءِ ڪيس گهرايو ويو، تڏهن نوجوان لطيف جي نگاهه اوچتو هڪ حسين و جميل دوشيزه ڪي پنهنجي سامهون ڏٺو ۽ ٻنهي جون اکيون هڪ ئي وقت مٽي ڪڇيون تہ ٻنهي دلين ۾ محبت جي باهہ ڀڙڪي اٿي، جنهن جو اندازو فوراً مرزا مغل کي ٿيو، پر مصلحتن ان وقت ٽاري ڇڏيائين. (٢).

شيخ اياز جي مٿين راءِ سان شاه جو شارح ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي بہ سهمت آهي. هو پنهنجي پي ايچ. ڊي جي مقالي ۾ لکي ٿو تہ اها ڳالهہ قرين قياس آهي تہ لطيف ۽ مرزا مغل بيگ جي نوجوان نينگريءَ جون نگاهون هڪ ٻئي سان ٽڪرايون هونديون (٣). پوءِ لطيف سندس، چيچ وٺي دعا ڪئي.

مانواري ڊاڪٽر بلوچ صاحب، لطيف سائينءَ جي مرزا مغل جي حويليءَ ۾ وڃڻ ۽ سندس نياڻي سيده بيگم جي چيچ هٿ ۾ وٺڻ واري واقعي کي ڏند ڪٿا ڪوٺيو آهي. هن جو خيال آهي تہ اها شادي لطيف محض والد شاه حبيب جي خوشي ۽ بيواه عورتن ۽ يتيم گهر کي سهاري ڏيڻ لاءِ ڪئي. اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ لطيف سائينءَ وٽ شاديءَ جي اسلامي زندگي جي هڪ عام شرعي اسم کان وڌيڪ ڪا اهميت ڪانہ هئي. خاص طرح هن مرحلي تي سندس پرٽو نہ تہ ڪا عاشقي جي بوءِ، نہ ڪو افسانوي رنگ هو. (۴) پر مرزا مغل بيگ جي حويلي ۾ لطيف سائينءَ جي وڃڻ واري واقعي ۽ عشقيہ شاديءَ کي مرزا قليچ بيگ قبوليو آهي. (۵).

مانوارو ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي راءِ کي اڳتي وڌائيندي لکي ٿو تہ شاه سائين پنهنجي گهر واري جي سَڏن کان وڌيڪ پنهنجي مخلص فقيرن جي تڪليف کي مهانگو تي سمجهيو. شادي کان اڳ گهر کي ڇڏيو هئائين ۽ گهڻوُ وقت ڪوٺڙي کان ٻاهر پئي گذاريائين. شاديءَ بعد بہ گهر ڪري ڪونہ ويٺو. اڳتي هلي لطائف لطيفي ڪتاب مان حوالو وٺندي بلوچ صاحب چوي ٿو تہ شاه صاحب گهڻو وقت ٻاهر گهمندي پئي گذاريو ۽ جڏهن ڀٽ تي هوندو هو تہ پنجئي وقت نماز جماعت سان پيو ادا ڪندو هو. ان ڪانسواءِ پيو بہ گهڻو سارو وقت گهر مان ٻاهر گذاريندو هو ۽ اندر حويليءَ ۾ جيڪا مسجد سان لڳو لڳ اتران هئي، گهٽ ئي ويندو هو.(٦).

سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شرعي ڄاڻ رکندڙ شادي شده

لطيف کي پنهنجي زال کان ايترو پري ڏيکارڻ وارو رويو خبر ناهي ڇو اختيار ڪيو آهي؟ جڏهن تہ مرزا قليچ لکي ٿو تہ بيبي صاحبہ ڏاڍي نيڪ، سگهڙ ۽ هوشيار هئي. نماز روزي جي پابند ۽ صبح سانجهي قرآن شريف پڙهندي هئي. پنهنجي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي. مطلب تہ جهڙو شاه صاحب پلارو هو تهڙي سندس بيبي پلاري هئي. (٧).

جيڪڏهن ڊاڪٽر بلوچ، درويش لاءِ شاديءَ کان پري رهڻ واري ڳالهہ سامهون رکي آهي تہ بہ اها ڳالهہ پڪائيءَ جهڙي پلاري ۽ محبتي ماڻهوءَ ۽ سندس نيڪ سيرت زال سان نهڪي نٿي.

شادي ڪرڻ ۽ مجرد رهڻ جي سلسلي ۾ ڪشف المحجوب ۾ لکيل آهي تہ درويش تي لازم آهي تہ پهريائين هو پنهنجي معاملي تي سوچي ۽ تجرد جي آفتن ۽ نڪاح جي ذميوارين جو خيال ڪري تہ انهن مان ڪهڙو سندس لاءِ آسان آهي؟ جيڪو آسان هجي ان جي پيروي ڪري، مطلب تہ مجرد رهڻ ۾ بہ آفتون آهن، هڪ سنت جو ترڪ ڪرڻ، ٻيو شهوت جو دل ۾ پرورش پائڻ ۽ حرام جي خطري ۾ پوڻ، نڪاح ۾ بہ بہ آفتون آهن هڪ غير جي پاسي دل جو مشغول ٿيڻ، ٻيو جسم جو نفس جي لذت ۾ مشغول ٿيڻ، جيڪو گهڻن ماڻهن جي محبت اختيار ڪري ان لاءِ نڪاح ضروري آهي ۽ جيڪو ماڻهن (خلقت) کان گوشہ نشيني گهري، ان لاءِ مجرد رهڻ ضروري آهي. (٨).

ڊاڪٽر بلوچ، لطيف سائين جو سندس گهر واري سان رويي متعلق جيڪو رايو ڏنو آهي، اهو هڪ نظرئي جي تہ پنيرائي ڪريٿو پر حقيقت جي بنهہ ابتڙ آهي. ڊاڪٽر صاحب جي راءِ مطابق تہ ائين ٿو لڳي تہ لطيف سائين کي نہ تہ پنهنجي گهر واريءَ سان پيار هو ۽ نہ وري سندس حقن جي ڄاڻ هئي. جيڪو ماڻهو پنهنجي گهر ڀاتين جي حقن جو خيال نٿو رکي، ان مان ڀلا سماجي ڀلائي ۽ خلق خدا جي ڪم ڪار ڪرڻ جي ڪهڙي توقع رکي سگهجي ٿي. ڊاڪٽر صاحب اها ڳالهہ بہ مڃي ٿو تہ

شاه صاحب شريعت جو چاڻو ۽ پابند هو ۽ ڪيس توحيد ۽ رسالت تي بہ پختو ايمان هو. تہ پوءِ پنائي جو اهڙو عمل ڪيئن تي سگهي ٿو.!!

حضرت داتا گنج بخش جي قول موجب مالڪ لاءِ ٻئي راهون ڪليل آهن. وڏيس تہ مجرد رهي ۽ جي چاهي تہ شادي ڪري، پهرينءَ حالت ۾ نفس تي ضابطو رکڻ ضروري آهي ۽ ٻي حالت ۾ غير ذاتهن رغبت رکڻ جو انديشو آهي. پر لطيف سائين وٽ اهي ٻئي حالتون ڪونهن. هن جي مجرد نہ ٻڻجڻ جو پهريون ثبوت اهو آهي تہ هو هڪ اعليٰ پائي جو بزرگ ۽ عوامي سوچ رکندڙ ڏاهو هو. اهوئي دور هو جڏهن هو پنهنجي سگهاري ۽ جاندار شاعريءَ ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ نئين سوچ اوتي رهيو هو. تنهن ڪري هزارن جي تعداد ۾ سندس مريد ۽ معتقد دروازي تي اچڻ لڳا. شاه صاحب ڪو عام ماڻهو ڪونہ هو جو سارو وقت زال وٽ گهر ۾ گذاري ها. سندس والد شاه حبيب جي برقعي متاڻ ڪانپوءِ مريدن ۽ معتقدن سان ملڻ جلڻ، انهن جي مسئلن کي ٻڌڻ ۽ انهن جي حل ڳولهڻ جي جوابداري اجا بہ مٿس وڌي ويئي. اهوئي دور هو جڏهن شاه صاحب پنهنجي زال کي گهٽ ۽ پنهنجي مريدن ۽ عام ماڻهن کي وڌيڪ توجهہ ڏيڻ لڳو ۽ اهو هڪ معتبر فيصلو هو.

مولانا دين محمد وفائيءَ جو خيال آهي تہ شاه سائينءَ کي پنهنجي مغل زال سان ڏاڍو پيار ۽ محبت هئي. (٩).

شاه صاحب سچو صوفي ۽ ساڃهہ پريو انسان هو. هن کي نہ صرف پنهنجي زال جي حقن جي ڄاڻ هئي پر هو ساڻس ڏاڍي محبت ۽ انسيت بہ رکندو هو. سوچڻ جو مقام آهي تہ جنهن پهرين ڪيس عشق جا اسرار، حسن جي حڪايتن ۽ پيار جي پيچرن جي آگاهي ڏني، ان پهرين پيار کان منهن موڙي ڇڏڻ ڪٿان جي ڏاهپ آهي. ها اهو ضروري آهي تہ عاشق پنهنجي من جي ماجرا ۽ سور ڪنهن سان سليندا ناهن ۽ نڪي ڦوڙائي فراق جا ڳوڙها عام اڳيان ڳاڙيندا آهن، سچي صوفيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ ظاهرداري کي ڇڏي حال واري رهڻي اختيار ڪري.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ اها ڳالهہ مڃي ٿو تہ چاڻ وارو سالڪ ذاتي مشاهدن واري حال کي ڏسڪي ۽ انهن کي پڌرو نہ ڪري، هو فراق ۾ پنهنجو پاڻ پچائي پهريائين پنهنجو وجود ۽ هستي وڃائي تہ پوءِ جيڪر محبوب سان وصال واري منزل ماڻي. (١٠).

اصل ۾ لطيف ظاهري عشق ڪرڻ وارين روشن جي خلاف هو. هو باوقار ۽ سليقي مند انسان هو. هن اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿي ڪرڻ چاهي، جنهن سان سندس عشق ۽ محبت واري هستي سڀ جي توجهہ جو مرڪز بڻجي، بلڪہ هن پنهجي پيار کي ايترو تہ لوڪان لڪائي پاڪيزو بڻايو جو ان رشتي ۽ تعلق تائين ڪنهن جي رسائي ڪونہ ٿي سگهي، جيستائين سندس پرين سان پيار جي ثابتي جو واسطو آهي تہ اها سندس ڪلام جي سٽ سٽ ۾ نظر اچي ٿي. ڪوبہ اهڙو سُر ڪونهي جنهن ۾ سونهن، انتظار، بي چيني ۽ بيقراريءَ جون وارداتون موجود نہ هجن:

ساهڙ ڏاران، سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏم پاسي ۾ ڏکندو، محبت وٽ سنگهار،
توڏي سندي تن جي، دوا ۾ ديدار،
جي پسي منهن ميهار، تہ سگهيائي سگهي ٿئي.
(سهڻي ابيات متفرقہ - ٥)

ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاہ جي مجازي عشق کي بہ مڃي ٿو ۽ شاہ جي حقيقي عشق جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو. (١١) انهيءَ ڳالهہ کي سامهون رکندي لطيف جي قوهہ جواني واري دور کي جيڪڏهن مجاز جي پس منظر ۾ نہ ڏسبو تہ حقيقتون لڪي وينديون. پيار ڪرڻ نہ برو عمل آهي ۽ نہ وري حسن جي پرکا ڪرڻ ڪا اهڙي الجهن آهي. جنهن ۾ جڪڙجي انسان پنهنجو ارڪو ترڪو وڃائي ويهي. عشق تہ پاڻ اهڙو عمل آهي جنهن سان رتبي جي سڃاڻ ٿئي ٿي، سماجي گهٽ وڌايون دور ٿين ٿيون ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ راهون کلن ٿيون. ڇا اهو عشق جو ڪمال ناهي

جو نوريءَ لاءِ چام تماچي چارو ڪلهي تي کڻي ٿو؟

ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اڪڙين ۾،
تن تماچي چام جو، ناپون پايوني،
عشق ائين ڪري، جيئن چارو چام ڪلهي ڪيو.
(ڪاموڏ ٢-١٣)

عشق هڪ اهڙو مرغوب مشغلو آهي، جنهن جي لذت جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي ٿي. يعني جيتري جدائي اوتري شدت، جيترو تجربو يا ڪوشش اوتري اڃ ۽ پريشاني، حسن جي ڇُهاء سان موت کان نفرت ٿئي ٿي ۽ زنده رهڻ جو احساس وڌي ٿو. مطلب تہ حسن ذريعي ڪنهن نہ ڪنهن اعتبار سان انساني حياتيءَ کي ماڻڻ ۽ اهم مقصد حاصل ڪرڻ جي ترغيب ملي ٿي. حسن جي ترغيب ۽ ڪشش ۽ عشق جو ايار ٻئي انساني خواهش تي مدار رکن ٿا ڇو تہ خواهش هڪ اهڙي نفسياتي سگهہ آهي، جنهن وسيلي فرد پنهنجين خوشين جو دائرو جيترو وسيع ۽ ويڪرو ڪندو اوترو اهو سماجي مسئلن کي نبيرڻ جي قابل بنبو. ذاتي خواهش جي تڪميل جو دائرو جڏهن اجتماعي صورت اختيار ڪري ٿو، تڏهن هر پاسي خوبصورتي، خوشي ۽ خوشبوءِ جي ورڪا ٿئي ٿي. اهڙيءَ ذاتي خواهش جڏهن اجتماعي صورت اختيار ڪئي، تڏهن ڀٽائيءَ اهڙي تصور کي سامهون رکندي چيو:

بروهو پنيور، آرياڻيءَ آجاريو.
(حسيني: ١-٣)

انسان جون خواهشون جڏهن اجتماعي صورت اختيار ڪن ٿيون، تڏهن چام چارو ڪلهي تي کڻي ٿو ۽ آرياڻي بري پنيور کي اجاري پاڪ ڪري ٿو. پوءِ اهڙو انسان سماج لاءِ روشن ضميريءَ جو مثال بڻجي پوي ٿو ۽ هن جي ذات پوري سماج توڙي پوريءَ ڪائنات ۾ خوبصورتي ۽ سچائي جو سمبل بڻجي پوي ٿي.

انساني ڪردار جي حوالي سان لطيف سائينءَ جون ست سورميون ۽ ست سورما تہ مشهور آهن ئي آهن، پر بروي جي بهادري ۽ رپ سان عشق جا آهيرا، راءِ ڏياچ جو سر ڏيڻ، بيجل جي فن جو ڪمال، ڏونگر راءِ، جادم جکري ۽ سپڙ سخيءَ جي سخاوت، انيراءِ جي ڪُڏائپ، وڳند جا فڪري چرچا، علاؤالدين جي ڪاهہ، ابڙي جي بهادري ۽ سام جهلڻ جا واقعا ۽ ٻيا ڪوڙ سارا اهڙا ڪردار آهين جن جي حيثيت هينئر علامتي صورت اختيار ڪري چڪي آهي.

انهن سيني ڪردارن جي اهميت جو اندازو انهيءَ پس منظر ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن هر موڙ تي عظيم تر ۽ بين الاقوامي مقصدن جي حاصلات لاءِ توڙي پستين کان بلندين تائين پهچڻ لاءِ مادي يا حياتياتي (Biological) خواهش کي گهوري ڦٽو ڪري ڇڏيو. سُر سهڻي ۾ لطيف سائين اهڙا مثال ڏنا آهن:

۱ - گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، مرچُور ٿئي چوڙو، (۱ - ۱۷).

۲ - گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاڻان هو حجاب، (۱ - ۱۹).

۳ - گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، اَسرمَ لاهيچ، (۱ - ۲۱).

انساني زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙا چلينج بہ اچن ٿا، جو هو مقابلي جي سگهہ وڃائي ويهي ٿو. اهڙي ويلي عشق ئي آهي، جيڪو منجهس قربانيءَ جي قوت يا مقابلي جي قوت پيدا ڪري ٿو. لطيف سائين سُر سهڻي ۾ اهڙي ئي صورتحال سٽائيندي چوي ٿو:

ڪنديءَ ايبون ڪيتريون، ساهڙ ساهڙ ڪن،

ڪنين سانگو ساهہ جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن،

ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي. (۱ - ۹).

ڪائنات ۾ انساني قرباني، جاکوڙ ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ ڪلندي ميدان ۾ گهڙي پوڻ سان نہ صرف بلندين تائين رسائي حاصل ٿئي ٿي پر اهڙي روش سان فرد، مادي توڙي روحاني ٻئي خواهشون بہ ماڻي

سگھي ٿو. لطيف سائين ڪائنات جي انهيءَ سوپ ۽ مقصد تائين رسائي جو ذريعو عشق ۽ عورت کي سمجهيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو لطيف جي سماج جي عورت وڏين ويساه گهاتين جي ور چڙهندي به عشق ۽ ارادي جي مضبوطيءَ جي ڪري پاڻ بچائي سگهي آهي. لطيف سائين ڪيس وڏيڪ هوشيار ڪندي چوي ٿو:

ڪرڪو واڪو وس، ويهه مَ مُنڌ ٻنيور ۾.
(سسئي آبري: ٨-٥)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لطيف سائينءَ جي انهيءَ مقصدي ڪردار عورت کي مستقل مزاجي ۽ عشق جو اهڃاڻ سمجهندي چوي ٿو، "ماڻهن ليکي منڌ پر اهو ڪو نينهن جو نعرو آهي ۽ ان تي اعتبار ڪرڻو پوي ٿو." (١٢).

لطيف سائين هڪ سڄاڻ ڏاهو هو، هن کي پوري پروڙ هئي ته مادي مسئلا هجن يا روحاني راز، هر هنڌ عورت ئي آهي، جيڪا پنهنجي خوبصورتي ۽ عشق سان ڪنهن به سماجي تبديلي واري عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ڪري هن عورت جي روشن خيالي ۽ سڄاڳيءَ کي نينهن جي نعري سان علامتائيو (Symbolized) آهي.

عجيب ڳالهه اها آهي ته هن ڌرتيءَ جي عورت اڄ ڪان تقريباً ادائي سؤ سال اڳ به ظلم ۽ زيادتي جو شڪار ٿيندي رهي ۽ اڄ به سندس حقن جي پائمالي ٿيندي رهي ٿي. لطيف سائين سسئيءَ کي سورن جو سمبل به انهن سماجي روين جي بنياد تي بنايو آهي. هوءَ ڄمندي ئي سورن ۾ آئي. مرداني سماج (Male Oriented Society) ۾ نائون مل (سسئي جو پيءُ) جي معاشري محض ان ڪري ڪيس قبول نه ڪيو جو هڪ مرد جوتشي هن جو سگَ ڪنهن غير مذهبي مرد سان ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي. محمد ڪتي (سسئي جو پالينڌڙ پيءُ) ڪيس ان ڪري پنهل سان نه پئي پرڻايو جو اهو پنهنجي ڪُڙم مان نه هو. پنهون پاڻ سان

سندس ڏيرن جا ڏک ۽ ويساه گهاتيون شروع ٿي ويون. پنهل ڏانهن ويندي پنيور جو ڪوبہ مرد ساڻس ساٿي ڪونہ بڻيو. اڪيلي عورت پهڻن جا پنڌ ڪندي هاڙي ڏونگر ۾ ايل پنهوار نالي ٻڪرار جي ڪڏي خواهش کان پاڻ بچائيندي، پهاڙ غار ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آندو. اها آهي لطيف جي سماج جي عورت جي ڪهاڻي، جيڪا هر قدم تي ڏاڍ جو شڪار ٿيندي رهي، پر عشق کيس سرخرو ڪري هميشه لاءِ زندهہ بڻائي ڇڏيو. عورت جي عظمت حديث شريف ۾ بہ واضح آهي تہ هندو بہ عورت جي تقدس جي بحالي جي حوالي سان ماتا ديوي جي پوڄا ڪندا آهن. انهيءَ جي باوجود بہ هتان جي عورت سڱاوتي فيصلي ۾ ڇتي طور جانورن جيان ڪاهي ڏجي ٿي. دشمني جي حالت ۾ ڪن ٻين حالتن هيٺ، هن تي ڪارپ جو ڪارو ٽڪو لائي کيس ڪهاڙين ۽ بندوقن جو ڪاچ بڻائجي ٿو. لطيف اهڙي نفسياتي ۽ سماجي برائي ڏسي خاموش رهڻ بجاءِ عورت جي پنيرائي ڪئي آهي. چوي ٿو:

ڪاري جا قيام سئين، هوت جنهن جو حامي

(ڪنيات : ١ - وائي ٣).

سائين تنوير عباسي انهيءَ وائيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ هتي ڪاري جو مطلب عام سنڌي سماج ۾ استعمال ٿيندڙ ڪارو ڪاريءَ وارو آهي ۽ شاه لطيف ڪاري رنگ کي برائي جي اهڃاڻ ۾ ڪتب آندو آهي.(١٣).

بهرحال اهو طئي آهي تہ لطيف سائين عورت جي عظمت جو پاسدار آهي. هن پنهنجي نظرئي جو بنياد عشق کي ڄاتو آهي ۽ سندس خيال مطابق هن جهان جو بنياد بہ عشق تي ٻڌل آهي ۽ اهائي سوچ انسان کي اڳتي وڌڻ لاءِ اڪسائي ٿي.

# حــوالا


١ - گربخشاڻي هوتچند مولچند ڊاڪٽر: "مقدمہ لطيفي" ورسٽي، پبليڪيشن ڪراچي. ١٩٧٧ع، ص - ١٣٠.

٢ - شيخ اياز: " رسالہ شاه عبداللطيف" سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد ١٩٦٣ع - ص - ٦

٣ - جوتواڻي موتي لال ڊاڪٽر: "شاه لطيف هز لائيف اينڊ ورڪ" دهلي ١٩٧٥ع ص - ٢٦

٤ - بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "شاه جو رسالو" (جلد پهريون) شاه لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاه ١٩٨٩ع ص - ٢٣

٥ - مرزا قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف" ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد. ١٩٧٦ع ص - ٦١

٦ - بلوچ ڊاڪٽر: "شاه جو رسالو" (جلد پهريون) ص ٢٤

٧ - مرزا قليچ بيگ: "احوال شاه عبداللطيف" ص ٢٥

٨ - قادري محمد احمد (مترجم) "ڪشف المحجوب" ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور (چوٿون ڇپرو) ١٤١٣هہ، ص - ٥٦٦ - ٥٦٧.

٩ - وفائي دين محمد: "لطف اللطيف" وفائي پبليشنگ هائوس ڪراچي ڇاپو ٻيو ١٩٥١ع ص - ٩٧.

١٠ - بلوچ ڊاڪٽر: شاه جو رسالو (جلد پهريون) ص - ١٩٩

١١ - گربخشاڻي ڊاڪٽر: "مقدمہ لطيفي" ص ١٢٩

١٢ - جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ: سره ڪتاب حيدراباد ١٩٧٣ع ص - ٥٢.

١٣ - عباسي تنوير: شاه لطيف جي شاعري" شاه لطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي. ١٩٧٦ع ص. ١٢٤ - ١٢٥.

ڊاڪٽر نواز علي ”شوق“ .

# ڀٽائيءَ گهوٽ جي سُر سارنگ جو مُطالعو

معنيٰ: سارنگ سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مور جي ٻولي. ان کان علاوه هڪ راڳڻيءَ جو بہ نالو آهي. سنپورڻ راڳ جي قسمن مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ جا سُر حقيقي معلوم ٿيندا آهن. هيءَ راڳ ٻنپهرن جو ڳايو ويندو آهي. شاسترن ۾ هيءُ هڪ پلارو راڳ ڄاڻايو ويو آهي. هي معنائون شبدِ ساگر (هندي ڊڪشنري) ۽ جان پليٽس جي هندستاني انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ ڄاڻايل آهن. هندي جي مشهور ڊڪشنري ”شبد ساگر“ ۾ سارنگ جي معنيٰ ميگهہ، بادل ۽ ڪنوڻ پڻ ڄاڻايل آهي. موسيقيءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ هن راڳ جي ڳائڻ سان مينهن وسندو آهي. واقعي اها حقيقت آهي، ڇاڪاڻ تہ جن ڪنور جو راڳ ٻڌو، تن جو چوڻ آهي تہ ڪنور جڏهن سارنگ ڳائيندو هو تہ آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويندا هئا ۽ مينهن وسڻ لڳندو هو.

پاڻيءَ سان پريت: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ شاهہ سائينءَ کي پاڻيءَ سان پريت آهي. سريراڳ، سامونڊي، سهڻي، ڪاموڏ، گهاتو ۽ سارنگ ۾ پاڻي ۽ پاڻيءَ متعلق شين جو ذڪر ملي ٿو. انهن سُرن کان سواءِ ڪن ٻين سُرن ۾ جزوي طور پاڻيءَ جو ٿورو گهڻو ذڪر موجود آهي. ٻين پاڻي وارن سُرن ۾ سمنڊ يا درياهہ جو خاص طور ذڪر ڪيل آهي، پر سُر سارنگ ۾ ٻلر جي پالوٽ نظر اچي ٿي، يعني ان ۾ مينهن ۽ ان متعلق شين جو ذڪر آهي.

تمثيل: هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

رح جن جو ڪلام گهڻي ڀاڱي تمثيلي آهي. هن سر ۾ به شاهه سائينءَ مينهن جا مثال ڏيندي اسلامي تعليم جي طرف نه فقط اشارا ڪيا آهن، پر ڪن هنڌن تي ظاهر ظهور اسلام جون ڪي اهم ڳالهيون بيان ڪيون آهن. ٻنهي جهانن جي سردار جيڪو ڪلمو سيکاريو، تنهن کي ڪلمئہ توحيد ۽ ڪلمئہ طيبہ پڻ سڏيو وڃي ٿو. بيشڪ اهو ڪلمو پاڪ دلين تان ڪٽ ۽ ڪارنهن لاهي ڇڏي ٿو. جيئن شاهہ لطيف فرمايو آهي:

ڪلمي سين ڪاٽي، لاٿم ڪس قلوب تان

داستان پهرين جي وائيءَ ۾ شاهہ سائين قيامت جي ڏينهن جو ذڪر ڪندي پاڻ سڳورن جي صفت ۽ ساراهہ بيان ڪندي سندن شفاعت واري مرتبي جو تمام سهڻي نموني ذڪر ڪيو آهي. علماء ڪرام جو چوڻ آهي تہ شفاعت دراصل مقام محمود آهي، جنهن جو الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ ذڪر ڪيو آهي.

**نعت:** نعت گوئي شاعريءَ جو سڀ کان مشڪل قسم آهي، ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ فقط سهڻن لفظن، چست بندشن ۽ بهترين ترڪيبن سان حق ادا نہ ٿو ٿئي، پر ان ۾ زبان ۽ بيان کان وڌيڪ درد دل ۽ سوز عشق جي ضرورت هوندي آهي. ان کان علاوه نعت گوئي ۾ هڪ ٻيو نازڪ مرحلو پڻ اچي ٿو، جتي قدم لڏي وڃن ٿا. اهڙا تمام ٿورا ماڻهو هوندا، جيڪي الوهيت ۽ رسالت جي فرق کي قائم رکي سگهن. بيشڪ سندن بلند مقام کي نعت ۾ پيش ڪرڻ سولو ڪم نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو سڀني نعت گو شاعرن عجز جو اعتراف ڪيو آهي.

امام بوصيري رح کي نعت گوئي ۾ ڪمال حاصل آهي، پر ان هوندي بہ فرمايو اٿس تہ

فان فضل رسول الله ليس له
حد فيعرب عنه ناطق بفم

ترجمو: بيشڪ رسول پاڪ ﷺ جي فضائل جي ڪا حد ئي نہ آهي. بس هر بيان ڪرڻ وارو بيان ڪرڻ کان عاجز آهي.

اصحابِ رسول ﷺ مان حضرت حسان بن ثابت رضہ نعت گو جي حيثيت ۾ وڏو درجو رکن ٿا. خاص طور سندن هي شعر پنهنجو مٽ پاڻ آهي:

و احسن منڪ لم ترقط عيني
و اجمل منڪ لم تلدالنساءُ

يعني: اوهان (حضور ﷺ) کان وڌيڪ سهڻو منهنجي اکين هرگز ڪونہ ڏٺو ۽ اوهان کان وڌيڪ خوبصورت ڪنهن ماءُ ڪو پُٽ ڪونہ ڄڻيو آهي.

سُر سارنگ جي داستان ٽئين جي وائيءَ ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پاڻ سڳورن جي جيڪا صفت ۽ ساراهہ بيان ڪئي آهي، تنهن ۾ صنعت تلميح ۽ صنعت اقتباس جا اعليٰ مثال منظوم ڪيا ويا آهن، تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي:

اڪڙيون ميگهہ ملهار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو

ان وائيءَ جي هڪ مصرع آهي:

چاپڙ وقت چام جي، ڪريا ڪوٽ ڪفار

امام بوصيري پنهنجي مشهور قصيده برده ۾ فرمايو آهي تہ:

و بات ايوان ڪسريٰ وهو منصدع
کشمل اصحاب ڪسريٰ غير ملتعم

سيوطي ۽ حافظ ابو نعيم پنهنجن ڪتابن "خصائص" ۽ "دلائل" ۾ هيءُ مضمون آندو آهي، جنهن جو تَتُ هن ريت آهي:

"حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت واري رات ڪسريٰ جي ايوان ۾ زلزلو محسوس ٿيو ۽ ان جا چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا وغيره.

اها ساڳي ڳالهہ ٿوريءَ ڦير ڦار سان ٻين ڪتابن ۾ پڻ آيل آهي. پر تاريخ جي مستند ڪتابن ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪونہ ٿو ملي. بهرحال، ان جو مطلب هرويرو قيصر و ڪسريٰ جي ايوانن جا ڪنگرا ڪرڻ نہ آهي، پر ان ڳالهہ جو هڪ وسيع مطلب آهي، اهو آهي، ڪفر ۽ ڪافرن جي تباهي ۽ بربادي!

هن ساڳيءَ وائيءَ ۾ هڪ مصرع هن ريت آهي:

سجدو فيل في الحال ڪيو، پسي مُطلب نور نراڙ

ان مصرع جو اشارو ابره جي هاٿيءَ ڏانهن آهي، جو اڳتي وڌڻ بجاءِ، جهُڪي ڪري پيو ٿي. ان هاٿيءَ جو نالو اڳ ۾ تہ ڪو ٻيو هو، پر پوءِ ان جو نالو "محمود" مشهور ٿيو. ساڳي وائيءَ جون ٻہ مصرعون اهڙيون آهن، جن ۾ پاڻ سڳورن جي معراج مبارڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

آڳي سڀ اين جو، توکي ڪاريو سير ستار،
ولسوف يعطيڪ ربڪ*، توسين قادر ڪيا قرار.

ان کان پوءِ ٻين مصرعن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي صفت ۽ ثنا بيان ڪئي وئي آهي:

قادر پاڻ قسم ڪيا، خاڪ قدمن جا ڪلتار

هن مصرع جو اشارو "سورة بلد" ڏانهن آهي، ۽ بيشڪ هيءَ حقيقت آهي تہ:

آهينِ ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ اپار

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهہ سائين حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خاتم النبيين واري صفت بيان ڪندي دعاءِ ابراهيم ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جيڪا قرآن پاڪ جي سورة بقر ۾ موجود آهي.

پاڇاتيان پٺي، تيو آڳاتيان اڳرو،
چڪس سڀ چئي، تڏهن موليٰ مينهن وسايا.

---

* تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو فترضيٰ، تون راضي ٿي ويندين.

**تشبيهون:** هن سُر ۾ شاھ صاحب پنهنجي ديس جي شين کي تشبيهن طور استعمال ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. شاھ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

سارنگ سائي سِٽ، جهڙي لالي لاک جي،
ائين سي اڀن انگيا، جيئن سي چُنيءَ چٽ.

ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ لاک جام ٿيندي هئي، پر چُنيءَ جو رواج عام هو، جيڪو اڄ بہ مقبول آهي. ان کان علاوه کهنبو (ڳاڙهو ڪپڙو) شاديءَ جي موقعي تي ڪنوار کي پارايو ويندو هو، جيڪو رواج اڄ بہ گهڻن هنڌن تي موجود آهي. بلوچ، ڪنوار کي شاديءَ رات کهنبو پارائيندا آهن، پر ڪن ٻين قومن ۾ ڪنوار کي ڳاڙهو وڳو پهرائڻ جو رواج آهي. شاھ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

آئي مُند ملار، آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

يعني ملار جي مُند ٿري عورتن لاءِ شاديءَ جهڙي خوشي هوندي آهي. ڀٽائيءَ وڄن جي وسڻ کي خوشيءَ جو سبب ڄاڻائيندي فرمايو آهي تہ:

وڄون وسڻ آئيون، ڪري لالُ لبيس

**سنڌي سماج:** هن سُر ۾ سنڌي سماج خاص طور ٿري زندگيءَ جون ڪيتريون ئي جهلڪيون نظر اچن ٿيون. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن وٽ مال جام هوندو هو، جنهن ۾ مينهون، ڳئون، رڍون ۽ ٻڪريون اچي وڃن ٿيون، جيئن شاھ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

- چاچر تي چڻ ۾، مينهون چرن موڪ
- ڪانڌ مَ وڪڻ ڪُنڍيون، ترڻ سيوئي ڏار
- ڪُنڍيون ڪاهي گس ڪريو، وڃيون ڪريو واٽ
- مينهون پاڻ مُراديون، تڏا چرن تر
- ڀڄنديون ڀٽاريون، وري وٿاڻن آئيون

- ڪڙن ڪيتا ڇڏئا، جي مڙيون تي مَس
  گابا متي گس، ڏُک نہ ڪندا ڏہرا.
- ساري ڏهن سامهيون ٻولايون رايون
- آيريون سَيريون پاهنجون، سَسِيون سي سنيار
- وٺو مينهن وڏقڙو، ڪيو ڏٽ ڪاهي.

جڏهن مينهن جي مند ايندي هئي تہ گهٽو ڪري مينهن جام وسندو هو.

ڪٽيتي ڪنوڻ ڪيو، چگو چوماسو،
منداڻتي مينهنجي، رُت نہ روڪيائين،
پلر پلٽيائين، گهٽو سانگين سُک ٿيو.

ڪڏهن ڪڏهن وڏ قڙو مينهن وسندو هو ۽ ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏيندو هو ۽ وسڻ کان ماٺ ئي نہ ڪندو هو.

- وسي ٿو وڏ قڙو، ٿهڪن ٿيون تاريون،
- وڄون وسڻ آئيون، ٻهہ ٻهہ ٻڌائون ٻوڙ.
- آنداڻين آب آچل، متي باغ بهار تي،
- سانگين وريا ساهہ، آٿن آب اگوندرو.

مينهن گهٽو وسندو هو تہ سٺي آبادي ٿيندي هئي، گاهہ پٺو جام ٿيندو هو، هاري ٻوڪون ٻوڪيند اهئا.

- ٻج ڪٽي پٽ هليا، هاري منجهان هيج،
- هارين لاءِ هر جاءِ ۾، هاديءَ هُلايو،
  متان ائين پانيو، تہ بادل آهہ بس ڪئي.
- هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار.

اهڙيءَ ريت خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جو دؤر هوندو هو، ڪير، مکڻ جام تي ويندو هو ۽ اَنُ سستي اگهہ تي ملندو هو، سنگهارن ۾ سرهائي اچي ويندي هئي.

- هڪ ارزان آنُ ٿيو، ٻيو مکڻ منجهہ ماٽي،
- مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
- سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق.
- ميها چيڙڦنگيون، جت ٿين سيپئي ٿوڪ.

اهڙي نموني ڏڪارين کي ڏک پهچندو هو، جي مهانگو وڪڻ لاءِ اناج ڪٺو ڪري رکندا هئا، تن جون سڀ اميدون مٽيءَ ۾ ملي وينديون هيون:

- جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
- ڏور ڏڪاريا ٻج، مينهن منهن ڏيکاريو.

هر طرف سُڪر سٺائي آهي. آسمان تي ڪڪرن جا ڪڙڪاٽ ٻہ سُريلا ساز معلوم ٿين ٿا، چڻ سُرندا، سارنگيون ۽ چنگ وجي رهيا آهن. مطلب تہ هر طرف خوشي ئي خوشي آهي. وچون وسڻ آيون آهن، سارنگ سينگار ڪيا آهن، ڪاري ڪڪر ۾ جيڪا ڪنوڻ چمڪي رهي آهي، سا خوشيءَ جو پيغام ڏيئي رهي آهي. جهڙن جي جهونگار، دلين تان مونجهہ لاهي ڇڏي آهي،پاٽيءَ جا وهڪرا ٽي ويا آهن. منهنجي مولا ڏيهہ تان ڏک ڏولاوا ختم ڪري ڇڏيا. برن ۾ بهار اچي ويو آهي. وليون وڻ ڦلارجي ويا آهن. هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ آهي. چوڌاري ڪٿوري خوشبوءِ پکڙجي وئي آهي. اڱڻ تي تازي گهوڙا آهن، ٻاهر ميدان تي ڪُنڍيون مينهون نظر اچي رهيون آهن. سُرهي سيج وڇايل آهي، پاسي ۾ پرين آهي ۽ پوءِ مينهن من ۾ جيڪا موج مچائي ۽ خوشي پهچائي ٿو، تنهن جو ڪو اندازوئي لڳائي نہ ٿو سگهي.

پر ڪڏهن ڪڏهن مينهن ڪونہ وسندو هو تہ مارو ماڻهن کي پنهنجي جُوءِ ڇڏي، مال ڪاهي پري وڃڻو پوندو هو ۽ سندن زالون وچوڙي ۾ ڏکيا ڏينهن گذاريندڀون هيون ۽ اندر ئي اندر پيون جهڄنديون ۽ رئنديون هيون.

● ڪُٽڪن ڪانڌ چِت ڪئو، جهڙ پسئو جهچن.
اُتر ڏاهي ان جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث ورِي تن، اچي شال اولو ڪري.
● سٽيو رڙ رعد جي، ڪليون ٿيون ڪنبن.
● ڪليون ڪين ڪچن، ويچاريون ورن ري.
● سي مرُ رويو رُوَن، جن مسافر سپرين.

پوءِ جڏهن مينهن وسندا هئا تہ سندن وَرَ واپس موٽي ايندا هئا، چڻ بهار جي موسم اچي ويندي هئي ۽ مينهن سندن ملاقات جو سبب بنجندو هو:

● پرين جي پرديس، مونکي مينهن ميڙيا.
● آڳمجي آيون، اُتران ڪري اُور،
جي پرين هُئڙا ڏور، سي مون کي مينهن ميڙيا.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي هن سُر مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو نہ فقط ڀليون مينهون، ڳئون، رِڍون ۽ ٻڪريون ڌاريندا هئا، پر ڀلا (تازي) گهوڙا پڻ ڌاريندا هئا. هتي هرڻ تمام گهڻاهوندا هئا ۽ انهن جي ڌُن مان ڪستوري ملندي هئي. رنگريزيءَ جو فن وڏي اوج تي هو. هتان جا رنگريز پنهنجي فن ۾ وڏا ماهر هوندا هئا. سندن رنگ پڪا ۽ چمڪدار هوندا هئا. ڪپڙو رڱڻ کان اڳ ۾ هو ڳدامڙي ۽ ڪي ٻيون شيون پاڻيءَ ۾ ڳاري هڪ قسم جو تيزاب ناهيندا هئا. جنهن کي "پاهُہ" سڏيندا هئا ۽ رڱجڻ واري ڪپڙي کي اڳ ۾ اُن مان ٻوڙو ڏيندا هئا تہ جيئن ان جو سمورو ميرُ نڪري وڃي ۽ رڱجڻ کان پوءِ ڪپڙي ۾ چمڪ پيدا ٿئي. شاهہ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهہ

يعني مينهن وسڻ کان پوءِ خشڪ ميدان، گاهن ۽ گلن سان رڱجي ويندا هئا. خاص طور چيهو گاهہ عام جام ٿيندو هو. اهو گاهہ اهڙو آهي،جو ان تي پيرين اگهاڙي گهمڻ سان پير ڳاڙها ٿي وڃن، مال

ڪائي تہ مال جو وات ڳاڙهو ٿي وڃي. ڀٽائي رحہ سُرخ رنگ جو ذڪر ڪندي خوشيءَ ۽ قربانيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. قربانيءَ جي علامت شهادت آهي ۽ شهادت ڪاميابيءَ جي علامت آهي.

جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ هن سُر ۾ جماليات جي جهلڪ پڻ نظر ايندي. جماليات جو مک اصول حرڪت آهي. مينهن جو وسڻ، پاڻيءَ جا وهڪرا، گلن ڦلن جون گلزاريون، وڄن جو لال لباس پائڻ ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪڻ، وسڪارا ڪرڻ، جانيءَ جو جُوءِ ۾ اچڻ، سهسين سارنگ ٿيڻ، محبوب جا لال لب ڏسي هندون ڪي حيرت ٿيڻ، اُهي ۽ اُن قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي سونهن ۽ سينگار جا مضمون آٿي، شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام کي جمالياتي رنگ ۾ رڱي چِٽيو آهي. ان کان علاوه هن سُر ۾ ڪٿي ڪٿي شاعرائيون صنعتون پڻ نظر اچن ٿيون. شاهہ صاحب پنهنجي شاعرانہ تخيل جي ذريعي سارنگ جون مختلف معنائون ظاهر ڪيون آهن. ڪجهہ مثال ملاحظہ فرمايو:

- سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جُوءِ ۾.
- وڄون وسڻ آئيون، سارنگ سينگاري.
- سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي.

شاهہ سائين هن سُر جي هڪ ڏکي بيت ۾ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪن ملڪن، شهرن، ڳوٺن ۽ ٻين ماڳن مڪانن جو ذڪر ڪيو آهي، جتي ٻلر جي پالوٽ ٿئي ٿي، خوشي ۽ خوشحاليءَ جو دؤر اچي ٿو. انهيءَ ڏکي بيت جي پڇاڙيءَ ۾ شاهہ سائينءَ جيڪا دعا گهري آهي، تنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ نہ فقط ڪين پنهنجي وطن ۽ وطن وارن سان محبت آهي، پر پاڻ انسانيت جو اعليٰ مثال پيش ڪندي سڄي جڳ جي خوشحاليءَ لاءِ دعا گهري اٿن.

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

# سارنگ سائي ست

سر سارنگ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا برسات جي موسم يعني ساوڻيءَ ۾ ڳائبي آهي. شاهه صاحب هن سر ۾ راڳداريءَ جي فن کان علاوه سنڌي جيوت جي مختلف روپن جون پنهنجي خوبصورت لفظن سان من کي موهيندڙ تصويرون به منعڪس ڪيون آهن، جن کي ڏسندي روح کي راحت ۽ ذهن کي سرور ٿو ملي!.

هارين ۽ چوپائي مال چاريندڙن جي جيوت، جنهن کي شهري ماڻهو قبول ته ڪونه ڪندو پر يقيناً هو ان کي پاسو ڏئي لنگهڻ به پسند نه ڪندو! لطيف سائين جڏهن پنهنجي سحر انگيز لفظن سان انهيءَ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جي خوبصورتيءَ جو نقش ٿو چٽي، ته اها ايتري ته جاذب ۽ دلپزير ٿي لڳي، جو انهيءَ جي لذت ۽ سڪون کان ناواقف انسان به متاثر ٿيڻ کان رهي نٿو سگهي:

اڳڻ تازي، ڀر ڪنڊيون، پڪا پٽ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا ميه وسن،
اسان ۽ پرين، شال! هون برابر ڏينهڙا.

بيت ۾ دهقاني دنيا جي معصوم محبتن ۽ پاڪ تمنائن جي تصوير چٽيل آهي. جنهن جا رنگ ۽ نقش هڪ شفاف ذهن رکندڙ انسان ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. شاعر محبتن جا پرچارڪ هوندا آهن ۽ محبتون حسن جي تخليق جو باعث ٿينديون آهن. توهان سماج ۾ جيتري قدر محبتن جا رنگ پريندا، ڪائنات توهان کي اوتري قدر خوب تر نظر ايندي! انسانيت جو مقصد ڪائنات کي سچاين ۽ محبتن جي رنگن سان

سجائڻو آهي ۽ نہ نفرتن جي گدلاڻ سان. ڪائنات حسين آهي ۽ ان ۾ رنگ پريندڙ مصور تهان وڌيڪ حسين ۽ جميل آهي! خلقڻهار انساني سڪون لاءِ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو امتياز نہ رکيو. پٽ تڏي ڪائنات ۾ موجود رنگ برنگي فطري شين جي روپن جي پنهنجن خوبصورت لفظن سان نقش نگاريءَ جي هڪ لازوال مصوري ڪئي آهي:

سارنگ سائي سٽ، جهڙي لالي لاڪ جي،
اي سي اڀن انگيا، جڻءَ سي چنيءَ چٽ،
برسيو پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪراڙ جا.

ساوڻيءَ جي موسم ۾ جڏهن جهڙ شام جي ويلي اڀون ڪري اسرندو آهي ۽ الهندي ڪان ان وقت مٽس سورج جي روشنيءَ جون لاٽون پونديون آهن. اهڙي وقت ان جو رنگ ۽ جمال هڪ روح پرور نظارو پيش ڪندو آهي، شاهہ صاحب انهيءَ هلڪي سفيد ۽ گلزاري رنگ جي آميزش کي لاڪ جي رنگ سان تشبيهہ ڏني آهي، ٻئي بند ۾ قدرت جي ڪارسازيءَ کي ڪنوار جي چنيءَ جي چٽن سان تشبيهہ ڏنل آهي. بيشڪ! قدرت جي ڪارسازي هڪ روح پرور نظارو آهي، پر هڪ خوبصورت ڪنوار، جڏهن پنهنجي مٿي تي سهاڳ جي هلڪي ڳاڙهي ۽ گلابي رنگ جي چني سجائيندي آهي تہ اهو بہ قادر ڪار ساز جو هڪ شاهڪار ئي نظر ايندو آهي. جنهن کي انساني اندر جون جذباتي ڪيفيتون بار بار ڏسڻ لاءِ پريشان هونديون آهن. بيت ۾ اهڙو حسين ميلاپ ۽ اهو بہ لفظن ۾! شاهہ صاحب جي تصور جي قوت ئي ڪري سگهي ٿي. شايد ڪنهن مصور جي اهڙي مجال نہ ٿي سگهي.

اهڙن ئي شاعرن لاءِ هڪ فلاسافر چيو آهي تہ ديوتا مري سگهن ٿا، ليڪن پاڪيزه محبتن جا سخنور شاعر لازوال آهن. هو موت کان بہ زياده طاقتور هوندا آهن. لطيف سائينءَ چيو "مرڻ مون سين هل، تہ پنيءَ تو پنڌ ڪيان".نطشي چيو تہ هر اها شيءِ حسين آهي، جيڪا شخصيت

ڪي متحرڪ ۽ توانو بنائي ٿي. روشني، ترنم ۽ نرم ڇهاءُ لذت جو احساس پيدا ڪندا آهن. انڪري اهي حسين آهن. سر سارنگ جو هر بيت حسين آهي ۽ فطرت جي رنگن سان مزين آهي. هر بيت جو هڳاءُ مينديءَ جي خوشبوءِ وانگر زندگيءَ جي تڪميل جي لذت جو احساس اجاگر ٿو ڪري!.

ڪڪر منجهہ ڪپار، جهڙ نيٽنئون نہ لهي،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهہ ملهار،
ڪڻ اکيون ڪل يار، وڄن سور سنڌا ڪئو!

سر سارنگ ۾ شاهہ صاحب جتي قدرت جي نظارن ۽ انساني امنگن جون تصويرون چٽيون آهن، اتي سماجي مسئلن جي بہ اپٽار ڪئي آهي. سر سارنگ جي سيني بيتن جو تعلق ٿري زندگيءَ سان آهي، جتي آباديءَ جو دارومدار برسات تي هوندو آهي. جنهن سال برسات نہ پوندي آهي، تنهن سال وياج خورن ۽ ناجائز نفعي خورن جا جاوا هوندا آهن. اهڙيءَ نفعي خوريءَ جي لالچ ۾ اهي سماج دشمن عناصر سهانگو اناج خريد ڪري ۽ ذخيرو ڪندا آهن ۽ وسوڳ نہ هئڻ سبب اهي پنهنجو اناج تمام گهڻو مهانگو وڪرو ڪندا آهن. پر جيڪڏهن برسات وسي پوندي آهي، تہ اهي ذخيري ڪندڙ پريشان ٿي ويندا آهن، ڇو تہ وسوڳ جي ڪري آبادي ٿيندي ۽ اَنُ ارزان ٿيندو. جنهن مان ڪين نقصان پوڻ جو پڪو انديشو ٿي پوندو آهي، انهيءَ ڪري اهڙن ذخيري ڪندڙن جي اها تمنا هوندي آهي، تہ جيڪر وسڪارو نہ ٿئي! ٻئي طرف وري مسڪين عوام هوندو آهي، جن جي قوت خريد ڪمزور هوندي آهي. ان ڪان سواءِ سندن گذر بسر چوپائي مال تي هوندو آهي. لازمي آهي تہ، ٿَر ۾ وسوڳ نہ ٿي تہ گاهہ ۽ ٻوٽا پيدا نہ ٿيندا، جنهن جي ڪري سوڪهڙي ۾ سندن چوپايو مال مري ويندو آهي ۽ ڪيئي پيرا ائين ٿيو بہ آهي. انهيءَ ڪري ٿري ماڻهوءَ جون هميشه اکيون آسمان طرف هونديون آهن.

شاهہ صاحب هڪ حساس دل انسان هو، هن جون همدرديون مسڪين عوام سان هيون جنهن ڪري الله تعاليٰ جي در دعا گهرندي چيائين:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُجن جي،
پاٽي پوج پٽن ۾، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي!

انساني سماج ۾ وياج خور ۽ ناجائز نفعي خور ماڻهو نفرت جي قابل هوندو آهي. هو هٿ سان بہ شين کي منجمد ڪريو ۽ ڏڪار واريون حالتون پيدا ڪندو آهي. هن جي اهڙي عمل جي ڪري انسان ذات وڏي تڪليف ۾ اچي ويندي آهي. سندس اها انسان دشمني ڪنهن بہ عارف انسان کي پسند نہ ايندي آهي. بلڪ خالق ڪائنات کي بہ اهڙو شيطاني عمل ناپسند هوندو آهي. اهڙين حالتن پيدا هجڻ جي ڪري هيڏانهن ڪو عارف انسان قدرت جي جلال کي سڏ ڪندو آهي، تہ هوڏانهن فطرت جي سگهہ کي جوش ايندو آهي ۽ اجايل علائقن ۾ وسوڳ ٿيندي آهي:

حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ سانڍ ڪجن،
وڃون وسڻ آئيون، ته ته ميهہ ٿمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي تا هٿ هڻن،
پنجن مان پندرهن ٿيا، اي تا ورق ورن،
ڏڪارئا ڏيه مان، شل! موذي سڀ مرن،
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چي سين، آهہ، توهہ تنهنجو آسرو!

هن بيت ۾ مينهن جي پوڻ جو ذڪر آهي، جنهن سان زمين زرخيز ٿيندي آهي. ڏڪر پيدا ڪندڙ جو ذڪر آهي، جنهنکي شاهہ صاحب موذي لفظ سان سڏيو آهي. ان کان سواءِ هن وطن دشمن ڏڪارئي کي شاهہ سائينءَ پاراتو بہ ڏنو آهي. وسوڳ کان پوءِ ڏڪر وجهندڙ کي نقصان پوڻ جو پڪو امڪان آهي. جنهن ڪري لطيف سائينءَ هن کي ملڪ ڇڏي وڃڻ

لاءِ چيو آهي. پوين ہن سٽن ۾ ويچارن پنھوارن جي اميدن ۽ سنڌن مشورن جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ شاھہ عوام جي ڪاميابين لاءِ دعائون ﺑﮧ گھريون آھن.

هاڻي هن تصوير جي پس منظر تي غور ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ هزارن سالن کان هڪ آباد ۽ زرخيز ملڪ رهيو آهي. دريائي شاخن جي چار هجڻ جي ڪري هر هنڌ انساني جياپي جون شيون خود بخود پيدا ٿينديون هيون. جنهن ڪري هتي جو ماڻهو نہ رڳو پنهنجو پيٽ پريندو هو پر ڏيساور ڏانهن بہ مال موڪليندو هو. ليڪن لطيف سائينءَ جنهن موزيءَ جي ڳالهہ ڪئي، اهو ڪٿان آيو! اهو بہ سچ آهي، تہ سنڌ جي خمير ۾ اهڙي ڪابہ ملاوٽ ڪانهي، جنهن سان ڪنهن ملڪ دشمن يا انسان دشمن جو جنم ممڪن ٿي سگهي. پر اهو بہ سوچڻو آهي تہ لطيف جهڙي دانشور انسان جي قوت مشاهد اجائي تہ ڪانهي! ان کان سواءِ سماج دشمن ماڻهو اڄ بہ موجود آهن جن جي اصليت جو پتو لڳائڻ ضروري آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو، تہ جيئن پيون شيون درآمد ٿينديون آهن، اهڙيءَ طرح سماج ۾ ڏوهہ بہ درآمد ٿي سگهن ٿا يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي تہ پوءِ اڇو تہ انهيءَ ڪڌي ڪردار جي کوج لڳايون. هن لاءِ هڪڙو عرض ڪرڻ ضروي ٿو سمجهان، تہ وطن دشمن عناصر رندن ڊاهڻ جا ماهر هوندا آهن. هنن تاريخ جا اهڙا ورق ئي ساڙي ڇڏيا هوندا، جن مان هنن جي ڪڌن ڪردارن جو پتو پوندو هجي. هائو پر اسان کي نااميد نہ ٿيڻ گهرجي، ان ڪري اچو تہ تاريخ جي آخري موڙ تائين هلون، جيستائين اسان جي نظر پوي ٿي. چچ نامي جي حوالي سان عرب مؤرخن جون شاهديون آهن، تہ ”عربن جي اچڻ کان گهڻو اڳ سنڌ هڪ خوشحال ۽ دولتمند ملڪ هو. راجا سهيرس (۴۵۰ - ۶۵۰ع) وٽ تمام گهڻا خزانا ۽ پوريل ناڻا هئا. هن گهراڻي جا حاڪم عادل، سخي ۽ بهادر پڻ هئا. هنن جي دور ۾ رعيت گهڻو خوش هئي. برهمڻ حاڪميت (۶۵۲ - ۷۱۲ع) جي دور ۾ بہ معاشي لحاظ کان سنڌ

هڪ خوشحال ملڪ هو". عرب اسلامي نظام حيات ڪٺي سنڌ ۾ داخل ٿيا (٧١٢ع) تاريخ ٻڌائي ٿي تہ عرب حاڪم انتظامي لحاظ ڪان عادل ۽ ملڪي معاملن ۾ مهارت رکندڙ هئا. منصوره ۾ انبن ۽ ڪجن جا باغ ۽ شهر جو جنت جهڙو ماحول ٻڌائي ٿو، تہ سنڌ ڏاڍو خوبصورت ملڪ هيو، جنهن ۾ ڪڏهن بہ ڏکر جهڙيون حالتون نمودار نہ ٿيون. محمود غزنويءَ جا ٻتن جي پيٽ مان جواهرن جي جهولين ڪيڻ وارا حملا بہ شاهدي ڏين ٿا، تہ ملڪ جا خزانا دولت سان ڀريل هئا. سومرن ۽ سمن جي دور (١٠٥٠ - ١٤٥٠ع) ۾ بہ سنڌ خوشحال هئي. حاڪم انصاف پسند، سخي ۽ سورهيہ هئا. انهن جو رويو عوام سان شفيق حاڪمن وارو هيو. جيڪڏهن ڪنهن تاريخ لکندڙ يا واقع نگار ديسي حاڪمن ڪي نظر انداز ڪيو، تہ اهو تعصبانا عمل بہ چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دور ۾ سنڌ جا ساچاهہ وند انسان، ڀٽ ڀان، سگهڙ ۽ شاعر ملڪ ۾ موجود هئا. انهن پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجن حاڪمن ۽ ڏاتارن جي سورهيائي ۽ سخا جي خوبصورت تصوير ڪيي آهي. جنهن مان قطعي واضح ٿو ٿئي تہ انهيءَ دور ۾ سنڌ اندر ڪٿي بہ ڏڪار جون حالتون ڪونہ هيون. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پلا تاريخ جي ڪهڙي دور ۾ اهو جهول پيدا ٿيو ۽ ان لاءِ ڪهڙا عوامل ۽ ڪنهن جا ڪارناما ذميوار آهن. جو سنڌ جهڙي سدا آباد ۽ زرخيز ملڪ ۾ ڏکر جهڙيون حالتون نمودار ٿيون. جنهن جي ڪري ملڪ دشمن عناصر ابري نروار ٿيا.

پندرهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌي حڪمرانن جي گهرو خلفشار جي ڪري اتر جي پناڻن ڪي ملڪ تي حملي ڪرڻ جي همت ٿي، ۽ تاريخ جي انهيءَ بد نصيب موڙ تي پٽريلي ذهن وارن چنگيزين جي نسل ڪي زرعي علائقي ۾ رهندڙ نرم ۽ نازڪ قوم جي قسمت تي حڪومت ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو. اهڙيءَ طرح اها ڏاڍ ۽ دهشت گرديءَ واري حاڪميت سنڌ تي تقريباً ساڍا ٽي سو ورهيہ قائم رهي. هن ڊگهي ۽ بد ترين دور ۾ سنڌ جي ميداني علائقي ۾ ڪيئي محرڪ عمل ۾ آيا. همايون

بادشاھہ دھليءَ کان ياڄ ڪائي سنڌ جو رخ ڪيو، تہ ھتي جي حاڪم شاھہ حسن اَرغون بيئل فصل باھيون ڏياري تاراج ڪرائي ڇڏيا، ان لاءِ تہ جيئن ھمايون لاءِ سنڌ ۾ ڪشش باقي نہ رھي.

اھڙيءَ طرح فيروز شاھہ تغلق عبدالرحيم خان خانا، نادر شاھہ، احمد شاھہ، مدد خان پٺاڻ، سنڌ ۾ ڏڪر ۽ قھر جو ڪارڻ ٿي نہ آيا تہ تبليغ ڪرڻ آيا ھئا؟ جيئن سنڌن اولاد اڄ بہ چئي رھي آھي تہ ھو اسلام پکيڙڻ آيا ھئا.

حقيقت ۾ لطيف سائين رڳو شاعر جو نالو ڪونھي، حالانڪ شاعر ھڪ حساس ذھن ۽ سجاڳ حواسن جو مالڪ ھوندو آھي، پر چاڪاڻ تہ اڪثر سماج جا تورا ماپا رڪندڙ ماڻھو جيڪي اڇي ڪاري جا بہ مالڪ چورائيندا آھن. اھي شاعر کي دنيا جي لاھن چاڙھن وٽج واپار، سياسي ۽ ملڪي معاملات کان گھٽو پوئتي سمجھندا آھن انڪري مون عرض ڪيو، تہ شاھہ صاحب رڳو شاعر ڪونہ ھو، ھو ھڪ اعليٰ بصيرت جو مالڪ ھو، ھن جي شاعري ھمه گير خاصيتن جي حامل آھي. جنھن مان اسان بہ ھزار ورھين جي مذھبي، سياسي، اقتصادي، ادبي، سماجي شعوري ۽ نفسياتي تاريخ جوڙي سگھون ٿا.

آخر ۾ لطيف سائينءَ جي سنڌ لاءِ دعا:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

مددي ڪتاب:


١ - شاھہ جو رسالو: مرتب غلام محمد شاھواڻي.
٢ - بساط، فلسفہ (اردو) ولديورانت:
٣ - سنڌي ثقافت ۽ لطيف. ڊاڪٽر شاھنواز سوير.
۴ - شاھہ، سچل سامي: محمد ابراھيم جويو.

تاج جويو

# سُر سارنگ: دُرست پڙهڻيون ۽ سماجي - فڪري پهلو

اها منهنجي خوش نصيبي رهي آهي تہ اسڪولي جيون ڪان وٺي مون کي سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ لطيف جي شاعريءَ سان چاهہ رهيو آهي ۽ اڄ اهو چوندي فخر محسوس ڪري رهيو آهيان تہ:

يلي ڪري تيوم، هي سگَ باروچن سين،
وجي ڪيچ ڏنوم، پُنيءَ لڳي اُن جي.

سسئيءَ جو "ڪيچ" ڪهڙو هو، اها سسئيءَ کي خبر، پر منهنجو "ڪيچ" تہ "سنڌ" آهي، جنهن جي سڄاڻپ ۽ ساڃاهہ، ڪڇيءَ وهيءَ ۾ ئي لطيف سائينءَ هن نموني ڪرائي هئي:

سائينم! سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سُڪارَ،
دوست مٺا دلدارَ، عالم سڀ آباد ڪرين!

مون مطالعي دوران هميشه عقيدت واري پهلوءَ کان وڌيڪ کوجَ ۽ تنقيد واري لاڙي طرف ڌيان پئي ڏنو آهي، اهوئي ڪارڻ آهي، جو مون شاعر هوندي شاعري گهٽ ڪئي آهي ۽ شاعريءَ تي مضمون وڌيڪ لکيا آهن. شاهہ جي شاعريءَ جي مختلف رُخن تي منهنجا ڪجهہ تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون، منهنجي ڪتاب "باهيون بيراڳين ۾" شامل آهن.

منهنجيءَ زندگيءَ جا بہ سال - ١٩٨٤ع ۽ ١٩٨٥ع، اهڙا سال رهيا آهن، جن منهنجي ذهن جا تاڪَ، "لطيفي اپياس" جي حوالي کان کولي ڇڏيا. اهي بہ سال آءٌ مٺي (ضلعي ٿرپارڪر) ۾ "سنڌيءَ" جو ليڪچرار هوس ۽ اُتي مون کي پرائمري اُستادن، فنڪارن ۽ عام ٿري

مائهن اصلي ۽ سچو لطيف سيڪاريو ۽ پڙهايو. اُن بنياد تي آءٌ دعويٰ ڪري سگهان ٿو تہ جنهن اديب، عالمَ ۽ محقق، شاهہ لطيف جي مطالعي وقت. سنڌي ٻوليءَ جي ٿري، ڪوهستاني ۽ لاڙي لهجن (Dialects) جو اڀياس نہ ڪيو آهي، اهو نہ شاهہ جي ٻولي سمجهي سگهندو ۽ نہ اُن ٻوليءَ ۾ سمايل معنيٰ، مفهوم ۽ رازان ڪي پروڙي سگهندو. شاهہ ”سسئيءَ“ بابت پنج سُر چيا آهن، پر ٿرَ، اُن جي تهذيب، اُن جي تاريخَ، ان جا لوڪ داستان ۽ اُن جو روح، شاهہ صاحب اندازاً ڏهن سُرن ۾ بيان ڪيو آهي، جن مان ” سُر سارنگ “، هڪ اهم سُر آهي.

شاهہ لطيف تي هن وقت تائين جن ڏيهي عالمن، اديبن، نقادن ۽ محققن، فخر لائق ڪم ڪيو آهي، تن ۾ لعلچند امر ڏنومل، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شاهواڻي، مولانا دين محمد وفائي، علامہ آءِ آءِ قاضي، سائين جي ايم سيد، هرومل سدا رنگاڻي خادم، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شيخ اياز، عبدالڪريم سنديلو، نجف علي شاه ڪمترنقوي، منظور نقوي، معمور يوسفاڻي، نياز همايوني، ڊاڪٽر تنوير عباسي، پروفيسر سنتداس جهانگياڻي، ليلارام سنگ وطن مل، چيتمل پرسرام، موتيلعل جوتواڻي، محمد سومار شيخ، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد عثمان ڏيپلائي، ڊاڪٽر ڪمل پياسي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر موتي پرڪاش، عبدالواحد آريسر، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سدايو، ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي، فقير امداد علي سرائي، جگديش لچاڻي، هولا رام هنس ۽ ٻيا شامل آهن. پر جيڪو تنقيدي معيار ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو آهي، اُن مون کي علمي طرح وڌيڪ متاثر ڪيو آهي. شاهہ جي بيتن جي صحيح پڙهڻيءَ، لفظي صحت، نحوي بناوت ۽ لفظن جي ڌاتو ڪوش جي ڏس ۾

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ، مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ، ڪلياڻ آڏواڻيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻين وڏو ۽ جس جوڳو ڪم ڪيو آهي. سندن سوچن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، سندن راين ۽ مفروضن تي تنقيد ڪري سگهجي ٿي، پر سندن پيارَ جي پورهيي، صداقت، علميت ۽ ڄاڻ کي رد نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ شاهہ جي بيتن جون نئين سج نيون معنائون ۽ نوان فڪري پهلو معلوم ٿيندا رهن ٿا.

آءٌ هتي "سُر سارنگ" جي ڪجهہ بيتن جي لفظي صحت ۽ هڪ بيت جي سماجي، فڪري پهلوءَ تي پنهنجي ناقص علم ۽ سمجهہ موجب روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. پر منهنجي ان ذهني مهيءَ ولوڙ، بيتن جي لفظي صحت، سمجهاڻيءَ يا سماجي فڪري پهلوءَ جي بيان کي ڪنهن تي تنقيد نہ، پر هڪ علمي راءِ تصور ڪيو وڃي.

سُر سارنگ جو هڪ عام بيتُ، جيڪو اسان درسي ڪتابن کان وٺي اڄوڪي هن "ادبي ڪانفرنس" تائين پڙهندا ۽ ٻُڌندا آيا آهيون، سو هن ريت آهي:

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگهہ، مينهيون،
"آڙيون" ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سِپون جي سموندَ جون، نئين سج نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي!.

مُون وٽ موجود شاهہ جي نَون (٩) رسالن مان مرزا قليچ بيگ واري رسالي (ص ٢٠٨)، علامہ آءِ-آءِ قاضيءَ واري رسالي (ص ٢٦٠)، ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري رسالي (ص ٣٤٥) ۽ محمد عالم سومري واري شاهہ جي رسالي: الف - ب وار (ص ٣٧۴) تي هن مشهور بيت جي ٻي سٽ هن ريت آهي:

"آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين"

پر شاهہ جي رسالي جي برٽش ميوزم لنڊن جي ڪتبخاني ۾

محفوظ قلمي نسخي (تحقيق ۽ تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ص ٣٣٧) ۽ شاهہ جي رسالي جي ١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ ۾ لکيل ٽن اڳاٽن نسخن جي پيٽي نسخي (تصحيح ۽ تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ص ١٥٦). شاهہ جي رسالي، بمبئي ڇاپي (١٣٤٠هہ: ص٩٦) ۽ شاهہ جي رسالي، قلمي (ڪاتب حاجي محمد: سن ١٢٨٣هہ: ص ١١٨) موجب، اها ٻي سٽ هن ريت آهي:

"آرون ابر آسري، تاڙا تنوارين"

اها تہ هر ڪنهن کي خبر آهي تہ "آڙي" پنڇي جو مشهور پکي آهي، جڏهن تہ "آر"، هڪ جيت آهي، جيڪو مينهن جي موسم ۾ هڪ خاص قسم جو آواز "، زين ...... زين .... زين" ڪيندو آهي.

مٿئين بيت جي تشريح ڪندي، ڊاڪٽر بشير احمد شاد لکيو آهي تہ: "منداڻتي مينهن جي تاڻ ۽ تانگهہ نہ فقط ٿر واسين مارووئڙن کي هوندي آهي، پر ويچاريون مينهون، جن کي سائو گاهہ چرڻي ڏينهن ٿيا آهن، سي بہ سارنگ جي سڪ ۾ ڏٽيءَ در دعاڳو آهن. جهنگ ۾ هرڻ ويچارو بہ ڳچ عرصي کان خستوريءَ جي خُوشبوءِ جو دل کولي واس نہ وٺي سگهيو آهي. روهہ جون آڙيون بہ مينهن مينهن پيون پُڪارين، جهنگ جي جهڳٽن ۾ تاڙي جي تنوار ۾ بہ سارنگ جي سڪ سمايل آهي. سمنڊ جون سپون بہ نئين سج ابر جي آسري، آسائتين اکين سان آسمان طرف پيون نهارين، تہ من سارنگ سار لهي ۽ ڪو ڦڙو ڪين لوهہ مان پارس بڻائي وجهي. هاڻي ڪو ڪکر ڪَر ڪيي ۽ وسڪارو ٿي پوي تہ جيڪر وارا نيارا ٿي وڃن. مارو ويچارا سکيا آسودا ٿي پون، جيئن جانورن، پکين ۽ پرندن لاءِ بہ موج ٿي وڃي".

(ڪتاب: "عرفان لطيف": ڊاڪٽر بشير احمد شاد: ص ١٢٦-٢٧).

هن تشريح ۾ ڊاڪٽر بشير احمد شاد "آڙين" کي "روهہ يعني

جبل جا پکي " ڄاڻايو آهي، جڏهن ته آڙيون نه پر ڪُو نجون، روهه جا پکي آهن. محترم ڪريم بخش خالد، آڙيءَ ۽ مينهن جو تعلق هن طرح ڏيکاريو آهي:

"آڙي ۽ تاڙو پکي، برسات جي علامت سمجهيا ويندا آهن، آڙيءَ بدران ڪن نسخن ۾ "آڙ" لفظ آيل آهي، جنهن پکيءَ جو جسم ته ننڍڙو آهي، پر آواز تڏ جيان تيز ۽ تکو اٿس ۽ اهو پکي هميشه مينهن لاءِ تنواريندو آهي".

(ڪتاب: "شاهه جو رسالو- سنڌ جي تاريخ جو ماخذ": مضمون "سنڌ جا پکي، پسون ۽ حيوان": ڪريم بخش خالد، ص ۴۱).

محترم احمد خان آصف مرحومَ، آڙيءَ جو ذڪر پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن طرح ڪيو آهي:

"تاڙي کي ٻاٻيهو ۽ مينهڻ به چون، آڙي ڪاري رنگ ۽ اڇيءَ ڇهنب وارو پاڻيءَ جو پکي آهي، ٻنهي کي مينهن جي مند ۾ مزو اچي ۽ ڪکر ڪارونيار لاءِ وينا واجهائين. بقول شاهه "آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين". آڙيءَ جي آهـَ ۽ تاڙي جي تنوار ٿي ته، سنگهار ۽ سانگي ماڻهو سنبرندا، چوندا ته مينهن اِجهو ڪي اِجهو آيو"

(ڪتاب: "پيهي منجهه پاتال" مضمون "شاهه جي ڪلام ۾ پکيئڙن جي پچار" احمد خان آصف، ص ۴۵).

آڙيءَ بابت ساڳي ڳالهه، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر به دُهرائي آهي: "مينهن نه رڳو ٻاٻيهي يا تاڙي لاءِ، پر آڙيءَ لاءِ به وڏي اهميت جو حامل آهي، هيٺئين بيت ۾ شاهه صاحب انهيءَ جي طلب جي تصوير، هڪ مصور ۽ محقق جي حيثيت سان ڪهڙي نه سُٺي چِٽي آهي:

"آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين"

آڙي، ڪاري رنگ جو پکي ٿيندو آهي، ڪُڪڙ کان ننڍو ٿيندو

آهي. هي پکي. پاڻيءَ جو پکي آهي ۽ هن جي زندگي پاڻيءَ سان وابسته آهي".

(ڪتاب: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف": ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر: ص ١٥٠).

هن تشريحن ۾ ڪريم بخش خالد، آڙيءَ کي "مينهن جي علامت" سڏيو آهي، احمد خان آصف، تاڙي جي تنوار سان گڏ "آڙيءَ جي آهه" بابت لکيو آهي ته اُن مان مارو ماڻهو سمجهندا آهن ته "مينهن اجهو آيو ڪي آيو" ۽ شاهنواز سوڍر جو رايو آهي ته "مينهن نه رڳو تاڙي لاءِ پر آڙيءَ لاءِ به وڏيءَ اهميت جو حامل آهي".

آڙيءَ جي وصف، احمد خان آصف ۽ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر بيان ڪندي، ان کي "پاڻيءَ جو پکي" سڏيو آهي، جنهن جي تصديقَ، جامع سنڌي لغات مان به ٿئي ٿي:

آڙِي جمع آڙيون (سن: آتِ، آڊ) پاندي پکيءَ جو قسم (ڳچي ڏگهي، رنگ ڪارو)، ٻولاهي - مُرغابي (سن: آڊي).

(جامع سنڌي لغات: جلد پهريون - ص ٣٨).

حقيقت به اها آهي ته "آڙي"، پاڻيءَ جو پاندي پکي آهي ۽ اُن جي نسبت مينهن سان غلط آهي، مينهن لاءِ "تاڙو" پکي تنواريندو ۽ "آر" جيت آواز ڪندو (پڪاريندو) آهي. ڪريم بخش خالدَ، اڙيءَ واري وضاحت ۾ لکيو آهي ته ڪن رسالن ۾ آڙيءَ کي "آڙ" به لکيو ويو آهي، جنهن پکيءَ جو جسم ننڍڙو آهي، پر آواز تڏ جيان تکو ۽ تيز اٿس". اها ڪانئس غلطي ٿي آهي، اهو لفظ "آڙ" نه پر "آر" (آرون) آهي. (ڏسو شاهه جو رسالو بمبئي ڇاپو ١٣٤٠هه ص - ٩٦ ۽ حاجي احمد وارو قلمي نسخو ١٢٨٣هه) ۽ "آر" ننڍڙي جسم وارو پکي نه پر تڏ جي قسم جو جيت آهي، خُود مرزا قليچ بيگ، رسالي جي متن ۾ ته "آڙيون ابر آسري" لکيو آهي، پر حاشيي ۾ "آرون" لفظ ڪم آندو آهي (ڏسو شاهه جو رسالو: مرزا قليچ بيگ: ص

٢٠٨) اچو تہ "اَر" لفظ جي لغوي معنيٰ سند جي عالمن کان پُڇون:

اَر: تڏ، مڪڙيءَ جهڙو جيت، جو دانهون ڪندو آهي.

(لغات لطيفي - قليچ بيگ: ص ١١٢).

اَر - اَرو- اَرا - ور، وٿ، گهيرو، وهڪرو، ڪُن، چڪر

تڏ يا مڪڙي، جا دانهون ڪندي آهي. (لغات قديمي: مرزا قليچ بيگ: ص٢).

اَر َڄ اَرون: جيت جو قسم (جو مينهن يا لڳ جي مُند سنيالي، دانهون ڪري، ۽ اَنن لاهڻ بعد دانهون بند ڪري)، تڏو، ٻندو، مڪڙي.

"اَرون ابر آسري، تاڙا تنوارين"

(جامع لغات سنڌي: جلد پهريون: مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص ٣٨).

هن وضاحت کان پوءِ "آڙيون" واري غلط فهمي دور ٿي وڃڻ گهرجي، ڇو تہ "آڙيون" نہ پر "اَرون" مينهن جي علامت آهن ۽ "اَرون" ئي اَبر جي آسري رهنديون آهن، جڏهن تہ "آڙيون" ، ڍنڍ يا جرَ جا پکي آهن. اَن ڪري، اَئيندي درسي ڪتابن ۾ يا شاهہ جي اپياس وقت، هن بيت کي هيٺين ريت درست ڪري لکڻ / پڙهڻ گهرجي.

"اَرون اَبر آسري، تاڙا تنوارين".

باقي هن بيت جي آخري سٽ: ١٣٤٠هہ، ١٢٨٣هہ ۽ برٽش ميوزم وارن نسخن ۾ "پلرُ پيارين، اُجيين اَب اَگُوندرو" ڪم اَندل آهي، جڏهن تہ مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ، علامہ آءِ آءِ قاضيءَ ۽ ١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ جي ٽن نسخن جي پيٽي نسخي ۾ "پلر پيارين تہ سنگهارن سڪ ٿئي" سٽ استعمال ٿيل آهي. منهنجو عقل "اُجيين اَب اگوندرو" کي وڌيڪ قابل فهم سمجهي ٿو، ڇو تہ "اُجيين" لفظ وسيع معنيٰ ۾ ماڻهن توڙي جيتن ۽ جانورن لاءِ ڪم اَندل آهي، جيڪي "ابر آسري" رهن ٿا، جڏهن تہ "سنگهارن سڪ ٿئي" ۾ صرف "سنگهارن" جي سڪ جي ڳالهہ ٿيل آهي. ان جو فيصلو يا تہ ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي کي ڪرڻ کپي ها، جنهن

وٽ ڪيترا قلمي نسخا هئا. يا وري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪندو، جيڪو شاهه جي رسالي جي پنجاهي کن قلمي ۽ ڇاپي نسخن جي ڀيٽ ڪري، شاهه جو مڪمل ۽ مستند نسخو تيار ڪري رهيو آهي، يا وري ان جي تصديق "گنج" مان ڪرڻ کپي.

سُر سارنگ جو ٻيو بيت آهي:

موٽي مانڊاڻن جي، جُڙي ڪيائين جوڙ،
وڄون وسڻ آئيون، ٻهه ٻهه ڪري ٻوڙ،
اَنن جا عالم ۾، "لکين ٿيا ڪوڙ"،
سارنگ لاٿي سوڙ، ساندهه سُهائو ٿيو!
(ڪلياڻ آڏواڻي -).

هن بيت جي ٽين سٽَ مختلف رسالن ۾ هن ريت ڪم آيل آهي:

"اَنن جا عالم ۾، لکين ٿيا ڪوڙ" (شاه جو رسالو: مرزا قليچ بيگ: )

"اَنن جا عالم ۾، لڳي ٿيا ڪوڙ"

(١٢٦٩هه ۽ ١٢٧٠هه جو ڀيٽي نسخو: ص ١٦٥)

"اَنن جا عالم ۾، لکين ٿيا ڪوڙ" (شاه جو رسالو: الف بي وار، ص ٦١٥)

"اَنن جا عالم ۾، ڪرن اندر ڪوڙ" (بمبئي ڇاپو: ١٣٤٠هه: )

"انن جا عالم ۾، ڪرن اندر ڪوڙ" (حاجي احمد وارو قلمي نسخو ١٢٣٨هه: )

مُنهنجي نظر ۾ "لکين ٿيا ڪوڙ" ۽ "لڳي ٿيا ڪوڙ" بدران "ڪرن اندر ڪوڙ" جو استعمال وڌيڪ درست ۽ قابل فهم آهي.

"ڪرو" لفظ جي معنيٰ لغت موجب هن ريت ٿيندي:

ڪَرو (سن: ڪَل- ڪَلّ = ڳڻ ڪرڻ) ڪَري، ڀانڊو، گدام، ڏَن.

(تحقيق لغات سنڌي: عبدالڪريم سنديلو، ص ٢٨٤).

ڪَرو ج ڪرا: (سن: ڪلهه: ڏانيم = داڻا) ٻنيءَ ۾ اَن جي ڍڳ رکڻ جي جاءِ، لاباري بعد اَن جي سنگن رکڻ ۽ ڳاهه جي جاءِ، اَنَ جو ڍڳ، ان

جو ڍير، هنبار - انبار - راهہ - ان جو ڍڙو - ڏڙو (اُن جو) - ڍيرو - پانڊو - انبار خانو، ٻارِ وغيره (جامع سنڌي لغات: جلد پنجون : ص ٢٢٢٦، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ).

جامع سنڌي لغات واري مفهوم موجب، "ڪَرو" لفظ، اُن جي ڍيري، راهہ يا ٻارِ جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي، جيڪا ئي صحيح معنيٰ آهي، ۽ ان ريت شاهہ جي بيت جي هن سٽ جي درست پڙهڻي هن ريت بيهندي.

اُنن جا عالم ۾، "ڪرن اندر ڪوڙَ"

جڏهن تہ "لڳي تڻا ڪوڙ" ۽ "لکين تيا ڪوڙ" نہ صرف درست پڙهڻيون نہ آهن، پر شاهہ جي ٻوليءَ ۽ تجنيس حرفيءَ واري استعمال جي بہ ابتڙ آهن.

سُر سارنگ جو ٽيون بيت آهي:

سرلي سُونهن جي، ڪَرڪت سجڻ سپرين،
جي وانديون ورن ري، تن ڪي مينهن سجڻ ميڙيا!

مرزا قليچ بيگ واري شاهہ جي رسالي (ص ٢٢٢) تي اهو بيت ان ريت لکيل آهي، البت حاشيي/ فوٽ نوٽ ۾ "ڪَرڪت" لفظ ڪم آندو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ جي تہ نسخائين پيتي نسخي ۾ پڻ بيت جو مرزا قليچ وارو سٽاءُ قائم رکندي، بيت هن طرح لکيو آهي.

سرلي سُونهن جي، ڳهرڪت سجڻ سُپرين"

البت فوٽ نوٽ ۾ لکيو آهي تہ: اصل "ڪَرڪت" آهي.

"سرلو"، جُهڙ" يا "ملار" کي چئبو آهي، اُن ڪري هن بيت جي پهريٖءَ سِٽ جي اڌ "سرلي سُونهَن جي" جي معنيٰ ڪبي تہ ٿيندي:

"جيڪي سرلي (جُهڙ يا ملاري موسم) ۾ سُونهن ٿا". ان لحاظ

ڪان مرزا قليچ بيگ جي رسالي ۾ موجود باقي اڌ سٽ "ڪَرڪت سڄڻ سپرين" جي ڪا مناسب معنيٰ نڪري ئي نہ ٿي. "ڪَرَ (دشمن) ڪٽ تي ۽ سڄڻ سُپرين" بي معنيٰ فقرو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٿہ نسخائين پيٽي نسخي موجب پڻ "کَھرکَٽ" يا "ڪرڪٽ" جي ڪا معنيٰ نہ ٿي نڪري. اهو معمو يا ڳجهارت، بمبئي ڇاپي (١٣٤٠هـ) ۽ حاجي احمد (ڪاتب) واري قلمي نسخي (١٢٨٣هـ) موجب حل ٿئي ٿي، جنهن موجب بيتَ جو سٽاءُ ۽ لفظي جوڙجڪ هن ريت آهي:

ڪَر ڪٽ سُڄن سُپرين، سرلي سُونهن جي،
جي وانديون ورن ري، تن کي مينهن سڄڻ ميڙيا،

"ڪَر" لفظ جي معنيٰ مختلف عالمن هن ريت ٻڌائي آهي:

ڪَرَ= ڄڻ، گويا، ڪان، ڪنان، ۾ (سنڌي لغات قديمي: قليچ بيگ: ص ٢٣٨).

ڪَرَ= خبر، سُڌ، ڄڻ، جيڪر (شاه جو رسالو: علامہ آءِ آءِ قاضي: معنيٰ جي پٽي ٨٥٣).

مرزا قليچ بيگ ۽ علامہ آءِ- آءِ قاضيءَ، "ڪَرَ" لفظ جي ٽِڙ معنيٰ: "ڄڻ"، "گويا" ۽ "جيڪر" ڏني آهي، اُن ڪان سواءِ ان لفظ جي معنيٰ "مثال" بہ ورتي ويندي آهي. هاڻي ان معنيٰ جي روشنيءَ ۾، شاهہ جي مٿئين بيت جي ان سٽ جو دُرست مفهوم هيءُ وجي بيهندو:

"جيڪر (اُهي) سپرين (هميشه) ڪٽَ تي (پنهنجي گھرِ) هجن، جيڪي سرلي (ميگھہ، ملار جي رُتُ) ۾ سُونهَنِ يا سهڻا لڳن ٿا" ان معنيٰ جي شاهدي، بيت جي ٻي سٽ ڏئي ٿي، يعني "جيڪي ورن (مڙسن) جي غير موجودگيءَ سبب (جيڪي ڏڪار سبب ڪم سانگي ٻاهر ويل آهن) وانديون (اڪيليون) هيون، تن کي مينهنَ، سڄڻ (ڪانڌ، محبوب) اچي ملايا آهن. ائين اِهو "ڪرڪٽ" ۽ کَھرکٽ" وارو گورک مسئلو حل ٿي وڃي ٿو ۽ بيت جي درست پڙهڻي بيهندي:

كَرَ كَٽ سُڄڻ سُپرين، سَرَلي سُونهن جي،
جي وانديون ورن ري، تن کي مينهن سڄڻ ميڙيا.

"سُر سارنگ" جو چوٿون بيت آهي:

ڪاند! تنهنجي پاند ري، سيءَ مران سڀ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپَ نہ اچي جهات،
اچين جي پريات، تہ آءٌ يولا سيءُ نہ ساريان!

هن بيت جي ٻيءَ سٽ جو فقرو "جَهپ نہ اچي جهاتِ" اختلافي آهي. شاهہ جي رسالي جي ٽہ نسخائين (١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ جي) ڀيٽي نسخي (ص ١٦١)، ڪلياڻ آڏواڻيءَ (ص ٣٤٩)، قليچ بيگ (ص ٢١٤) ۽ علامہ قاضيءَ جي رسالي (ص ٢٧٢) موجب بيت جي ٻي سٽ "ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات" ڪم آندل آهي، جڏهن تہ برٽش ميوزم واري نسخي (ص ٢٣٧، بيت نمبر ١٧٤٣) ۾ وري "جهپ نہ اچي جاتِ" لکيو ويو آهي.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ "جهات" معنيٰ "ذات، بنه" (ص ٣٤٩) ڏني آهي ۽ قليچ بيگ پڻ "لغات لطيفيءَ" ۾ "جهات" لفظ "مور، اصل، بلڪل ۽ مطلق" جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. جڏهن تہ عام استعمال توڙي "جامع سنڌي لغات" (جلد ٻئين، ص ٩٤٨) موجب "جهات" لفظ جي معنيٰ ٿيندي، "جهاتي، نظر، تاڪَ، چوريءَ ڇپيءَ ڏسڻ واري عادت". ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "جهات" لفظ جي شاهديءَ طور خليفي نبي بخش لغاريءَ جو بيت بہ ڏنو آهي:

"پرهہ پسندي موتيو، جمل وجهي جهاتِ"

اَن ڪري، منهنجي سمجهہ موجب اهو لفظ اصل ۾ "جهاتِ" نہ پر "جات" آهي، جنهن جي استعمال سان ئي لفظ جي اصلوڪي معنيٰ ظاهر ٿي پوندي، جيئن خود شاهہ لطيف، هڪ هنڌ چيو آهي تہ:

درست نہ آهن، پر رسالي جي ڀين سُرن جي بيتن ۾ ڪيترن لفظن جي صحت دُرست نہ آهي، ۽ پڙهڻيون مبهم ۽ غير واضح آهن. مون پنهنجيءَ سمجهہ، عوامي استعمال ۽ لغتي صحت موجب ان قسم جي تحقيق جاري رکڻ جو ارادو ڪيو آهي. ڪم ڪافي محنت طلب ۽ وڏو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچَ اِن ڪم کي مهم يا پروجيڪٽ طور هٿ ۾ ڪنيو آهي ۽ مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن جون پڙهڻيون ڏيئي، درست پڙهڻيون قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي. جڏهن ڊاڪٽر هہ. م گربخشاڻيءَ، شاهہ جي رسالي جو پهريون جلد ۽ اُن جو مقدمو ڇپائي پڌرو ڪيو هو تہ اُن تي وڏي واهہ واہ ۽ تنقيد ٿي هئي، پر سواءِ پيرومل مهرچند آڏواڻي جي ٻئي ڪنهن نہ مٿس مناسب ۽ صحتمند تنقيد ڪئي ۽ نہ سندس هن اعليٰ قسم جي ڪم جو اعتراف ڪيو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪم پڻ تنقيد جي گهرَ ڪري ٿو، ليڪن اُن لاءِ علم، عقل، ڄاڻ ۽ استند لال جي ضرورت آهي. هن قسم جي ڪانفرنسن کي شاهہ جي بيتن جي روايتي ۽ سطحي قسم جي تشريحن بدران علمي ۽ تنقيدي بحثن ۽ سيمينارن ۾ تبديل ڪري، ڪي نتيجا ڪيڻ گهرجن.

آخر ۾ آءٌ سُر سارنگ جو هڪ بيت پيش ڪري، اُن جي سماجي ۽ فڪري پهلوءَ تي روشني وجهندس:

ٿانور! اُٿي پسُ، ڏيهہَ ڪِنونديِ وِڄڙي،
تنين ڪارڻ وَسُ، جن وَرَمٿي ٻائُرَ ڪيا!

هيءَ بيت بمبئي ڇاپي (ص ١٠٢) ۽ حاجي احمد واري قلمي نسخي (ص ١٢٦) ۾ موجود آهي. بمبئي ڇاپي ۾ پوئين سٽ جو آخري فقرو "وَرَ مٿي بارَ ڪئا" (لاڙي لهجي موجب (ٻائر""يار" کي "بارَ") لکيو ويو آهي، جڏهن تہ حاجي محمد واري نسخي جي پڙهڻي واضح آهي.

ٿانَور! اُٿِي پَسُ، ڏيهہَ ڪِنوَنديِ وِڄڙي،
تِن ڪارَنِ وَسُ، جَنِ وَرَ مَٿِي ٻاوُرَ ڪِئا!

مرزا قليچ بيگ واري شاهہ جي رسالي (ص ٢٢٢) تي اهو بيت وري هن نموني موجود آهي!

وَسُ بادلَ وسُ، تو وسندي وَسَ ٿئي،
تو پئڪا، مون ساهرا، ڪِوڻ پَلايو رَسُ،
تنهين پاڳي وسُ، جَن وَرَ مٿي پائر ڪيا!

هيءُ ساڳيو بيت ١٢٦٩هہ ۽ ١٢٧٠هہ واري ٻـ نسخائين ڀيٽي نسخي ۾ سُر سارنگ جي داستانن جي آخر ۾ متفرق بيت طور موجود آهي، جنهن ۾ "ڪِنوڻ پَلايو رَسُ" بدران "ڪنوڻ پلايو رَسُ" ڪم آندل آهي.

بهرحال اهو هڪ بيت آهي يا ٻہ بيت آهن، ليڪن هتي آءُ رڳو بيت جي آخري سٽ جي سماجي فڪري پهلوءَ تي روشني وجهڻ گهران ٿو، جا آهي:

تنين ڪارڻ وَسُ، جن وَرَ مٿي پائر ڪيا!
يا
تنين پاڳين وَسُ، جن وَرَ مَٿي پائر ڪيا!

گلستان سعديءَ ۾ هڪ فارسي شعر آهي، جيڪو ڪٿي حوالي طور پڙهيو هوم:

چُنان قحط سالِي شُد اندر دمِشقَ
ڪِ ياران فراموش ڪَردند عشق

ترجمو: "دمشق اندر هن سال اهڙو ڏڪار پيو آهي، جو يارن کان عشق ئي وسري ويو آهي".

بک ۽ ڏڪارَ واريون حالتون، ماڻهن جا جمالياتي جذبا ۽ جنسي خواهشون ختم ڪريو ڇڏين. هيءَ هڪ اهڙي سماجي حقيقت آهي، جيڪا سطحي سوچ واري ماڻهوءَ يا شاعر جو مشاهدو نہ ٿي ٿي سگهي، پر عمرانيات / سماجيات جي ڄاڻو، ماهر ۽ عالم شخص جو تجزيو ٿي سگهي ٿي. معلوم ٿئي ٿو تہ شاه لطيف، سماجيات جو وڏو عالم هو. هن

جو سنڌي سماج ۾ اُن جي مختلف پرتن سان گهرو ۽ ويجهو واسطو هو. تڏهن تہ هيءُ مغلن جي طوائف الملوڪيءَ، نادر شاهہ قاچار ۽ احمد شاهہ ابداليءَ جي دور ۾ سنڌ جي ٿيل "اقتصادي تباهيءَ" ۽ "سماجي انتشار" جو گهرو مشاهدو ۽ دردناڪ ۽ ڀيانڪ نقشو پيش ڪري سگهيو آهي:

تنين ڪارڻ وَسُ، جن وَرَ مٿي پائر ڪيا!

يعني: "اي بادل! اي مينهن! انهن ماڻهن، انهن مسڪين ڏڪاريلَ، غريب ۽ بد حال ماڻهن لاءِ رحم جو ڪڪرُ بنجي وس، جن جون ڀيون تہ خواهشون ختم ٿي ويون آهن، پر سندن واسنائن / جنسي خواهشن جي بہ اها حالت وڃي رهي آهي، جو عورتن جي پر ۾ وَرَ (مڙس) سُتا پيا آهن، جڻ پائر سُتا پيا آهن، يعني هنن جون جنسي سَڌون ئي مري ويون آهن".

اَءُ سمجهان ٿو تہ سماجي حقيقت جي ايڏي ڪوڙاڻ، "گلستان سعديءَ" جي مٿئين فارسي شعر ۾ بہ نہ آهي، جنهن موجب "ڏڪار يا قحط ساليءَ جي ڪري، دمشق اندر يارن ڪان عشق ڪرڻ وسري ويو هو" هتي تہ حالت اها آهي تہ سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي لتاڙ ايتري ٿيل آهي، جو زالون وَرن سان سُتل هوندي بہ جڻ محسوس ڪري رهيون آهن تہ پائرن سان سُتيون پيون آهن، يعني سندن جنسي سڌون مڪمل طرح ختم ٿي ويون آهن.

دُنيا جي شاعريءَ ۾ ايڏي مڪمل ۽ اثر دار سماجي حقيقت تي ٻڌل سِٽ گهٽ ۾ گهٽ منهنجيءَ نظر مان نہ گذري آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ نہ رڳو شاهہ صاحب جي سُر سارنگ، پر سڄي رسالي جي شاعريءَ کي اڄوڪيءَ سنڌ جي پس منظر ۾ (ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جي حوالي سان) اپياس ڪري، ڪي نتيجا ڪڍڻ گهرجن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# شاهه لطيف جي ڪلام ۾ زندگيءَ جو فلسفو

١ - انسان ۽ انسان شناسيءَ جي اڀياس جو رڪارڊ هر دور ۾ ملي ٿو. اهو اڀياس چاهي پٿر جي دور جي انسان جو هجي يا تاريخ واري زماني کان اڳ جي انسان جو هجي، اهو مطالعو چاهي تاريخي دور جي انسان متعلق هجي يا همعصر دور جي انسان بابت هجي، انهيءَ موضوع جي اڀياس کي، انسان شناسيءَ يا زندگيءَ جي فلسفي جو اڀياس چيو ويندو آهي.

هن موضوع ۽ هن علم جي مطالعي ۽ تجزئي جا "ماڻ" ۽ ماپا"، ۽ هن علم جي معيار پرکڻ جا قدر ۽ طريقا پڻ هميشه متبا ۽ بدلبا رهيا آهن. آثار قديمه جي ماهرن، هن علم جو تجزيو، علم آثار قديمه جي اصولن ۽ اُهڃاڻن جي روشنيءَ ۾ ڪيو، جڏهن ته علم التاريخ، علم ادب، عمرانيات، علم اللسان ۽ علم الانسان جي عالمن، هن موضوع کي علم ادب، علم اللسان ۽ سماجي توڙي ٻين علمن جي اصولن ۽ نظرين جي "پس منظر" ۾ ڏٺو ۽ پرکيو، لهاذا انهيءَ ساري مواد جي مطالعي کي "انسان شناسي" (Humanities) يا انسان ذات جي فطرت، نفسيات، فلسفي ۽ نظرين جو اڀياس چئبو.

١ - ١. اسان جي اثاثي ادب جي صوفي شاعرن، درويشن ۽ نظريه حيات جي مفڪرن توڙي همعصر دور جي اديبن ۽ شاعرن، "انسان شناسيءَ" جي موضوع ۽ فلسفي تي گهڻو ئي ڪجهه لکيو آهي، ۽ چيو آهي. انهن شاعرن ۽ اديبن، پنهنجي پنهنجي زماني جي ماحول، ماڻهن ۽ اُنهن جي مسئلن، خواهشن، ضرورتن ۽ سندن نفسياتي جذبن ۽ ڪيفيتن کي، اشارن، ڪناين، استعارن، تمثيلن ۽ علامتن ذريعي سمجهايو آهي،

انهن جي وضاحت ڪئي آهي، انهن جي حقيقت نگاري ڪئي آهي ۽ انهن جا منظر چٽيا آهن. انهن شاعرن ۽ اديبن پنهنجي پنهنجي سماج ۽ سماجي ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي، ۽ عام ماڻهن جي مختلف طبقن ۽ انهن جي سماجي قدرن، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي پهلوئن تي روشني وڌي آهي، ۽ انهن کي نمايان ڪيو آهي.

١-٢. هر شاعر يا اديب، پنهنجي عوام کي، سندن ئي ٻوليءَ ۾ مخاطب ٿيندو آهي. هو (شاعر يا اديب) سندن روزاني زندگيءَ، سندن جيوت جي طور طريقن، سندن احساسن، امنگن، جذبن ۽ نفسياتي ڪيفيت کي، سندن ئي ٻوليءَ ذريعي، واضح ڪندو آهي. مطلب تہ اهڙيءَ شاعريءَ ۽ اهڙي ڪلام مان، ان خطي ۽ ان خطي جي ماحول، ان خطي جي عوام جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، گذر ۽ معاش، اتي جي ريتن رسمن، سماجي قدرن، ذهني رجحانن، جذبن، احساسن ۽ قومي مزاج جو پتو پوي ٿو.

١-٣- برصغير جي ٻين عوامي شاعرن، صوفي درويشن، ويدانتي سنتن، سادن (جن پنهنجي پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي پنهنجي سماج جو ذڪر ڪيو آهي) وانگر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بہ، سنڌ جي ڌار ڌار خطن ۾ رهندڙ ماڻهن جي تهذيبي، تمدني، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪيل آهي (١).

٢- سماجي علمن جا عالم اهو ڄاڻن ٿا تہ ڪوبہ سماج، پنهنجي بقا لاءِ فرد واحد تي انحصار نہ ڪندو آهي، پر ان سماج ۾ مختلف ماڻهن ۽ انهن جي ڌار ڌار طبقن تي مشتمل هوندو آهي. ان سماج ۾ غريب بہ هوندا آهن تہ امير بہ، مزدور بہ هوندا آهن تہ صنعتڪار بہ، هاري بہ هوندا آهن تہ زميندار بہ، اجر بہ هوندا آهن تہ تاجر بہ. اهڙيءَ طرح ان سماج ۾ سرمائيدار، محنت ڪش ۽ پورهيت بہ رهندا آهن. اهڙي سماج جي ڌار ڌار پهلوئن جي ماحول جي منظر ڪشي ڪندڙ شاعر ۽ اديب، ڌار ڌار طبقن جي ماڻهن جي ڌار ڌار جيوت جي، ڌار ڌار روين جا چٽ چٽيندا

آهن، اُنهن جي منظر ڪشي ڪندا آهن ۽ لفظن جي ويس ۾ اُنهن جي ڌار ڌار روپن جي عڪاسي ڪندا آهن، ۽ اُنهن جي حقيقت بيان ڪندا آهن.

٢-١ هر شاعر يا اديب، پنهنجي ڪلام ۽ لکڻين ذريعي، جتي پنهنجي سماج ۽ سماجي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندو آهي، اُتي هُو پنهنجي ماحول جي ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن، سندن اُمنگن، احساسن، نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن جو لفظن جي روپ ۾ اشارن، ڪناين، استعارن ۽ علامتن ذريعي، اظهار به ڪندو آهي. مثال طور جتي شاعرن جي شاعريءَ ۾ طالب/عاشق جي عشق، طلب، آس، نراس، سڪ ۽ پياس وارن جذبن ۽ احساسن جو ذڪر هوندو، اُتي محبوب سان ميلاپ ۽ وصل لاءِ ميڙون ۽ منٿون به ڪيل هونديون، ورلاپ به هوندا، التجائون به هونديون، عجز ۽ نياز به هوندا، محبوب جي اچڻ جو انتظار به هوندو ته اوسيئڙو به هوندو، آس به هوندي ۽ اڳڻ تي اُن جي اچڻ جي اُميد به هوندي. اهڙيءَ طرح شاعرن جي ڪلام ۾ مختلف ڪردارن جي نفسياتي ڪيفيتن جا عڪس ناهيل هوندا.

٢-٢ علم ادب جي هر شاگرد کي اها خبر آهي ته برصغير جي صوفي بزرگن، ويدانتي ودوانن توڙي جوڳ پنٿ جي جوڳي ڪَوين، سامين ۽ سنتن، انسان ۽ اُن جي نفسياتي ڪيفيتن، جذبن ۽ جبلتن کي، پنهنجي پنهنجي ڪلام جو هميشه موضوع بنايو آهي، ۽ اُنهن طرف نشاندهي ڪئي آهي. اهڙن جذبن، نفسياتي ڪيفيتن ۽ جبلتن ۾ صبر، شڪر، حلم، انڪساري، عجزونياز، نِوڙت، نمرتا، نيڪي، نيڪ نيتي، سچ، سچائي، سُچيتائي، رواداري، لحاظ، خدمت، عبادت، بندگي، بردباري، پيار، محبت، عشق، ورهه، سڪ، طلب، هجر ۽ وصال، درد ۽ فراق، سوز ۽ گداز، وڇوڙو، ميل ميلاپ، پرت، پياس، آس، نراس، اخلاق، اخلاص، احساس، جوش، جذبو، جولان، اُمنگ، ارمان، آنت، ڏڙ دلاسو، همدردي، مدد، رحم، خودي، هٺ، وڏائي، تڪبر، انتظار، اوسيئڙو، روچ راڙو، آهه وزاري، ورلاپ، قرباني، عزم، ارادو، استقلال، خودشناسي، خود قرباني، خوشي،

رنج والم، خوش فهمي، خود مطلبي، خود فريبي، خود داري، دوئي، دوکو، دولاب، لوڀ، لالچ، نڳي، دغا، دغا بازي، خود بيني، مکر، فريب، غرض، مقصد، مطلب، خود غرضي، خود مطلبي، حياءُ، شرم، عقل، مت، مان، مريادا، رک رکاءُ، احسان، احسانمندي، احسان فراموشي، حرص، هوس، خواهش، تمنا، ولولو، الحاد، ڪفر، مومن، منافق، مشرڪ، ڪافر، مفاد، مفاد پرستي، باهمي عمل، وفا، وفاداري، بي وفائي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي موضوع ۽ مضمون شامل آهن. اهي سڀ موضوع، انسان ۽ انسان شناسي، يا سماجي مطالعي ۽ زندگيءَ جي فلسفي جي مطالعي جا موضوع آهن. بهرحال اِهي، اُهي بنيادي نقطا آهن، جيڪي هر سماج ۽ معاشري ۾ موجود هوندا آهن. سنڌ جي بين الاقوامي عالم ۽ مفڪر علامه آءِ - آءِ قاضي صاحب جن فرمايو آهي ته:

”شاهه جو رسالو، ساڳئي وقت هڪ پيغام آهي ته آدرش پڻ“. (٢)

٣- يقيناً شاهه جي رسالي ۾، سنڌي ”آدرش“، سنڌ جي عام ماڻهن جي جيوت سنڌن روزاني زندگيءَ جي عڪاسي ڪيل آهي. شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي سماج جي اُنهن مڙني قدرن جي منظر ڪشي ڪئي آهي، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي اهڙيءَ عڪاسيءَ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”ضروري ناهي ته سڀ عڪس رومانوي هجن يا سونهن سوڀيا جو احساس ڏيارين، شاعر جو ڪم آهي حقيقت نگاري. هن ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهه هن جي دل ۾ جذبي کي جاڳائي، ان کي شعر ۾ چئي، پوءِ اهو خوبصورت هجي يا سادو سودو، ڪمال رڳو سهڻي تصوير چٽڻ ۾ نه آهي، پر رڳو تصوير چٽڻ ۾ ڪمال آهي، اهڙي تصوير جيڪا پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي آڏو خودبخود اُڀري اچي“ (٣).

٣-١. شاهه لطيف، سنڌي سماج جي مڙني نفسياتي ڪيفيتن جا عڪس ڪڍيا آهن، اُنهن جا چٽ چٽيا آهن، اُنهن جون تصويرون ناهيون

آهن ۽ انهن جي حقيقت نگاري ڪئي آهي. لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ماڻهن جي عادتن، اخلاق، سوچ ۽ سمجهہ، سندن رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ طور طريقن جي تصوير ڪشي ڪئي آهي. هن، سنڌ جي مختلف خطن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ سندن معاشري جي بدلجندڙ حالتن کي بيان ڪيو آهي. هن ڌار ڌار سُرن ۾، ڌار ڌار ڪرت ڪندڙ پورهيتن جي ڌنڌن جي خاص خاص نقطن کي پيش ڪيو آهي، هن پنهنجي عوام جي احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪئي آهي.

(الف) مثال طور، سر ڪاموڏ ۾ مهاڻن جي معاشري جو هيءُ منظر ڏسو:

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون، مُنهن نہ موچاريون،
ونئي وينيون واٽ تي، ڪکيءَ جون ڪاريون،
انهين جون آريون، سمي ري ڪير سهي،
(ڪاموڏ - ١).

هيٺ جَر، مٿي مَجر، ڪنڌيءَ ڪوئنر ترن،
وَرئي واهوُندن، ڪينجهر ڪتوري ٿئي.
(ڪاموڏ - ٢).

(ب) اهڙيءَ طرح سُر سري راڳ ۾ ٻيڙياتن جو هي منظر ڏسو:

دنگي وچَ درياء، ڪي ٻُڏي ڪي اُپڙي،
هو جي وايي واٽيا، سي سوُنهڻ سپ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳيين، قِلنگي منجهہ ڦريا،
ملاح! تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.
(سري راڳ - ٣)

(ت) شڪارين طرفان ڏُلبو ڏيئي، پکين کي ڦاسائڻ جو منظر سر ڪارايل ۾ هن طرح بيان ڪيو اٿس.

ڏُلبو منجهہ درياء، پکي پسي آئيا،
ويچارا ويساهہ، آئي اُت اَڙائيا.
(ڪارايل - ١).

(ث) آهڙيءَ طرح سر مارئي ۽ سر سارنگ ۾، جتي ٿر جي ماحول، ٿري جيوت، ٿر جي رهڻي ڪهڻي، ٿر جي جانورن، پکين جهانگين ۽ سانگين کان سواءِ ڏٿَ، ڏئونرن، گولاڙن، گگرين، لئين، لاٺين، ڪبڙن، کاٽونبن، پيرونئن، لُلر، مريئڙي ۽ پُپن وغيره جو منظر هن طرح چٽيو اٿس:

پنهنوارن پاڀوهيو، ڪي واهوندن وَسَ،
عمر! انهين ڏيهہ جا، ڏوٿين، ڏنم ڏَسَ،
وليون وَڻَ ڦلاريا، لُلر نگيو لَسُ.
آئيو وِجهن آهُرِن، سندا ٿوهڻَ ٿَسَ،
ميوا مَڃَر ماکيون، مَيڪا چَکِن چَسَ،
ماڙيءَ وِهي مَسَ، مليرَ ويندي مارُئي.
(مارئي).

(ج) ساڳيءَ طرح سسئيءَ جي سُورن، جبلن، ڏونگرن، انهن جي اٿاگن لنگهن ۽ پيچرن، سسئيءَ جي همت، مستقل مزاجيءَ واري ڪيفيت جون تصويرون هن طرح بيان ڪيون اٿس:

ڏونگر ڏنا لوڙِ، مون پارکو پُڇيا،
هيڪليون هلن جي، سي تاڪُن سندي توڙِ،
ايءَ اهڪي پوڙ، سونهن ريءَ نہ سٿري. (حسيني - ١٢)
ڏُکيءَ سنديون ڏونگرين، پسو! پٿون پُونِ،
مُئي پڄاڻان مُند کي، روجهہَ روجَنِ ۾ رُونِ،
پُٿا اِئين چوُنِ، تہ مُئيءَ اسان کي ماريو. (معذوري - ٦).

٣-٢. بلڪل ساڳيءَ طرح سر سهڻيءَ ۾ درياءَ جي دهشت، عشق

جي اوڙاهہ پيچري، ميهار سان ملڻ جي آس، پياس، درد ۽ فراق جي عڪاسيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي فرمائي ٿو:

"سُر سهڻيءَ ۾ درياءَ جون ڊيڄاريندڙ ڪيفيتون، درياءَ جي دهشت، تکو وهڪرو، طوفان، تک، واڳون، دريائي جانور، ڪُن جا ڪڙڪا، جتي سيٽاهہ وارا ٻہ وجهڻ جي همت نٿا ڪن:

دهشت دم درياءَ ۾، جت ڪڙڪا ڪُن ڪرين،
ٻچل ٻانڌي ٻار ۾، اُت لهريون لوڏا ڏِين،
سناور سهميا، اُت سيٽاها نہ سندين،
جت وِيريون واٽ نہ ڏين، اُت ساهڙ سير لنگهائين (۴).
(سهڻي - ۲)

۳-۳. شاهہ صاحب جيئن تہ ملڪ جو هر حصو ۽ آسپاس جو هر خطو ۽ پاڳو، چڱيءَ طرح گهمي ڦري ڏٺو هو، اُتي ڌار ڌار خطن جي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون هئائين، اُنهن جي عادتن، اُٿڻي ويهڻي، شڪل شِبيهہ، ڪپڙي لٽي ۽ ريتن رسمن کان چڱيءَ طرح واقفيت حاصل ڪئي هئائين، اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪلام ۾ انهن سيني خطن جي ماڻهن جي، مٿي ڄاڻايل عادتن ۽ خصوصيتن جي عڪاسي ڪئي آهي. مٿي چيو ويو آهي تہ شاهہ لطيف دريائن، ڍنڍن ڍورن، ساموندي ساحل تي رهندڙ ماڻهن، ميربحرن، مهاڻن، ناکوئن، ٻيڙياتن ۽ ٻين جي تهذيب ۽ تمدن جا هڪڙا منظر چٽيا آهن، تہ ٿر جي پٽن، ڏهرن ۽ ترائين ۾ رهندڙ سانگين ۽ جهانگين جي جهوپڙين جون ٻيون تصويرون ڪييون آهن، هن هڪ طرف ٿر جي ٿاريلين ۽ ڪاري ڪيڙائن جي وَهن ۽ ونين جي وڇوڙي جا ورلاپ بيان ڪيا آهن تہ ٻئي طرف هن مومل، ليلا، سورٺ، ڪوئنرو ۽ ٻين راڻين، راجڪمارين ۽ راجائن جي محلن ۽ ماڙين ۾ سندن شاهاڻي زندگي، گلمن، غاليچن، پلنگن، پٽراڻين، طول وهاڻن، اطلس، ريشم، پٽيهرن، عطر عنبير، سڳند سرهاڻ، سان واسيل چير ڪٽن، چادرن، شالن ۽ پوشاڪن جون تصويرون ڪييون آهن. اهي تصويرون ۽ چِٽَ، شاهي

محلن ۾ ماڙين واري جيوت کي نمايان ڪن ٿا. مثال طور هي بيت ملاحظ ڪريو:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مَٽن ويسَ،
چوٽا تيل چنبيليا، ها! ها! هو هميش،
پسو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيشَ،
لالن جي لبيس، آتڻ اَکر نہ آڇهي.

جهڙا پانن پَنَ، تهڙيون سالون مَٽن سائيون،
عطر ۾ عنبير سين، تارا ڪيائون تَنَ،
مڙهيا گهٽو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سونهن روپي سونَ سين، سدا ڪامڻ ڪَن،
ڪيائين لال لطيف چَئي، وڏا ويسَ وَرَن،
منهنجهہ مَرڪيس مَن، سوڍي سين سڱ ٿيو..

سون ورنيون سوڍيون، رُپي رانديون ڪن،
اگر اوطاقن ۾، "ڪتوريون ڪَٿن"
اوتيائون عنبير جا، مَٿي طاق تڙن،
باٿن ٻيلون ٻڌيون، پسيو سونهن سڙن،
ٿيا لاهوتي لطيف چئي، پَسَڻ لئي پرين،
اِجهي ٿيا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.
(مومل راڻو - ٣).

٣-٤. (الف) اهي حسين، خوبصورت ۽ پري وش راجڪماريون، سندر شهزاديون ۽ سندن چتر سهيليون، ڪاڪ نديءَ جي جنهن ڪناري تي وهنجڻ ويندڀون هيون، جنهن تڙ تي اهي شهزاديون پنهنجا تن، جسم ۽ چوٽا ڌوئينديون هيون آن تڙ تي سدائين سرهاڻ ۽ سڳنڌ رهندي هئي. انهيءَ سڳنڌ ۽ سرهاڻ جي واس تي پوئنر بہ موهجي اچيو گڏ ٿيندا هئا. اهڙي ماحول جي انهيءَ ڪيفيت کي لطيف سائينءَ هن طرح بيان ڪيو

آهي:

جنهن تڙ ٽوڙون ٽئون، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
اچن پؤنر پنيوليا، پاڻيءَ تنهن پوَنِ،
راوَلَ رتو روُنِ، ڪو وَهــ لڳو واسئين.
(مومل راڻو - ٣).

(ب) راءِ ڏياچ جي محل جي ٻاهرئين لڪي دروازي وٽ ٻيجل منگتي، سرندو وڄائي، راجا کان سر جي لاءِ صدا هنئي آهي، هن ڪيفيت جي لطيف سائينءَ هن طرح منظر ڪشي ڪئي آهي:

پائي پَٽَ ڪٽان، موُن تان مور نہ مڱيا،
تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهڻا،
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آءٌ ڪا تند هڻان،
جا مٿي تو مٽيا، تنهن سر جو آهيان سيڪڙو.
(سورٺ - ٢)

۴- شاه جي ڪلام جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سندس زماني ۾ سنڌي معاشرو ڪئين هو؟ اُن جي حيثيت ڪهڙي هئي؟ سنڌي سماج جا ڪهڙا ڪهڙا طبقا هئا؟ ته ڪهڙي سنڌ ملڪ ۾ سماجي حد بندي يا درجي بندي ڪيئن ٿيل هئي؟ سنڌي سماج ۾ مردن توڙي عورتن جو ڪردار ڪهڙو هو؟ سنڌ ۾ آباد قومن، قبيلن ۽ ذاتين جي جذبن، احساسن، اُمنگن ۽ سندن نفسياتي ڪيفيتن جو اظهار ڪئين ڪيو ويندو هو؟ هن سلسلي ۾ سنڌي زبان ادب جو مها ودوان ۽ لطيف شناسيءَ جو وڏو عالم، ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو تہ:

”هو هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن پهريون دفعو پنهنجي علائقي جي عوامي زبان جي صلاحيتن مان فائدو ورتو، ۽ ان زبان ۾ حسن ۽ مذهبي فلسفي جي سوچ ۽ فڪر کي سمجهايو“ (۵).

۴-١، زندگي حرڪت جو نالو آهي، زندگي نالو آهي مسلسل

تحريڪ جو، زندگي نالو آهي مستقل ڪشمڪش جو. لطيف سائينءَ پنهنجن سورمن جهڙوڪ: پنهون، ميهار، راڻو، عمر، چنيسر، ڄام تماچي، راءِ ڏياچ، لاکو ڦلاڻي، ڄام اُڏو، سخي سپڙ،، راجا جيسوڌڻ، ابڙو ۽ سورمين جهڙوڪ: سسئي، سهڻي، مومل، مارئي، ليلا، ڪوئنرو، نوري، سورٺ، اوڏڻ، ريبارڻ ۽ هوتل پدمڻيءَ کي ڏار ڏار سرن ۾ ڳايو آهي، ۽ جدوجهد، ڪشمڪش، ڪوشش، ڊورڻ، ڳولڻ، پڇڻ، پرچڻ، همت، بهادري ۽ مستقل مزاجيءَ يڄي، ڊوڙي ۽ ڊڪي پنهنجيءَ منزل مقصود تائين رسڻ ۽ محبوب کي ماڻڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. مثال طور:

(الف) سسئيءَ کي سرتين چيو ته ڪيچ ته گهڻو پري آهي، تون هيڪلي ڪيئن رسي سگهنديئن؟ هُن (سسئيءَ) انهيءَ سوال جو جواب، يڄي، ڊوڙي، ڊُڪي، همت ڪري، نيٺ وڃي رسڻ ۽ پنهنجيءَ منزل ماڻڻ تائين واري عمل ذريعي ڏنو، انهن سيني ڪيفيتن جو منظر، شاهه سائينءَ هن طرح چٽيو آهي:

١ - ڊوڙين چيس ڏورُ، ڪيچ اڳاهون پنڌ ٿيو،
پاڻان چڙهي پورُ، وڪَ وڌائين وِتري.
٢ - جان جان هُئي جيئري، ورچي نه ويٺي،
وڃي پوُنءَ پيٺي، ساريندي کي سڄڻين.
(حسيني - ١١).

(ب) ليلا کي سهيلين صلاح ڏني ته چنيسر جو چاڳ وڃايو آئي، غلطي تنهنجي آهي، تنهنجو ڳيرب ۽ ڳاءُ، اُن کي ڪونه وڻيو، هُن کي تو رنجايو آهي، ان ڪري هاڻ هن جي حضور ۾ وڃي ليلاءِ، منٿون ڪر ۽ ايلاز ڪرينس، هن ساري ماجرا کي لطيف هن طرح بيان ڪيو آهي:

١ - چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، ته هي نه ماڻي ماڳ،
ڏمر ڏهاڳ، سگهو ڏئي سهاڳڻين..

يا هيئن فرمايو اٿس :

١ - جي ڪارون آٿين ڪانڌ کي، تہ روئي ريجهائيج،
ليلا ليلائيج، اَٿئي ماڳ منٿ جو.
٢ - جي ليلائي نہ لهين، تان پڻ ليلائيج،
آسرمَ لائج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.
(ليلا چنيسر).

(ت) سنڌ جو مها سچاڻ شاعر ۽ دانشور شيخ اياز، شاهہ لطيف ۽ رسالي جي اردو ترجمي (هي ترجمو سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪيو هئائين) جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ :

"شاهہ جي زماني ۾، برصغير جي ٻين علائقن وانگر، سنڌي سماج ۾ بنياد بہ زرعي معيشت تي هو. زياده تر آبادي ڳوٺن سان واسطو رکندي هئي، جيڪي ڌار ڌار ڌنڌن ۾ پورهين جهڙوڪ : هاري ناري، مارو ۽ مالوند ماڻهو، ڳنوار، ڏڌولي، سانگي، مهاڻا، ميربحر، ننڍا ننڍا دڪاندار ۽ ٻين اهڙن ڌنڌن ۾ پورهين سان واسطو رکندڙ هيٺين طبقي جا ماڻهو هئا. شاهہ جي رسالي ۾، انهن مختلف ڌنڌن، ڪرت ڪندڙ ڪمين جو ذڪر ملي ٿو. شاهہ لطيف جڏهن لوهارن جو ذڪر ڪري ٿو، تڏهن ڌنوڻين، متڪن ۽ سنداڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري، جتي ڪنيارن جو ذڪر اچي ٿو، اتي نهائين، نينهن، سڙڻ، پچڻ ۽ تپڻ جون ڳالهيون بہ نظر اچن ٿيون، جتي ڪورين جون ڳالهيون ڪيون اٿس، اُتي نازڪ سوچن، نينهن نيائڻ، ڳنڍڻ ۽ مورُ نہ ڇنڻ جهڙيون نصيحتون ٿو ڪري" (٦).

مثال طور هي بيت شيخ اياز صاحب جي دعويٰ لاءِ دليل آهن :

١ - ڪڙو منجهہ ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪيو.
٢ - هلو هلو تن ڪورين، نازڪ جني جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مورُ نہ سکيا.
(بروو سنڌي - ٢).

۴ - نهائينءَ ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، پاهر پاڻ نہ نڪري.
(رِپ - ۲).

(ث)، لطيف شناسيءَ جو هڪ مها ودوان، ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب لکي ٿو تہ:

"سندس معلومات ۽ تجربو ايتري قدر ڪشادو هو جو اهڙي ڪا صنعت يا فن نہ آهي، جنهن جي اصطلاحن سان پنهنجو ڪلام نہ سينگاريو اٿس، ويچن، طبيبن، خلاصين، مهاڻن، ماڇيين، لهارن، واڍن، ڪڙمين، ڪنيرن، ڪورين، ڪاساين، ساڌن، سنتن ۽ فقيرن وغيره جي روزمره جي عبارتن ۽ اصطلاحن کان پليءَ پت واقف هو" (۷).

ڊاڪٽر گربخشاڻي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

"سندس ساري هستي سونهن واريءَ شيءِ جي مشاهدي سان پرجيو، ٿمتار ٿيو پوي، پوءِ اها شيءِ ڪو قدرتي نظارو هجي، جهڙوڪ: چمن جو ڇهڇٽو، درياءَ جي لس ليٽ، چنڊ جي چٽائي، تارن جي جهرمر، ڪڪرن جو ڪارونڀار وغيره، خواهہ انساني حسن جو جلوو هجي.

جهڙوڪ: سپرينءَ جي سونهن، لالن جو لبيس، معشوق جو ناز ۽ سندن هار سينگار".

۵ - شاهہ لطيف، برصغير جي ٻين ٻولين جي شاعرن وانگر، عورت کي عاشق جي طالب جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ علامتن توڙي تمثيلن ذريعي سسئي، سهڻي، مارئي، نوري، ليلا، ڪونرو، سورٺ ۽ ٻين نسواني ڪردارن جي ويس ۾ پاڻ کي عاشق، طالب طور پيش ڪري، پنهنجي محبوب يعني مطلوب سان ورونهہ وندڻ جون ڳالهيون ڪيون آهن، وڇوڙي کان پوءِ، اُن (محبوب) جي وصال ۽ ميلاپ لاءِ ايلاز ۽ منٿون ڪيون اٿس، التجائون ڪيون اٿس، ۽ آرزومنداڻہ عاجزيون ڪيون اٿس. نياز نوڙت، نمرتا، آهہ وزاري، انڪساري ۽ عاجزيءَ جهڙين نفسياتي

ڪيفيت سان، پنهنجي محبوب جي وصل لاءِ ورلاپ ڪيا اٿس: مثال طور:

(الف) اوسيئڙي ۽ انتظار واري موضوع جا ڪي بيت ڏسو:

١- اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سنڌي سڪ پرين، لوڪ ڏني نہ لهي.
(برِوو سنڌي).

٢- ٻئي هنڌ هيئن فرمايو اٿس:
جي جاڳندي مَن ۾، ستي پڻ سيئي

٣- راڻي جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾، مومل جا ورلاپ هن طرح بيان ڪيا اٿس:

ڏيا تيل ٿليل جا، ٻاريم ٿائين ٻانگ،
ڍوليو ڍٽ رهائيو، ڪنهن سناٽي سانگ،
چانگي چڙهي آءُ تون، لالَ ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، آڏايام، اچيج تون.
(مومل راڻو).

يا

اُڀي اُڀاريام، نڪت سڀ نئي ويا،
هڪ ميو ٻيو مينڌرو، رات سڄي ساريام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سُورجَ شاخون ڪڍيون.
(مومل راڻو)

٤- اهڙيءَ طرح سر ليلاچنيسر ۾، چنيسر جي راڻي ليلا جي آزين نيزارين جا عڪس هيئن ٿو چئي:

ڍوليا ڍيل مَ مون، ڪانڌ ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين، پيري وڌيس پون،
مون ور تون ئي تون، تو ورَ وَهون ڪيترِيون.
(ليلا چنيسر).

۵ - ساڳيءَ طرح سسئيءَ جي سُورن جي مصوري هيئن ڪئي اٿس:

پاڙي ناهه پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري،
بانہڻ باروچن جي، گهائي وڌي گهورَ.
هڪ سسئي ٻيا سُورَ، ويا پٽيندا پاڻ ۾.
(حسيني).

٦ - سُر گهاتوءَ ۾، گهاتوءَ جي وَنيءَ جي اوسيئڙي جو منظر هن طرح چٽيو اٿس:

اُيي اوسڙان اُس ۾، جَهليو ڪُن ڪنار،
گهاتو گهر نہ آئيا، وڌي لڳين وارَ،
هُيس جني هارَ، سي موڙي چڙهيا مَڪڙا.
(سُر گهاتو).

٧ - سر سامونڊيءَ ۾ محبوب لاءِ ورلاپ هن طرح بيان ڪيا اٿس:

چتان جي نہ چُرن، الا! اُنَ ۾ وِسران،
مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.
(سامونڊي).

٨ - سُر رپَ ۾ لڇڻ واري ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي اٿس:

اُپريم انگور، ستي سپرين جا،
ڪايو ڪايو سوُرَ، لڇيو لوچيو اُٿيان.
(رپ).

٩ - سر بروي سنڌيءَ ۾ ايلاز ۽ منٿن واري ڪيفيت جي عڪاسي هن طرح ڪئي اٿس:

اچين جي هيڪار، مون سارينديِ سپرين،
پيرين ترڀان، پنبڻيون، هنئن وچائيان هارَ،
ساجن سپ جمار، هوند گولي ٿي گذاريان.
(بروو سنڌي).

(ب) محبوب جي حسن جي ساراهہ:

١ - ميهار جي حُسن جي ساراهہ، سهڻي هيئن ٿي ڪري:

* ساهڙ مون جيئن سرتيون، جي ڏسو سيپئي،
تہ سمهو ڪين سک تي، وَرَ پاسو ڏيئي،
مونهان اڳيئي، ڳِهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
* جيڏيون ڏنيان جي، سورت ساهڙ چام جي،
سک تي ستيون ڪينڪي، ڪانڏن پاسي ڪي،
مُنهان ئي اڳي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي.
* ڏٺي جن هيڪارَ، صورت ساهڙ چام جي،
سک تي ستيون ڪين ڪي، پري ساڻ پتارَ،
گهڙي گهڙنئان ڏار، هوند ڪاهي پيون ڪُن ۾.
(سهڻي).

(ت) محبوب جي اچڻ ۽ اُن جي وصل جي خوشيءَ ۾ ظاهر ڪيل جذبن جي منظر ڪشي:

١ - اڄ پڻ جڙيم جوڙ، دوست پيئي در آئيو،
سڪن ونئي ڏڪن ڪي، محڪم ڏني موڙ،
جا پر ڪٺيءَ ڪوڙ، ساپر سورن سان ٿئي.
٢ - ڍول مَ ڪٽي پانهڙي، پرين ۾ ڪٽي پانڌ،
آءُ پانهنجو ڪانڌ، لوڪان لڪي رانئيان.
(ڏهر)
٣ - اڳڻ تازي ٻهہ ڪُنڊيون، پڪا پَٽ سونهن،
سُرهي سيج، پاسي پرين، مَرُ پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هُونِ برابر ڏينهڙا.
٤ - سجڻ ساوڻ مينهن جيئن، جهڙڪن پاسي جهوڪَ،
ڏيندا پاهہ پٽن ڪي، منجهان ميهنَ موڪَ،
لس پيارين لوڪ، آگم ڪيو اکين سين.
(سارنگ).

۵-هين جَر متي مجر، پاسي پرين سندام،
ڪوڙين ڪاج سِڏام، آءٌ سڏو ڪونہَ هيو.
(ڪاموڏ).

(ث) اهڙيءَ طرح شاه صاحب هجر ۽ فراق، سوز ۽ گداز، آس ۽ پياس، تڙپ ۽ سڪ جهڙين ڪيفيتن جو اظهار سسئي، سهڻي، مومل، ليلا ۽ سورٺ جي ويس ۾ ڪيو آهي. محبوب جي وڇوڙي جا ورلاپ، اُن مان ملڻ جو اوسيئڙو ۽ انتظار، آس ۽ نراس جهڙين ڪيفيتن جي عڪاسي هن طرح ڪئي اٿس:

۱- جهوري، جهڄڻ، جهانءِ، مون جنهين جي نہ لهي،
آيل ائين مَ ڀانءِ، تہ ڪا آءٌ جيئندي اُن ري. (رپ).
۲- سڪ تنهنجي سپرين، ڪپي ۽ ڪوري،
سگهان نہ چَوري، ڏاڍو نِيرُ نينهن جو.
(سهڻي).
۳-چتان جي نہ چُرن، الا! اُن مَ وسران،
مڙهيو منجها ران، جيءُ منهنجو جن سين.
(سامونڊي).
۴- اُپريم انگور، سي سپرين جا،
ڪايو ڪايو سوُر، لُڇيو لوڇيو اُٿيان.
(رپ).

ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

”شاه لطيف جا عڪس ڪنهن نہ ڪنهن خيال، جذبي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن احساس سان ڀريل آهن. يقيناً شاه جا بيت جذبن، سوچ ۽ احساس سان لبريز آهن. ڪهڙيون نہ عجيب ڪيفيتون آهن. سندس ڪلام ۾ مثال طور هن بيت تي غور ڪيو:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، اِلاهي توهار،
جنگهہ جرڪي وات ۾، سسي کي سيسار،
چوڙا ٻيڙا چِڪَ ۾، لڙ ۾ لڙهيس وارَ.
لکين حهتيس لوهٽيون، تيلهيون ٽرنئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ياڳا ٽيندي سهٽي.

يعني سهٽي جو لاش لهرن ۾ لڙهندو پيو وڃي، لڙاٽيل پاٽيءَ ۾ ڪارا وار هڪ عجيب منظر آهي، سندس چوڙيون گپ ۾ پريون پيون آهن، لاش کي دريائي مڇيون مڙي آيون آهن، مٿان مَڇَ بہ اچي ٿا پهچن، بيت جو آخري حصو: "ياڳا ٽيندي سهٽي" ئي هن سڄي عڪس ۾ جذباتي عنصر ٿو پري، اُن ۾ لاش جي بيڪسيءَ جو سمورو نقشو آهي، دکدائڪ موت ۽ موت کان پوءِ لاش جو دردناڪ انجام آهي. (١٢).

ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهہ جي رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:
"عاشق کي پرينءَ جا گوندر ۽ غم، "ولين" جيان وڪوڙي ٿا وڃن ۽ هوُ دنيا ۾ "هرڻ" يا "هماء" وانگي سرگردان آهي، سندس درد واري دانهن "ڪوئل" جي ڪوُڪ، چتونءَ جي "چانگهار" ۽ ڪونج جي "ڪُرڪي" جهڙي آهي، عشق "وسيهر" نانگ آهي. نينهن سيچائي سُينهن" جيئن ڪڌهن ڀاڻ جو نہ آهي. معشوق، "آسمان" مثل، عاشق کان دور آهي، سندس تِر ۽ تروڪڙيون، تارن جهڙيون آهن، ۽ سندس اکيون الماس يا اُنبوريءَ جهڙيون گجگوڙ جو آواز منڊل " ۽ "مرتنگ" جهڙو آهي. انڊلٺ جا رنگ چنيءَ جي چٽن جهڙا آهن. خوفناڪ جبل ۽ ٽڪر، هيبت جا هاٿي آهن. مرشد ڪامل "باز" يا هماء" جهڙو اعليٰ همت وارو آهي، جو هن ڌرتيءَ کان مٿي پرواز ڪري ٿو، مگر نوڳي گروهڪ ڳجهہ وانگر آهي، جا ڀوئنڊ تي عاشق آهي. سچو سالڪ "هنج" آهي، جو پاتال مان پٽون ڳولي ڪڍي ٿو ۽ ڪوڙو فقير "ڪنگ" مثل آهي، جو ڪني ڍٻي مان مڇيون ماري ٿو. اهڙا انيڪ مثال شاهہ جي رسالي مان ملندا. (١٤).

(ح) اهي سڀ ڪيفيتون مشرقي سماج جي قدرن جون علامتون ۽ نشانيون آهن. اهي سڀ ڪيفيتون سماجي نفسيات جون ڪيفيتون ۽ زندگيءَ جي فلسفي جون ڳالهيون ۽ نقطا آهن. جيڪي شاه لطيف جي رسالي جي هر بيت ۾ بيان ٿيل آهن. جن ۾ هُن (شاهہ سائينءَ) پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو لطيف اڄ بہ سنڌ جي عوام جو مقبول ترين شاعر آهي، اهوئي سبب آهي جو لطيف ڪي اڄ بہ سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ احساسن جو ترجمان شاعر مڃيو ويندو آهي، اهوئي سبب آهي جو اڄ بہ ڪيس سنڌي عوام جي زندگيءَ جو مصور ۽ فنڪار مڃيو ويندو آهي. سنڌس شاعري اُن وقت بہ عوام لاءِ هئي، ۽ اڄ بہ سنڌس شاعري، عوام جي اُمنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري ٿي. لطيف جي پڪار، اڄ بہ سنڌي عوام جي جذبن اُمنگن ۽ تڙپ جو احساس ڏياري ٿي. لطيف جي قلب جي ڪُوڪ، سنڌ جي عوام جي ڪوڪ آهي:

نڱي ڪُوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي. (مارئي).

٦ - لطيف ڪي اڄ بہ جديد خيالن ۽ جديد سوچن جو سرواڻ شاعر مڃيو ويندو آهي. لطيف سنڌي راڳ ۽ راڳداري، ساز ۽ سرود جو سدا حيات سرواڻ آهي.

٦ - ١. اگر ۾ چيو ويو آهي تہ لطيف عورت جي جذبن، احساسن ۽ نفسياتي ڪيفيت کي سسئي، سهڻي، مومل، مارئي، نوري، ليلا، ڪوئنرو، سورٺ ۽ ٻين نسواني ڪردارن جي ويس ۾ نمايان ڪيو آهي. عورت جي سونهن، سوڀيا، سندر يا نرملتا، ڪوملتا، حسن، جمال، خوبصورتي، شڪل شبيهہ، مُنهن مهاندن، هلڻي چلڻي، عادتون اطوار، ويس ورڻ، هار سينگار، سڳنڌ سرهاڻ، مسي مساڳ، چترالي، چلولائي، چالاڪي، پچڻ، پرچڻ، ڪامڻ، ڪجڻ، لڇڻ پچڻ، تڙپڻ، بي پرواهي، رنج و الم، بيباڪي، همت، بهادري، مستقل مزاجي، وفاداري، خوف و خطرو، ٻپ ۽ ڏاءُ، روڄ راڙو، خوشي ۽ غم، نفرت ۽ ڪلفت، محبت ۽ الفت، غصو ۽ ڪاوڙ، هٺ

وڏائي، غرور ۽ تڪبر، ذهانت، ڏاهپ، سياڻپ، دانشمندي ۽ سمجهداريءَ جهڙا موضوع، شاهه سائينءَ عورت جي روپ ۾ سمجهايا آهن.

٦-٢. لطيف سائينءَ جتي عورتن جي ڪردار کي نمايان ڪيو آهي، اتي مرد سورمن جهڙوڪ: پنهونءَ، ميهار، راڻو، عمر، چنيسر، ڄام تماچي، راءِ ڏياچ، جسوڌڻ، ڄڪرو، انيراءِ ٻيجل، لاکو ڦلاڻي، ڄام هوتي ۽ ابڙي سمي توڙي ٻين سورمن جي اخلاقن، احساسن، جذبن، عدل، انصاف، انسانيت ۽ رواداريءَ کان سواءِ سندن سونهن، بهادري، همت، مردانگي، شجاعت، ڏاهپ، دانائي ۽ حسد ۽ غيرتمنديءَ جهڙين ڪيفيتن کي پنهنجي ڪلام ۾ ڳايو آهي ۽ بيان ڪيو آهي.

٦-٣. مطلب ته لطيف زندگيءَ جو مصور آهي. زندگيءَ جي فلسفي جو حقيقت نگار ۽ عڪاس آهي. لطيف جي هر بيت ۾ زندگيءَ جو اپياس آهي. ان جي هر بيت ۾ زندگيءَ جي ڪردارن يعني انسانن جي نفسياتي ڪيفيتن جي عڪاسي آهي، زندگيءَ جي فلسفي جي ڪهاڻي آهي، ان زندگيءَ جي ڏار ڏار قدرن جو اظهار آهي، ان ۾ زندگيءَ جي مقصد جو بيان آهي. پر اسان لاءِ هن دنيا ۾ سٺا ڏينهن گهارڻ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ رهنما آهي ۽ سمجهاڻي آهي. لطيف هڪ رهبر آهي، جيڪو پنهنجن پڙهندڙن، ٻُڌندڙن ۽ روزمره جي زندگي گذاريندڙن جو مصور آهي. پنهنجي ڪلام ۾ سندس طرفان ڪيل هر تصوير، زندگيءَ جي فلسفي جي ڪنهن نه ڪنهن نقطي جي وضاحت ڪري ٿي. هن جي ناهيل هر تصوير، زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن نُقطي ۽ نظرئي ڏانهن اشارو ڪري ٿي. هُن جي ڪلام جي هر مصرع ۾ ڪانه ڪا تمثيل پيش ڪيل آهي. وڻ ٽڻ ٻوٽا، جانور، پکي، پکڻ، جهرجهنگ، سمنڊ، درياءَ، جبل ۽ ڏونگر، زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ جي علامت آهن. پاڻي جيوت جي علامت آهي، جوت، روشني ۽ نور جي علامت آهي، نيرو رنگ وشال (وسيع / ڪشادي) زندگي ۽ ان جي گهرائيءَ اونهي سوچ ۽ اعليٰ تخيل جي علامت آهي، ڪنبو رنگ، خوشي، شادابي ۽ شادمانيءَ جو اُهڃاڻ

آهي، اَن وڏي حياتيءَ جي علامت آهي، گهوڙو طاقت / سگهہ جي علامت آهي، مور، سونهن جي علامت آهي، ڪتو هڪ طرف وفاداريءَ جي علامت آهي تہ ٻي طرف ڪُرم جو ويري هجڻ طرف نشاندهي ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح مکڻ، ماکي ۽ مڃي برڪت، سک سلامتي ۽ سکيو آباد هجڻ جي علامت آهي، سونهن، سوڀيا، حسن، خوبصورتي ۽ رنگ روپ، هار سينگار، فنا ٿيڻ ۽ فاني هجڻ جا اهڃاڻ آهن. مطلب تہ شاهہ لطيف پنهنجي رسالي ۾، چنڊ ۽ اُن جي چانڊاڻ کان وٺي، درياءَ جي دهشت تائين، هر شيءِ ۾ ڪونہ ڪو مقصد ۽ ڪانہ ڪا علامت رکي، زندگيءَ جي فلسي جي ڌار ڌار نقطن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي، گويا لطيف علامت نگاري ۽ اشارت ۾ اعليٰ تخيل جو شاعر آهي. هو همہ پهلو ۽ هم رنگ فنڪار ۽ فيلسوف آهي.

٦ - ٢. لطيف نہ فقط سندس ڪلام جي وسيلي، سنڌ ۽ سنڌ وارن جي سڃاڻپ ڪرائي آهي، پر حقيقت ۾ هُو پاڻ ئي سنڌ جي سڃاڻپ آهي. لطيف سنڌ جو تشخص آهي. هونئن تہ سنڌين جي سڃاڻپ تمام آسان آهي ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ سنڌي، پري کان ئي پڌرو هوندو آهي. سندس ڳالهائڻ جي انداز ۽ آچار ۽ فضيلت، عادتن، طور طريقن، ڪپڙي لٽي، پهرڻ پوشاڪ، اٿڻي ويهڻي، شڪل شبيهہ ۽ منهن مهانديءَ ۾ هوُ، پري کان ئي سڃاڻي وٺبو آهي. اڄ تہ دنيا تمام ننڍي ٿي پيئي آهي. ڀانت ڀانت جا ماڻهو، ملڪ ملڪ جا رهواسي، ڌارين خطن جا انسان، هڪ ٻئي ڏينهن ڀيا پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ ميل ملاقاتون ڪندا آهن. انهيءَ ڪري سنڌن ٻوليءَ، گفتگوءَ جي انداز، عادتن، طور طريقن کاڌي خوراڪ، ڪپڙي لٽي ۽ اٿڻي ويهڻيءَ مان ڪيس سولائيءَ سان سڃاڻي وٺبو آهي تہ هي ماڻهو يا هيءَ عورت فلاڻي ملڪ، فلاڻي هنڌ، فلاڻي شهر ۽ فلاڻي علائقي جي آهي، پر شاهہ لطيف جي زماني ۾ اهڙيون ميل ملاقاتيون، ورهين کان پوءِ بہ ممڪن نہ هونديون هيون، البت ڪن ميلن ملاکڙن تي ڪي ماڻهو ڀيا هڪ ٻئي سان ملندا هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ لکيو آهي تہ :

"هتي جو سماج، ٻاهرين دنيا کان بي خبر هو. هن سماج جي ڪن پهلوئن جي باري ۾ صرف اهوئي معلومات رکندو هو، جيڪو بازارن ميلن ملاکڙن، درويشن ۽ بزرگن جي درگاهن تي موجود ماڻهن سان ملي، انهن کان معلومات حاصل ڪندو هو. (١٥).

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، هن نقطي جي وضاحت هن طرح ڪئي آهي.

"لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ ماڻهن جي شڪل، شبيهه، منهن مهانڊن توڙي پوشاڪ جو ذڪر اهڙيءَ ته چٽائي سان ڪيو آهي، جو اکين آڏو هُو بهو اها تصوير ڦري ٿي". (١٦)، مثال طور:

١ - سامونديءَ جي شڪل شبيهه جي عڪاسي.

سنهي لَڪَ، نڪ سئين، ڪجل ڀنانيڻ
ساموندي مون سيڻ، ڪِ تو ڪالهه لنگهائيا.
(ساموندي).

٢ - ڀنهوءَ جا اهڃاڻ:

جهوُڙا جن جُلهن ۾، هيري لک هزار،
لڳا واٽ وٽن جا، ڀُنهوءَ ڪي پالار،
اَن ڪي ويندا گڏئا، اهڙيءَ سِٽ سوار،
لنگهي ڪالهه قطار، تون آئي، اڄ نهارين.
(ديسي).

٦-٣، اهڙيءَ طرح شاهه سائينءَ ويڙهيچن ۽ ٿرين جي شڪل شبيهه، سندن لباس، سندن گذر ۽ معاش ۽ سندن هلڻ جي نور جو نقش هن طرح چٽيو آهي:

مَٿن ٽبڪ ٽبڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪڙيون ڪهه ڀَڪليون، ڀگهر سر پيرن،
اي وَڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.
(مارئي).

يعني ويڙهيچن جي هلڻ جي ٽور، سندن جسم ۽ ٻانهن جي لوڏ، سندن ڪِهَه سندن ڪُڙيون ۽ سندن اهڙو انداز پري کان ئي پڌرو آهي.

مطلب ته شاهه سائين زندگيءَ جو شاعر آهي. هو پنهنجي عوام جي احساسن، جذبن ۽ نفسياتي ڪيفيتن جو ترجمان آهي. سندس سچو رسالو انسان شناسيءَ جي فلسفي جو هڪ گهرو ۽ اونهو اڀياس آهي، جنهن جو تفصيل سان وستار، هن مقالي جي دامن کان گهڻو وسيع ۽ ويڪرو آهي. هن موضوع تي ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


١- تنوير عباسي، ڊاڪٽر: شاهه لطيف جي شاعري، ڪراچي، شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي، ١٩٧٦ع، ص ٦٥.

٢- علامه آءِ- آءِ قاضي: شاه عبداللطيف دنيا جو بي مثال شاعر (Shah Abdul Latif's position among world Poets) مترجم: عبدالغفار سومرو، حيدرآباد، مهراڻ اڪيڊمي، ١٤١٤هه / ١٩٩٣ع، ص ٥٥ ۽ ٥٦.

٣- ڏسو حوالو پهريون، ص ٧٢.

٤- ساڳيو، ص ٧٣.

٥- سورلي، ايچ، ٽي، ڊاڪٽر: شاهه عبداللطيف آف ڀٽ، اردو ترجمو، مترجم رياض صديقي، ڪراچي، انڊس پبليڪيشن، ١٩٨٩ع ص ١٩٨.

٦- رسالهءِ شاهؒ عبداللطيف، اردو ترجمو، اشاعت دوم، مترجم شيخ اياز، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ١٩٨٩ع، ص ١٩٨.

٧ - گربخشاڻي، هه - م، ڊاڪٽر: شاهه جو رسالو، ڪراچي، سنڌ سرڪار جو ثقافتي ڪاتو، ص ٥٧.

٨ - ايضاً، ص ٣٨.

٩ - حوالو پهريون، ص ٨٠.

١٠ - حوالو ستون، ص ٥٧ ۽ ٥٨.

١١ - ايضاً، ص ١٩٤.

١٢ - حوالو پهريون، ص ٨٤.

١٣ - ايضاً، ص ٨٠.

١٤ - حوالو ستون، ص ٥٧ ۽ ٥٨.

١٥ - ايضاً، ص ١٩٤.

١٦ - حوالو پهريون، ص ٨٤.

## اُهي ڪتاب ۽ مسودا جن تان به مدد ورتي وئي.

١ - شاهواڻي، غلام محمد، شاهه جو رسالو.

٢ - عبدالغفار "گوهر" دائود پوٽو: الف - ب وار شاهه جو رسالو، رسالي جي ڏسٽي، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي ١٩٩٤ع.

٣ - ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: نگارشات سنڌ، لاڙڪاڻه سنڌ، سنڌي ادبي اڪيڊمي، ١٩٩٢ع.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي

# سارنگ جو اهڃاڻ ۽ سنڌ جي جاگرافي

سارنگ سار لهيج، آلهہ لڳ اڄن جي،
پاٽي پوڄَ پٽن ۾، ارزان اَنُ ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

گهٽي گهرج، آس ۽ اوسيئڙي بعد عالم جي اُهَن ۽ ڏرتيءَ جي دانهُن جو اگهجَڻُ، پلّر جو پلٽجڻ، پٽ پرڻ ۽ انهيءَ عمل کان مايوس نہ ٿيڻ، بلڪ سعيي ۽ محنت سان اڃايل پوڻءِ کي سائي ڪرڻ ۽ ڏرت ڏيهہ مان تڙي ڪيڻ جي گڏيل علامت ۽ اهڃاڻ جو نالو "سارنگ" آهي. اُن ۾ سعيو لازمي جُز آهي، جيئن لطيف سائين فرمائي ٿو تہ :

"سارنگ" کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي،
ڳَڙي تو ڳمان ۾، آيو ڪي آيو،
هارين لاءِ هر جاءِ ۾، هاديءَ هَلايو،
متان ائين پانيو، تہ ڪا بادل آهي بَس ڪي.

نہ رڳو هاري، ناري پر هر ساهواري کي "سارنگ" جي "سانوڻيءَ" ۾ گهٽي گهرج رهي ٿي :

ماٺهو مِرگهہ مينهئون، سب سارنگ کي سارين،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سِپُون جي سمُوند جون، نئين سِج نهارين،
پَلَرُ پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

"اتر پار" اتر، اوپر، چوماسي ڏانهن اشارو آهي، جنهن جو ڪجهہ قدر سنڌين کي وڌيڪ آسرو هوندو آهي.

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَر ڪي چوٽي،
منڊائتي مينهن جي، ڪنوڻ نہ ڪوٽي،
آءُ لالڻَ موٽي، گهوريا رُسڻ ڏينهڙا.

اهو اُتر، اوپر چوماسو عربستان جي اُپبيت کي سيراب ڪري ٿو، جيئن لطيف سائين فرمائي ٿو:

اڄ پڻ آتر پار ڏي، ڪَڪَر ٿو ڪري،
روضي پاڪ رسول جي، پلنئو پَٽَ پري،
وڃن سان وري، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

يا

وِڄُون وَسَڻ آئيون، سارنگ سينگاري،
آڄيا لڪَ لطيف چئي، پَلرُ پياري،
وڄڙين واري، ڪٽي ڪعبي تي ڪَنڌ نائيا.

اُتر اوپر چوماسو، ڏکڻ اوپر چوماسي ڪانپوءِ سياري جي اچڻ کان اڳ يا پوءِ وسندو رهي ۽ زوردار هوندو آهي، اُتر واءُ هن جو اڳو متي هوندو، هن منڊ ۾،

اوچَڻُ گهرجي آجڪو، جُهوپو سهي نہ سيءُ

هن چوماسي جا مينهن چوڏار پوندا آهن، جنهن جي واٽ،موٽ ۽ مڃتا پڻ سر سارنگ ۾ خوب بيان ڪيل آهي:

"موٽي مانداڻن جي، واري ڪيائين وارَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئيوَن، چڱيءَ پَتِ چوڌارَ،
ڪي آئيون، "استنبول" تي، ڪن مَڃيا مَغرب پارَ،
ڪي چمڪن "چين" تي، ڪي لهن "سمرقند" سارَ،
ڪي رمي ويون "روم" تي، ڪي "ڪابل" ڪي "قنڌار"
ڪي "دهلي" ڪي "دَکن"، ڪي گڙن متي گرنارَ،

ڪن جَنبي "جيسلمير" تان، ڏنا "بيڪانير" بَڪارَ،
ڪَنهِين پُجُ پِڄائيو، ڪَنهين پٽَ مٿي پارَ،
ڪَنهين آچي عُمر ڪوٽ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائينمَ! سدائين، ڪَرين مَٿي سنڌ سُڪارَ،
دوستَ مِٺا دلدار، عالمَ سَڀُ آباد ڪرين!

واهُوندان وِچون ٿيون، ڪِڙيون ڏنهن ڪنياڻَ.
ڍَٽِ ڍَري پَٽِ پِيوُن، پاسي پارڪر.
يا
ڍَٽِ ڍَري پَٽِ پِيوُن، آيون عُمَرَ ڪوٽ،
ڍَٽِ ڍَري پَٽِ پِيوُن، آيون ڪاهي ڪاماري

اهي سڀ هنڌ، پنڌ ۽ پير سنڌ جي جاگرافيءَ سان واسطو رکن ٿا. "پَلَر" يا مينهن جو پاڻي سنڌ لاءِ سنڌونديءَ جهڙو اهم آهي، چاڪاڻ ته ڪاڇي ۽ ٿَرَ جا وسيع علائقا پوک ته ڇا پر ساهوارن جي پيئڻ لاءِ پاڻي ۽ پوريءَ سنڌ جا زير زمين آبي ذخيرا مينهن يا اُتي تي آواز رکن ٿا. چاڪاڻ ته "سنڌ" خط استوا جي خط حرير Thermal Equitor line تي واقع آهي.

ٿرمل اِيڪئيٽر خط استوا تي اها زميني ليڪ آهن، جنهن تي ايندڙ علائقن ۾ اونهارو وڌيڪ وقت رهي ٿو ۽ انهيءَ ڪري سال ۾ مجموعي گرميءَ جو مقدار دنيا جي باقي علائقن کان وڌ ۾ وڌ ٿئي ٿو. سنڌ جو علائقو ان وڌ ۾ وڌ گرميءَ جو هر سال مقابلو ڪري ٿو.

عجب جهڙي ڳالهه آهي ته خط استوا جي ٻي متفاصل ليڪ جنهن کي آسماني خط استوا يا ايڪئيناڪشل ليڪ چئجي ٿو، انهيءَ جي واٽ هن زميني خط استوا کان مختلف آهي. هن ليڪ تي ايندڙ علائقن مٿان اونهاري جي موسم ۾ سج جا ڪرڻا سڌا ڪِرن ٿا ۽ اُتي هڪ ئي وقت باقي علائقن کان وڌيڪ گرمي ٿئي ٿي، پر مجموعي گرميءَ جو مقدار

وڏيڪ نہ ٿو ٿئي، جيئن هندي، اُپيٽ، سريلنڪا، سنڌ ۽ عربستان جي اُپيٽ ۾ آهي.

برصغير جي ٻگهائي ڦاڪ ۾ داخل ٿيڻ بعد زميني خط استوا جي ليڪ يا ٿرمل ايڪيئٽر اُتر طرف مڙي وڃي ٿي ۽ پوءِ اُتان هندي اُپيٽ ۽ سريلنڪا کان ٿيندي عربي سمنڊ جي ساحلي علائقن ۽ سنڌ کان گذري ٿي، اُتان سڌو عربستان جي اُپيٽ جو رخ رکي ٿي، شايد انهيءَ ڪري اڪثر مقامي مذهبي ادب ۾ لوڪ ڪهاڻين ۾ سنڌ، سريلنڪا ۽ مڪو مدينو پاڻ ۾ زميني رستي ڳنڍيل ڄاڻايا ويا آهن.

سنڌ جي جاگرافيءَ تي وڏيڪ نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ چوماسي جي هوائن توڙي ڌرتيءَ جي بيهڪ جي لحاظ کان سنڌ جي سر زمين ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، ڏکڻ سنڌ ڪوسي ڪمربند ۾ آهي تہ اُتر سنڌ پوري ٻني ڪمربند ۾ اچي ٿي. چوماسي جون هوائون ٻن ٻن قسمن جون لڳن ٿيون. ڏکڻ اولهہ چوماسو ۽ اوڀر اُتر چوماسو ٻنهي جون هوائون سنڌ ۾ مينهن آڻن ٿيون.

ڏکڻ، اولهہ چوماسي جون هوائون دراصل ڏکڻ کان سڌيون اولهہ طرف نہ ٿيون لڳن، پر ڌرتيءَ جي گردش سبب دنيا جي اُتر اڌ گول ۾ اهي گهڙيال جي اُبتي ڪانٽي وانگر لڳن ٿيون ۽ فيريل جي قاعدي Ferrel's law مطابق ڏکڻ اولهہ چوماسي جون هوائون خط استوا تي اچي موٽ کائن ٿيون. ٻئي طرف ڏکڻ اوڀر تجارتي هوائون پڻ خط استوا پار ڪندي گهٽ داٻ جي گرداب ۾ ڦاسي پون ٿيون، جنهن ڪري سنڌ ۽ باقي پاڪستان جي اُتر اولهہ ڪنڊ تي هوا جو گهٽ داٻ ويتر وڌي وڃي ٿو ۽ اهو عربي سمنڊ جي ساحل طرف وڌڻ لڳي ٿو، انهيءَ سان سنڌ ۾ ڏوڙيا، واچوڙا ۽ جهڪڙ ٿين ٿا، ليڪن هتي اهڙا اُتاهان جبل نہ آهن، جيڪي هوائن کي جهلي مينهن وسائن. انهيءَ معاملي ۾ سنڌ جو برصغير تي اهو احسان آهي جو اُن جي مينهن جو حصو موٽيو وڃي عربي سمنڊ جي ساحل کان الهندي گهاٽن جي ٽڪرين کان ٿيندو ايرندي گهاٽن ڏانهن

وتندي نربدا ۽ تاپتي ندين جي وادين ۾ وسي ٿو، جنهن کي عربي سمنڊ جي چوماسي جي هوائن جي ڇاڙ چئجي ٿو. اوپر اتر چوماسي جون هوائون گنگا واديءَ تي اچيو ڪمزور ٿيو وڃن، آسام جي ٽڪرين ۾ چيراپنجي ۾ ٥٠٠ انچ مينهن وسائن ٿيون ليڪن روهڙي جي بندرين ٽڪرين ۾ سکر جي ساليانو سراسري مينهن جي ماپ فقط ٢ انچ آهي.

سنڌ جو اڪثر حصو ڏکڻ اولهه چوماسي جي واٽ کان ٻاهر رهجي وڃي ٿو ۽ سنڌ جي کيرٿر جبلن جي اوچائي ايتري نہ آهي، جو هن هوائن کي اڏ ڏئي پاڻ ڏانهن ڇڪي ۽ هتي ڏکڻ اولهہ چوماسي جو مينهن پوي، البت بلوچستان جي "پب جبل" جون قطارون ايتريون اُتاهيون آهن، جو اهي اهو ڪم ڏئي سگهن ٿيون.

سنڌ جو سُڄاڻ سيلاني شاعر، اسانجو مُرشد لطيف سائين انهيءَ جاگرافيائي صورتحال کان بخوبي واقف هو. سر سارنگ ۾ فرمائي ٿو تہ:

"پَريائين ڪُن "ڪِراڙ" جا، وَنو وارياسو،
ڪوُٽيتي ڪوِڻ جو، ڇگو چوماسو،
"ماڪاٽي" تان موٽيو، ڏيئي "پَبَ" پاسو،
خالق ڪيو خاصو، ڇيهو ڇُڪيءَ ڪَنديين.

"ڇُڪيءَ" ڍنڍ تي "ڇيهو" گاهہ پلو ٿيو، جو "ماڪاٽي" نئن کان مينهن جا ڪڪر "پب" جبل جو پاسو ڏئي صحيح طرف کان مندائتي ڪوُٽيتي ڪنوڻ ٿي ۽ سنڌ تي چوماسي جا مينهن آنا، جنهن سان ڪِراڙ جا ڪُن پريا ۽ پٽ جي وارياسي زمين وَسي پئي، چوماسي جي هيءَ واٽ جاگرافيءَ جي ڪنهن درسي ڪتاب ۾ ڇاٽايل نہ آهي.

سنڌ ۾ چوماسي جي مند جولاءِ کان سيپٽمبر مهينن تائين هوندي آهي، جنهن کي سانوڻي يا سانوڻ جي مند چئجي ٿو. مندائتي چوماسي ۾ مينهن چڱو خاصو پوي ٿو ۽ اُن سان گڏ ڏوڙيا بہ ٿين ٿا، چوماسي جون

هوائون، جيڪي سنڌ تائين رَسن ٿيون آهي هندي وڏي سمنڊ جي اولهائين حد ۽ بنگال جي اپسمنڊ ۽ عربي سمنڊ جي ڏکڻ اولهه ۽ اوپر اتر ڪنڊ کان لڳنديون آهن.

”حب ندي“ جي پريان ”لسبيلي“ ۾ جبلن جون قطارون اتاهيون، اڀيون ۽ ڏگهيون آهن. انهن ۾ ”پب“ جبل جي سلسلي جون چوٽيون بيحد اهم آهن. پب جبل ۾ ”ڦراس“ بلند ترين چوٽي آهي جيڪا سطح سمنڊ کان ٧٧٥٩ فٽ اتاهين آهي، جيڪا چوماسي جي هوائن کي آسانيءَ سان جهڻي سگهي ٿي، قلات جي ”جهلوان“ علائقي کان ”پب جبل“ جون قطارون ١٩٠ ميلن جي ڊيگهه ۽ اٽڪل ٧٠ ميلن جي ويڪر ۾، بلوچستان جي وڏي ۾ وڏي ندي ”هنگول“ کان شروع ٿي ڏکڻ چيڙي تي ”حب نديءَ“ وٽ ختم ٿين ٿيون. ”هنگول“ کي هنگلور سڏيندي، سر رامڪلي ۾ لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ ”وياجي هنگلور، تہ ڪرم ملندءِ ڪاپڙي“.

”هنگول“ يا ”هنگلور“ جو چوڙ بہ لسبيلي جي حدن اندر ڪُل ٣٥٨ ميلن جو ڊگهو سفر طئي ڪرڻ بعد عربي سمنڊ ۾ ڇٽي ٿو، اها ندي ”هاڙهي جبل“ جي اورئين پاسي آهي، پرئين پاسي ”اگهور“ ندي ٻن جبلن جي وچان وهي ٿي، انهن جبلن جا نالا ”جيءَ“ ۽ ”وجيءَ“ آهن. هاڙهي جبل جي پاڙ ۾ ”هنگلاج“ جي هڪ ويڪري غار آهي، جتي لطيف سائين بہ دفعا پيرين پيادو ويو هو. ۽ پوئين دفعي جوڳين جي ڏار ڪرڻ بعد جائو جبل کان لسبيلي جي واٽ وٺي ڳوٺ پهتو هو.

لسبيلي ۽ قلات جي وچ ۾ جَهلوان جو سائو پَٽُ آهي، جنهن ۾ ”جائو“ جبل ۽ انجي ماتري ۽ پرسان ”جهر“ ۽ ”جر“ جا اتاهان جبل لطيف سائينءَ پاڻ وجي گهميا ڦريا، جيئن سر سسئي آبريءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

وڏا ورڻ ”وٽڪار“ جا، چت جئو، جهر جر.

اهڙيءَ طرح سر سارنگ ۾ چوماسي جي واٽ ڏسيندي جو فرمايو اٿس تہ:

ماڪاٽيءَ" ڪان موٽيو، ڏيئي پپ پاسو

اهو سندس ذاتي سفر ۽ مشاهدي جو بيان آهي.

"مڪران" جي پهاڙي سلسلي ۾ "ماڪاٽي" وڏي ۾ وڏي نئن آهي، جيڪا "سياهان" سلسلي جي اُتاهين ٽڪرين تان لهي ٿي. مڪران جي پهاڙي سلسلي ۾ خاص ٽي قطارون آهن: مڪران جا ساحلي پهاڙ، وچ مڪران جون پهاڙيون ۽ "سياهان" سلسلو جيڪو "مڪران" کي "خاران" کان الڳ ڪري ٿو. هي پهاڙي سلسلا عربي سمنڊ طرف وڌندي اُتاهان ٿيندا وڃن ٿا ۽ اٽڪل ٧٠٠٠ فوٽ سطح سمنڊ کان مٿي ٿي وڃن ٿا.

"ماڪاٽي" نئن جنهن چوٽيءَ کان لهي ٿي، اُتان چوماسي جون هوائون ٽڪرائجي ۽ موٽ کائي ڏکڻ طرف پپ جبل جي اُتاهين چوٽي "قراس" سان ٧٧٥٩ فوٽ سطح سمنڊ کان مٿي ٽڪرائجي ڏکڻ اوڀر سنڌ ۾ مينهن وسائن ٿيون. ڪڇ، ڪاڇو، ڪاٺياواڙ، جيسلمير ۽ ٿربر وسي پون ٿا.

انهيءَ جاگرافيائي پس منظر جي وڏيڪ اُپٽار ۽ اُنجي سماجي منظر نگاري ڪندي لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

"بَر وٺا، ٿَر وٺا، وَنيون ترايون،
پرهہَ جو پَٽَن تي، ڪن وِلوڙا وايون،
مڪَڻ پري هتڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏُهن سامهيون، ٻولهايون رايون،
ٻايون ۽ دايون، ٻکي سونهن ٻانهنجي.
--------
بر وٺا ٿر وٺا، وٺو جيسر مير،
اَگم ڪري آئيون، پائر پري پير،
لاٿائون لطيف چئي، وانڍين مٿان وِيرَ،
سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون.
--------
بر وٺا ٿر وٺا، وٺي ڪڇ ڪنار،
پونياڙيءَ پٽن تي، ڏس نايائين نارَ،
سباجهي ستار، لاٿا ڏرتَ ڏيهہ تان.

پنهنجي پکي سُونهَڻ جو اصول، اَمن سلامتي ۽ خوشحاليءَ جي ضمانت آهي ۽ سنڌي سماج جي هر دور ۾ انهيءَ تي عمل ڪرڻ جا اهڃاڻ تاريخ ۾ موجود آهن. انهيءَ اصول مان ئي ساڻيهہ جي سِڪ ۽ مارئيءَ جي داستان جنم ورتو آهي:

اُتَن مِينهَن گهٽان، تِين موڪَ ملير ۾،
اکيون اَب پريون، اُنهِين ڪوُڙِ ڪَٽان،
مارُن شال مِڙان، ڪونيون ڇڏي ڪڌهين!
(سر مارئي).

هر اصول جي هڪ فروع يا ڇاڙهہ ٿيندي آهي، ساڻيهہ سان لَوُن لائي پنهنجي پَکين سکي ستابي زندگي گذارڻ جي ريت يا اصول جي ڇاڙهہ، مالڪ سائينءَ جو راضپو، سياڳ ۽ سَيُ سٺائي، ٻيڙائي پار" جي عام تمنا آهي جيڪا اڄ بہ هر سنڌواسيءَ جي وات تي آهي ۽ هرڪو آسروند آهي تہ ڏکن ڀنيان سُکَ ايندا، آسرو مَ لاهيج، سَڄڻ ڀاڄهيندڙ گهٽو. ضرورت ۽ انتظار جي ڪيفيت چٽيندي لطيف سائين فرمائي ٿو:

اَڄ پڻ اُتر پارَ ڏي، تاڙي ڪَئي تنوار،
هارِيُن هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سُنگهارَ،
اَڄُ پڻُ مُنهنجي، يارَ وَسَڻَ جا ويسَ ڪيا.

يار جي وسڻ جا ويس، ڪنوٽيون گجگوڙيون واءُ ۽ وسڪارا هرويرو ڪنهن هڪ مُندَ جا محتاج نہ آهن: اهو بہ هڪ نظريو آهي، جيڪو سائنس جي اصولن سان ٺهڪي اچي ٿو، موسم جون اوچتيون ٻيجاريندڙ اڳڪٿيون، سخت گرمي ۽ سيءُ ۽ اوچتيون ڪوسيون هوائون، جَهڪڙ ۽ مِنيءَ جا طوفان ۽ اڻ مندائتي مينهن جي گرجَ جو منظر چٽيندي لطيف سائين فرمائي ٿو:

مُند مِڙيوئي مِينهَن جي، وَسي تڏهن وَسَ،
ڪَتِرُن ڪيتا چِڏيا، جي مِڙيُون تي مَسَ،
گابا متي گَسَ، ڏَڪَ نہ ڪندا ڏُبرا!.

قائم سولنگي

# شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر سارنگ جو مطالعو

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحه جي بيتن ۾ سر سارنگ کي سيني سرن کان وڌيڪ شهرت ۽ مقبوليت حاصل آهي. اهڙي مشهور سر جو، هڪ عنوان هيٺ جائزو وٺڻ بجاءِ سارنگ جي سوين انهن مختلف رنگن کي پرکڻ ۽ انهن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ، جيڪي عنوان سامهون اچن ٿا، تن جو مختصر خاڪو هن طرح آهي. "سارنگ" کي سنسڪرت ۾ "شارنگ" سڏيو ويو ۽ ان جون ڪيئي معنائون ڏنيون ويون، جيڪي اڳتي هلي، مختلف ٻولين جي ميلاپ سان، وڌنديون رهيون، جن مان ڪجھ هيٺينءَ طرح آهن. روشني، جهڙ، جهڙالو، ڪڪر، چمر، وس، مينهن، مينهوڳي، جهڙقڙ، تڙقڙ پاڻي جا ڇنڊا، ڇنڊيون ۽ وسڪارو وغيره، جيڪي سيئي نالا پاڻيءَ جا مختلف روپ آهن ۽ ساهوارن کي انهن جي ضرورت رهندي پيئي اچي. پاڻي جيڪو ڪائنات جي جياپي جو بنيادي ۽ وڏو ڪارڻ آهي، جنهن جي هر هنڌ ۽ هر ملڪ ۾ ضرورت آهي، تنهن جي حصول لاءِ هر جڳھ ۽ هر ڪنهن ماڳ تي جدوجهد جاري رهندي آهي، ۽ خاص طرح اهي ملڪ جنهن ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ رهندي آهي. اتي تہ ان لاءِ ڪيئي چوڻيون ۽ پهاڪا مشهور آهن، جيئن ٿري چوندا آهن تہ "پاڻي ۽ پرمار، لاڀي تو ليجئي گهڻو". ٿر، جيڪو هر وقت پاڻيءَ جي ڇڪ ۽ سڪ ۾ هوندو آهي، تنهن جي رهاڪن جون اکيون سدائين آسمان ۾ هونديون آهن ۽ خاص طرح برسات جي مند ۾ اتر طرف نهاري سندن اکين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. ٿر وارن جي پاڻيءَ لاءِ تانگھ جو اهو وڏو ثبوت آهي تہ انهن جي ڳوٺن جا نالا گهڻو ڪري پاڻيءَ جي نسبت سان ئي آهن. جيئن تڳوسر، راوت سر، عالم سر، جت سرائي، هنجھ تل، روجھ تل، لاکي

ٽوپيو، ٻڙ تلاءُ، ولي جي ويري، جوڳي ويرو، پاٻو ويرو، سڄڻ پار وغيره.
اسان جي سامهون پاڻيءَ جا جيڪي روپ آهن، تن سيني جي آمد ۽ پرتيءَ جو ذريعو بارش ئي آهي. ان ڪري داناءُ انسانن مينهن کي رب جي رحمت سڏيو آهي. جنهن جي اچڻ سان هر طرف ساوڪ، سرهائي سرهاڻ ۽ سونهن جا منظر پيدا ٿي پوندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اهو مينهن زحمت جي شڪل بہ اختيار ڪندو آهي، جيڪا نهايت خطرناڪ هوندي آهي، مينهن، زحمت جي روپ ۾ تڏهن ايندو آهي، جڏهن "بندا" پنهنجي "مالڪ" جي نافرماني ۾ ايترو اڳتي وڌي ويندا آهن، جو سندن موٽڻ مشڪل پيو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. عين انهيءَ وقت تي رب پاڪ مٿن ناراض ٿي، ان ساڳئي مينهن کي خطرناڪ روپ ۾ ڏانهن موڪليندو آهي. جنهن جا ڪيئي مثال موجود آهن، جن ۾ حضرت نوح عليه السلام جي دور ۾ آيل برساتي طوفان مشهور آهي. ٻئي طرف پاڻيءَ جا رحمتي روپ سيني جي سامهون آهن، جن کان نہ رڳو پوکون، ميوا، گاهہ ۽ ٻي پيداوار حاصل ٿئي ٿي، پر اهو پاڻي مواصلات جو وڏو ذريعو آهي، جيڪو پڻ سارنگ جي سٽائن کان ئي وجود ۾ اچي ٿو. جن ۾ پاڻي جا دريائي ۽ سامونڊي روپ ڪم اچن ٿا. سارنگ اهڙي چيز آهي، جنهن ڪري ان ۾ ڪئين رنگ ظاهر ٿيو پون ٿا، ان ڪري ڪيس رنگا رنگي، پٽاپٽي، اندلن، ڏنڪ، چٽڪبرو، تيلي وارو، پبڪيدار، قوس، و قزح، پبڻ جو گل، چٽي ۽ سون جهڙن نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. واقعي اهي سيئي رنگ سارنگ ۾ موجود آهن ۽ سندس عمل وقت ظاهر ٿي پون ٿا، جن لاءِ حضرت شاهہ صاحب پڻ انهن ڏانهن اشارو ڏنو آهي:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪييا برجن سين،
ساز سارنگيون، سرندا وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پدام تي.

سارنگ ۾ جتي انيڪ رنگ آهن، اتي منجهس بي انتها سر بہ سمايل آهن، جن کي جيتوڻيڪ شاهہ سائين سرندن، سارنگين ۽ برچنگ

جھڙن سازن سان تشبيھ ڏني آھي، تڏھن بہ اھي سارنگ جي سرن جي آڏو ڪا شيءِ نہ آھن.

سارنگ جي سرن جو ئي اھو ڪمال آھي، جو انھن جي نسبت سان، ان کي ڪوئل، پپيھو، ڪونج، ڪوئل جي ڪوڪ، مور جي رڙ ۽ چنگ سڏيو ويو آھي. سارنگ ۾ جتي رنگن ۽ سرن جو سنگم آھي، اتي منجھس رعب تاب دٻدٻو ۽ ھيبت پڻ آھي. جن جي نسبت سان ڪيس شينھن، ھاٿي ۽ نانگ پڻ سڏجي ٿو. اھڙي ريت مختلف خاصيتن سبب ڪيس مختلف نالا ڏنا ويا آھن. جن مان ماکي جي مک، پونر، گھيٽو، ڪبرو، ھرڻ مشھور آھن. لغت جي ڪتابن ۾ سارنگ جا ٻيا بہ نالا ملن ٿا، جيئن "ھڪ ھيرو" "ھڪ ساز" "ھڪ قسم جو نانگ" "ماکيءَ جي وڏي مک (راڻي) "ھڪ زيور" ۽ "ھڪ ذات"وغيره سارنگ ۾ وس ڪان پوءِ جيڪا سرھاڻ ۽ خوشبوءِ پيدا ٿئي ٿي. تنھن لحاظ کان ان کي "صندل" ڪافور، وڻ، گل ۽ سيج پلنگ پڻ سڏيو اٿن. راڳ جي دنيا ۾ سارنگ کي بنيادي ڇھن وڏن راڳن مان ٽئين نمبر راڳ "ميگھہ" جو پٽ ۽ ملاري" کي ميگھہ جي زال ڪوٺيو ويو آھي. پر سنڌ جي ماحول ۾ انھن ٽنھي کي ھڪ راڳ سمجھيو ويو آھي. اھو ان ڪري ٿيو آھي، جو اھي ٽيئي، ھڪ لڙھہ جا راڳ آھن، سندن ڳائڻ جو ٽائيم ۽ موسم پڻ ساڳي آھي. راڳ جي ڄاڻن جي چوڻ موجب، اھي راڳ جي صحيح سر تال سان ۽ ترتيب سان ڳائجن تہ آسمان ۾ جھڙ ظاھر ٿي پوندو آھي ۽ مينھن وسڻ لڳندو آھي، اڄ بہ سنڌ جو مشھور مولودي قاسم جوٽيجو جڏھن سارنگ ڪندو آھي تہ ھڪدم آسمان ۾ ڪڪر ظاھر ٿي پوندا آھن، ٻي زباني روايت آھي تہ ڳوٺ سچيڏني ورياھہ تعلقي ٽنڊي آدم جو موليڏنو ماڇي ۽ ڳوٺ حويلي وايا ڇور عمر ڪوٽ جو مرحوم استاد شادي فقير بہ جڏھن سارنگ ڪندو ھو تہ ھڪدم برسات اچي ويندي ھئي. اھڙي طرح سنڌ ۾ ڪيترائي اھڙا ڳائڻا، راڳائي ۽ مولودي ٻڌجڻ ۾ اچن ٿا، جن سارنگ ڳائي مينھن وسايو ھو. سارنگ ملار ۽ ميگھہ جي انھن رنگن روپن ۽ بوندن برسائڻ ڪري ئي،

کين "بارش جا راڳ" ڪوٺيو ويو آهي. هندي راڳ مالا ۾ جتي مينهن کي "ميگهہ" مينهن وسائڻ واري کي "ميگهہ پتي" ڪوٺيو ويو آهي، اتي مينهن ۾ پيدا ٿيندڙ ڪڙڪيدار آواز کي "ميگهہ ناد" سڏيو ويو آهي. جنهن جو عربي ۾ "رعد" جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

يسبح الرعد بحمده و الملائڪته من خيفته

جنهن جي معنيٰ آهي تہ "رعد ملائڪ الله جي خوف کان ان جي حمد جي تسبيح پڙهي ٿو" لاڪيٽي لطيف بہ پنهنجن بيتن ۾ رعد جو ذڪر اجهو هن طرح ڪيو آهي: سڏيو رڙ رعد جي ڪليون ٿيون ڪنبن . . . . سنڌ جي سازن ۾ سيني کان اعليٰ ساز "سارنگي" آهي جنهن مان هرڪو سر ڳائڻي جي آواز ۽ سرن موجب ظاهر ڪري سگهجي ٿو. تنهن ۾ سڀ کان پهرين سارنگ ڳايو ويو. انڪري انُ کي سارنگي، جو نالو ڏنو ويو، جنهن جا ٻيا روپ آهن ڪماچه ۽ سرندو. سارنگ ۾ ڪنوڻ جا تجلا ڏسي، انسان سارنگ جي نتيجي ۽ نزول "پاڻي" تي تجربو ڪري، بجلي پيدا ڪئي جنهن کان انيڪ فائدا حاصل ٿيا آهن، جن مان وڏو فائدو اهو آهي تہ ان کان دنيا روشن آهي. سارنگ ۾ قدرتي رنگ ۽ انهن جا مختلف منظر ڏسي، انسان رنگن تي سوچيو ۽ منظر ڪشي جي شروعات ڪئي، جنهن اڳتي هلي "مصوري" جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن کي هينئر دنيا جو بهترين آرٽ ڪونجي ٿو. سارنگ ۾ "رعد" جا وڏا، ننڍا، ڪڙڪيدار، رسيلا ۽ راحت بخش آواز ٻڌي، انهن کي پسند ڪري هئين سان هنڊائي، مختلف قسمن جا راڳ ۽ راڳڻيون ايجاد ڪيا، جن جا ڪيترائي نالا آهن، جيئن ميگهہ، ملار، مالاري، گونڊ ملار، ميگهہ جي ملار، ميران جي ملار، ميان جي ملار، سارنگ، فتح سارنگ جنهن ۾ زوردار مينهن پوڻ جي ڪري ڌرتي تي ناليون، نيون، نديون ۽ درياهہ وجود ۾ آيا، جن مختلف ماڳن تي پهچي، سبزي ۽ ساوڪ پيدا ڪئي، جنهن کي ڏسي، انسان واهہ، شاخون، ڪڙيا ۽ ڪسيون کوٽائي، دنيا جي هموار حصن تي پاڻي پهچائي ڌرتيءَ جي وڏي حصي کي سيراب ڪري ڇڏيو. سارنگ ۾ مينهن

جي پاڻيءَ وسيلي مختلف ماڳن تي جڏهن اوپڙن جا ٻج ايڙيا ۽ ڪيترن ئي قسمن جا اناج ظاهر ٿيا. انسان انهن مان ڇانٽي ڪري ڪجهه ٻج چونڊيا، جن جي پيوند مان وڌيڪ ٻج وجود ۾ آيا ۽ هر هنڌ ڪاڏي جي شين جهڙوڪ اناج پاڇين ۽ ميون جي باقاعدي پوک ٿيڻ لڳي ۽ اڄان به ان تي ڏينهان ڏينهن وڌيڪ کوجنا ٿيندي رهي ٿي. سر سارنگ ۾ ماضيءَ جي خوشحال سنڌ ۽ خوشحال ٿر جي منظر ڪشي به آهي. ٿر خطو پنهنجي جمال جي جوهرن جي ياد ڏيارڻ لاءِ پنهنجي سفيد پٽن ۽ پڙن، رائي ۽ رڻپٽن، سپن ۽ ڪوڏن ۽ زمين جي ذرڙن جي خاموشي ۾ ٻي وسي سان احساس ڏياري ٿو. جيڪو اڄ بارش جي ڦڙي جو محتاج آهي، انهيءَ ڪي پنهنجي بيوسي ۽ مظلوميت جي نظاري پسائڻ لاءِ اندر مان آهون ۽ ڪيهون ويرون ٻنجيُ اٿن ٿيون، تن علامتن ڪي پٽن ۽ دڙن جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو. مطلب ظاهر ٿيو ته جيڪو خطو سدا سهڻو ۽ ڪلمڪ هو، سو اڄ سراسر ڏک، جو مجسمو آهي. اسان پنهنجي مقصد طرف ايندي تاريخ جي ورقن مان ثابت ڪنداسون ته هي خيابان ۽ برپٽ، اڄ اجڙيل نظر اچي رهيا آهن، سي ڪنهن وقت گاهه ۽ گلن سان ٻهڪندا هئا. سڏونت ۽ سارنگا جي ذڪر ۾ هڪ هنڌ سارنگا پنهنجي ننڍپڻ جي يار ڪان موڪلائڻ وقت ساهورن جي گهر جو پتو ٻڌائيندي ائين چئي ٿي:

پاري نگر پڌار جو، ڪري پگونٽا ويس،
جس گهر ناريل رونڪڙو، اس گهر ڪريجو اڪيل.

هتي ناريل جو وڻ درياهه جي ڇتي ثابتي ڏيئي ٿو.

٢ - رامائڻ واري زماني ۾ هاڪڙو ندي هلندڙ هئي، ان وقت ٿر ۾ پارڪر زبردست ٻيلا هوندا هئا. ايوڌيا ۾ جيڪي هاٿي هٿ ڪيا ويندا هئا. سي هن ٻيلن مان نيا ويندا هئا.

٣ - تاريخ "تمدن سنڌ" ۾ ڄاڻايل آهي ته سڪندر مقتوني ٦٢٣ ق م بهار جي موسم ۾ سنڌو درياهه کي پار ڪيو، انهيءَ عرصي ۾ هن ٿر واري ٻيلنا جي تحقيقات ڪرڻ لاءِ "ارسطو بيولس" کي روانو

ڪيو. جنهن يوناني ماهر تر جي ديلتا ڪي هڪ هزار ويران شهرن ۽ ڳوٺن جا آثار ڳولي ڏنا هئا، سندس چوڻ هو تہ ڪنهن زماني ۾ اهي ويران شهر مردم خيز هئا، ڪڇ جو رڻ سمنڊ جي صورت ۾ اڃان صحيح سلامت هو.

۴. شمس الدين قريشي صاحب "آئينه قديم سنڌ" ۾ لکي ٿو تہ درياهہ سرسوتي ۽ سنڌو درياهہ مان ڦٽي نڪرندڙ هڪڙي شاخ ويهند، يا واهندي هئي. جيڪي ٻئي درياهہ ڪوري جي نار ۾ ڇوڙ ڪندا هئا.

۵. جنت السنڌ لکي ٿي تہ ڏکڻ ۾ ڪڇ جو رڻ ۽ راجپوتانا جو وڏو حصو سمنڊ هيٺ هئا جنهن لاءِ سانير جي ڍنڍ شاهدي ڏئي ٿي.

٧/٦ ابو الفضل آئين اڪبريءَ ۾ ٽاڊ صاحب راجستان ۾ بہ هاڪڙي بابت اشارا ڏنا آهن.

٨ - ڪانياواڙي ڪنوار جوسل کي جڏهن سنڌ جي همير سومري ناحق بند ڪيو، تڏهن پنهنجي ڌرم ڀاءُ راءُ ڪنگهار جي پٽ راءِ نوگهن کي (جو جهونا ڳڙهہ جو راجا هو) پنهنجي مدد ۾ سنڌ تي چڙهائيءَ لاءِ هيئن لکيو:

سورٺ سنر نالو، ڀيو ورتڻ آيا وير
سنڌ ۾ روڪي سومري هلڻ ڏي نہ همير

٩ - ڇهين عيسوي صدي ۾ يوناني "سياح پيلس" اتان لنگهيو، جنهن بہ سمنڊ جو ذڪر ڪيو آهي.

١٠ - ١٠٢٣ع محمود غزنوي سومنات تي ڪاهيو ان وقت بہ هر ماڻهو ٻپ تي ڏياريو تہ ڪڇ جي سمنڊ جون لهرون لوڙهي ڇڏينديون. مطلب ظاهر ٿيو تہ ڪڇ جو رڻ سمنڊ هو، تڏهن اها ندي هلندي هئي. سا سنڌونديءَ جي شاخ هئي پنجاب مان نڪري عمر ڪوٽ جي پر وٽان ٻن وهڪرن جي صورت ۾ (هڪ اوير ٻيو اولهہ) ننگر پارڪر وٽان ڪوري جي نار (ڪڇ جو رڻ) ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. ان جو ٻيو نالو واهندو هو. ان جو عظيم الشان بندر پاري ننگر هو. جتي اڄ بہ لوهہ جا ٽڪر ۽ ٻيا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن درياهہ

جي بند ٿيڻ جي پوري ثابتي نہ ٿي ملي تہ ڪڏهن بند ٿيو؟ ڪن جو چوڻ آهي تہ بديع الجمال جا بند خلاص ڪرڻ لاءِ سيف الملوڪ جي دعا اگهاڻي، جنهن سان درياهہ پنهنجو رخ بدلايو. ڪي پاراسر رشي جي سراب تي اعتماد ڪن ٿا. ڪي وري ڌرتيءَ جي زلزلي جو لکن ٿا. جن جو چوڻ آهي تہ راءِ نوگهن جي سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ وقت وروڙي جو چوسڻ انهن سيني روايتن مان ڌرتي جي زلزلي کي وڏي اهميت آهي. يعني هن ڀيانڪ زلزلي هن چمڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ خطي کي تباهہ و برباد ڪري ڇڏيو.

سارنگ لاءِ راڳ جي ماهرن وٽ مشهور آهي تہ "سارنگ هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهن کي نڙ گهٽ هينان هڪ سوراخ آهي. هو جڏهن پاڻي پيئندو آهي تہ سمورو پاڻي ان سوراخ مان وهي وڃي هيٺ ڪرندو آهي ۽ اهو اڃيو جو اڃيو رهجي ويندو آهي. آخر جڏهن ڪيس اڃ گهڻو تنگ ڪندي آهي تہ هو ويهي راڳ ڳائڻ شروع ڪندو آهي. راڳ ڳائيندي، ڳائيندي جڏهن ماندو ٿي، نماڻين نگاهن سان آسمان ڏانهن ڏسندو آهي تہ آسمان ۾ جهڙ ٿي پوندو آهي ۽ بوندون وسڻ شروع ڪنديون آهن، جنهن ڪان هن جو تتل جسم ٺري پوندو آهي. انسانن جڏهن ان پکيءَ جو راڳ ٻڌو تہ ان کي سامهون رکي، ان کي سڌاريو سنواريو ۽ ان جو نالو، ان پکي جي نسبت سان "سارنگ" رکيو. جيڪو راڳ ڏاڍ منجهند جو، ڪاڙهي تتي مهل ڳايو ويندو آهي. اهو ٽائيم ان لاءِ مقرر ڪيو اٿن، جو ان مهل تي سج جي تپش ۽ نتهڻ اس ۾ ڪائنات جي هر ذري کي ٿڌڪار ۽ راحت جي ضرورت هوندي آهي، جيڪا هن راڳ جي ڳائڻ ۽ ان جي اثر سان ئي حاصل ٿيندي آهي.

راڳداري جي دنيا ۾ جڏهن ترقي ٿي ۽ ڪن ڄاڻو گوين "سارنگ" واري راڳ کي اڳتي وڌايو تہ اصل راڳ جي مقابلي ۾ ننڍو رهجي ويو. پوئنين نهيل راڳ کي اڃان بہ اڳتي آندو ويو ۽ سندس نالو "ميگهہ" رکيو ويو. راڳ لاءِ اها سموري محنت برصغير جي ايراضي ۾ ٿي، ان ڪري ان کي "هندي راڳ" نالو ڏنو ويو. انهيءَ راڳ جڏهن اڃان ترقي يافتہ شڪل

اختيار ڪئي تہ ان کي "وڏو راڳ" قبول ڪيو ويو ۽ هن وقت بہ اهو ڇهن وڏن راڳن مان هڪ آهي. راڳ جي چاڻن جي چوڻ موجب هي راڳ سدائين ناٿ ۽ ٻيڪي سان هوندو آهي ۽ سندس هٽن ۾ تلوار جهليل هوندي آهي ان سان گڏوگڏ منجهس چوڌاري گلن ڦلن ۽ گلزارين جي گونا گوني لڳي پيئي هوندي آهي، جنهن جي وچ ۾ ئي هن راڳ جو روپ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هي راڳ ساوڻ ۽ ٻَدي جي مهيني اندر سخت گرمي ۾ ٻن پهرن جو ڳائڻ ۾ ايندو آهي، جو ان وقت هن راڳ جي سخت ضرورت هوندي آهي. اڳتي هن راڳ جڏهن تاريون ڪيون تہ انهن کي مختلف نالا ڏنا ويا جن کي هيٺينءَ طرح ورهايو ويو:

٥ زالون ٨ پٽ ۽ ٨ نهون. سارنگ پڪيءَ وارو بنيادي راڳ سارنگ جنهن کي وڏائي ميگهہ راڳ ناهيو ويو هو، ان کي ميگهہ جي اٺن پٽن ۾ شامل ڪيو ويو. مطلب تہ سارنگ، قدرت جي اها نعمت آهي، جنهن جي مختلف منظرن وغيره کي ڏسندي انسان ذات، ان کان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي ۽ شايد اجان بہ ان کان ڪي ڪجهہ حاصل ڪري، سارنگ، سنڌي شاعريءَ جو جيتوڻيڪ پراڻو موضوع آهي، تڏهن بہ انکي باقاعدي هڪ سر جي حيثيت لطيفي دور ۾ ئي نصيب ٿي آهي. جنهن ۾ پهريون شاعر، شاهہ صاحب جو وڏو همعصر ۽ بزرگ ميون شاهہ عنايت رضوي آهي ۽ ٻئي نمبر تي شاه عبداللطيف جو نالو اچي ٿو، جنهن جي ڪلام ۾ سر سارنگ جي بيتن جو خاڪو هيٺين طرح آهي. هن وقت تائين اسان جي سامهون جيڪي ڇاپي رسالا آهن، تن جو تعداد لڳ ڀڳ سورهن آهي، جن مان ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جو رسالو، جيڪو ٽن جلدن جي روپ ۾ آهي. تنهن ۾ سارنگ جو سر ۽ ٻيا ڪجهہ سر موجود نہ آهن. اهي چوٿين جلد ۾ اچن ها، پر اهو مڪمل ٿي ميدان ۾ ني نہ آيو انهيءَ کان پوءِ جيڪي بہ ڇاپي رسالا موجود آهن، تن ۾ بيتن جي تعداد ۾ ڪافي فرق آهي. مذڪوره رسالن مان سارنگ جا ٿوري ۾ ٿورا بيت برٽش ميوزم واري رسالي ۾ آهن، جن جو تعداد ٢٩ آهي ۽ وايون ٣ آهن. اهڙيءَ طرح سارنگ جا گهٽي کان گهٽا بيت خانبهادر محمد صديق ميمڻ واري رسالي

۾ آهن جن جو تعداد ٩٨ آهي ۽ منجهس ٥ وايون آهن. انهن کان سواءِ باقي ڇاپي رسالن ۾ بيتن جو تعداد ٣٨، ٤٢، ٥٢، ٦٠، ٦١، ٧٣، ٨٨، ٨٩، ۽ ٩٠ آهي ۽ وايون ٢ کان ٥ تائين آهن. مٿي ذڪر ڪيل بيتن ۾ سارنگ جو ذڪر اجهو هن طرح آهي:

- ماٺهو، مرگهه، مينهيون، "سارنگ" کي سارين،
- حڪم ٿيو بادل کي" سارنگ" سات ڪجن،
- وڄون وسڻ آئيون، "سارنگ" سينگاري،
- وڄون وسڻ آئيون، "سارنگ" چڙهيو سيج،
- "سارنگ لاٿي سوڙهه، سانده سهائو ٿيو.
- پري پٽ تي آئيو، "سارنگ" سهج منجها،
- صراحيون "سارنگ"، پلٽيون رات پدام تي،
- جهڙي لالي لاک جي، "سارنگ" سائي ست،
- سهسين ٿيا "سارنگ" جاني آيو جوءِ ۾،
- "سارنگ" کي سعيو، توکي سعيو نه ٿئي.
- "سارنگ" سار لهيج، الله لڳ اجين جي.

سر سارنگ جي وقت "سانوڻ" برسات جي آمد جو انتظار هوندو آهي. جڏهن ڪنهن ملڪ مٿان ڪارا قحط اچن سخت گرمي ۽ لڪون لڳن ۽ باغن ۾ ساوا پن نه رهن، وڻ ٽڻ سڪي وڃن پکي پکڻ اڄ ۾ پاهه ٿين ۽ حياتيءَ جي آس اجهامڻ لڳي. تڏهن رب سائين ڪرم جو ڪڪر رحم سان موڪلي ٿو. مينهن وسن، هر طرف ساوڪ نظر اچي، ڏک ڏولاوا ڏور ٿين ۽ خوب آباديون ٿين.

ساوڻ کي شاهه صاحب پڻ ياد ڪيو آهي ۽ فرمائي ٿو ته:

- سڄڻ "سانوڻ" مينهن جيئن، آگم ڪيو اچن،
- سڄڻ "سانوڻ" مينهن جيئن، جهٽڪن پاسي جهوڪ،
- "سانوڻ" پسي سرتيون، سڄڻ ساريو مون،
- "سانوڻ، جي سهمن، مٿان پول پلو وهين،
- سٽائون "سانوڻ جون، جوڙي جونچي جوڙ.

محمد ابراهيم "سنڌي"

# سر سارنگ ۾ سمايل سماجي ۽ روحاني فڪر

سنڌ سونهاري شروعات کان وٺي سرسبز ۽ شاداب رهي آهي. منجهس الله جون هر نعمتون موجود هيون "۽ آهن". اڳي ڪي ايترا بئراج ۽ واهه ڪونه هوندا هئا. اڪثر آبادي برساتي پاڻيءَ هُرلن ۽ نارن وسيلي ٿيندي هُئي. ملڪ ميدان، پوڙا پٽ، اگهڻ ۽ جُوءِ ڪُشادي ته ماڻهن جا من ڪشادا ۽ اڇا اُجرا ۽ خوش. شاهه سائينءَ واري زماني ۾ ههڙي ڪشمڪش ڪونه هُئي. "جهڙي اڄ آهي، هرڪو پاڻ کان بيزار". ڪلهوڙن جو دور سنڌ جو خوشحال ۽ خود مختيار ۽ آزاد دور هو. انهيءَ ڪري هر ماڻهو خوش هو. وڏن عزتن جا انبار هوندا هئا. اڪثر ماڻهو ٻهراڙيءَ ۾ رهندا هئا. سندن گذر سفر مال متاع ۽ ٻني ٻارو هوندو هو. سو ضرور برسات کي ساريندا هوندا. اڄ به ٿر ۽ ڪاڇي جا ماڻهون آسمان ۾ ڪنوڻ ڪوندي ڏسندا آهن ته ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. لطيف سائين هڪ وڏو سماجڪ ۽ نبض شناس به هو. ان ڪري ماڻهن جي ڪيفيت ۽ حالت کان واقف هو.

هن سُر ۾ ويهي انهن حالتن ۽ ڳالهين جي اپٽار ڪئي اٿس، هُونءَ به سندس ڪلام ۾ گونا گون اسرار سمايل آهن. سُر سارنگ ۾ لطيف سائين مسڪين مالوند ماڻهن جو ذڪر تمام گهڻو ڪيو آهي. ان جو ضرور ڪونه ڪو سبب ته هوندو، ان سان گڏ ضرور ڪو سماجي مقصد هوندو. سارنگ، جا پاڻيءَ جي علامت آهي، ان کي سڀ سارين ٿا. شاهه عنايت رضويءَ به سارنگ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي.

سارنگ کي سارين، ماڻھو، مرگھ مينھيون،
اَرون اَبر آسري، تاڙا تنوارين،
سپُون جي سموند جون، نئين سج نھارين،
پلر پيارين، اُڃاين عناتُ ڇڏي.

لطيف سائين سارنگ کي سارڻ وارن جو ذکر ھن طرح کيو:

ماڻھو مرگھ، مينھيون، سارنگ کي سارين،
اَرون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سموند جون، نئين سج نھارين،
پلر پيارين، اڃين آب اگوندرو.

سنڌ جو ھڪ وڏو ڏاھو عالم سنڌي سماج سان محبت رکندڙ محترم سائين جي - ايم - سيد سُر سارنگ بابت پنھنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو تہ لطيف سائين سُر سارنگ ۾ غريب ۽ مالوند ماڻھن کي ھمت ڏيارڻ، محنت ڪرڻ لاءِ سبق ڏنو آھي.

اَگوندري جي آب مان ماروئن جي خوشحالي، ملڪ جي خوشحالي آھي. (١).

الله پاڪ جيڪي عام شيون پيدا ڪيون آھن، انھن شين مان پھرين ھوا ۽ بيو پاڻي آھي. ھوا ھر ساھواري جي ساھ کڻڻ، تہ پاڻي وري ان جي وڌڻ، ويجھڻ جي جياپي ۽ زندگيءَ گذارڻ لاءِ ضروري آھي. انھيءَ ٻنھي کان سواءِ ڪوبہ جيو جِئي نٿو سگھي، ۽ باقي ٻيون ضرورتن جون شيون انسان پاڻيءَ رستي پاڻ اپائي وٺي ٿو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو پنھنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ "سارنگ پاڻيءَ جو تصور آھي ۽ پاڻي زندگيءَ جو ٻيو نالو آھي" (٢). ڏنو وڃي تہ ھر شيءِ لاءِ پاڻي ضروري آھي، جنھن کان سواءِ ھر شي ڪومايل ۽ ميري لڳي ٿي، پاڻي ان جي ميراڻ کي ڌوئي صاف ڪري اڇو اجرو ڪري سھڻو ۽ تازو توانو بنائي ٿو. انھيءَ ڪري ھر جيو "ساھوارو" سارنگ کي

ساري ٿو. ڌرتيءَ ۽ پاڻيءَ جو رشتو ازل کان آهي، پهريائين هي سڄو سنسار پاڻي ئي پاڻي هو، ۽ پوءِ مالڪ مَهر ڪئي ان جي مٿان ڌرتيءَ کي وڇايو. پاڻيءَ ۽ زمين جي ميلاپ سان انساني سماج جو واڌارو ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري لطيف سائين سارنگ جي مينهن کي مالڪ جي رحمت الاهي سمجهي ڪيس پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ سموئي ڪٿي نروار ڪيو آهي. انهيءَ رحمت الاهيءَ جي وسڻ سان گل ڦل نوان نوان ويس ڪن ٿا ۽ انسان جي مادي توڙي روحاني نشو نما ٿئي ٿي.

لطيف سائين مينهن کي پنهنجو دوست ۽ جاني يار ڪوٺي ٿو، ان جي اچڻ سان قلب کي قرار رسي ٿو، جيئن ڌرتيءَ جو اندر ٺريو پوي تيئن انسان جو بہ اندر ٺريو پوي. منجهس نئين اُمنگ ۽ من ۾ جوت جاڳيو پوي.

جاني آيو جُوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وهلو وڇائين ويو، ڪري غم گذار،
نظارو نروار، پِرِي پسايو پنهنجو.

شاهہ عبداللطيف سارنگ کي آزادي، جستجو، جاکوڙ ۽ محنت جي علامت سمجهي ٿو، مينهن جي مند ٿئي ٿي تہ هاري هر ڪٽي ڌرتيءَ کي کيڙي محنت ۽ مشقت سان اَنُ اُپائي ٿو، جنهن سان خوشحاليءَ ۽ انساني آسودگيءَ جي سڳند ٿئي ٿي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد "سنڌي" لکي ٿو تہ لطيف سائينءَ سارنگ کي انقلاب ۽ خوشحاليءَ جي علامت سمجهي نروار ڪيو آهي. (٣) شاهہ جو همعصر وڏو عالم ميون عنات رضوي سارنگ کي هن طرح مخاطب آهي.

سارنگ سار لهيج، الله لڳ عنات چئي،
پاڻي پوچ پٽن ۾، ارزان آن ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

سُر سارنگ بابت ڊاڪٽر فهميدا حُسين پنهنجي راءِ ڏيندي لکي

ٿي ته، "برسات اسان جي سنڌ ڌرتيءَ لاءِ آسمان مان وسندڙ رڳو ٿلهو پاڻي نه آهي پر سک، ساوڪ ۽ وسڪاري جي علامت آهي. سڪايل ماڻهن لاءِ سک ۽ سڪون خوشيءَ ۽ سَرهائي جي علامت جو اهڃاڻ پڻ آهي. وسڪاري ڪان پوءِ وڻ ٽڻ، ٽوپيون صاف ٿيو پون، اهو ان جو جمالياتي پهلو آهي"(۴). انسان ويچاري جي دل جڏهن اهڙو وڻندڙ نظارو ۽ وسڪارو ڏسندي آهي. تڏهن ازخود جهونگارڻ لڳندي آهي، هڪ عام ماڻهو سارنگ جي ساوڪ، تازي جي تنوار ڪڪرن جي ڪار ۽ ڪنوڻ جي ڪيل ۾ گم ٿي دل ۾ سڄڻ ڪي سارڻ لڳي ٿو:

محب منهنجا سُپرين، آڻيندءِ الله،
توکي ساري ساهه، اُڪنديو آهون ڪري.

اهڙي نظاري ڪي ڏسي سهڻي لطيف انسان جي امنگن ڪي هن طرح چٽيو آهي:

اڳڻ تازي، ٻَهر ڪنديون، پڪا پٽ سُهن،
سُرهي سيج پاسي پرين، مَرِيئا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هُونَ برابر ڏينهنڙا.

انسان لاءِ اڪيلو رهڻ، زندگي گذارڻ مشڪل آهي، گڏجي رهڻ، اُس ۽ سرديءَ کان بچڻ لاءِ اجهو جوڙڻ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺڻ، هڪ ٻئي جي سار سنڀال لهڻ، انسان جي سماجي فطرت ۾ شامل آهي، جو ته اڪيلائي ايذاءُ رسائيندڙ آهي، انهيءَ ڪري شاهه سائين اڪيلائيءَ ۾ گهاريندڙ هڪ سهاڳڻ جي اندر جي ڳالهه هن طرح ڪئي آهي:

ڪانڌ تنهنجي پانڌ ريءَ، سيءُ مران سڀ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نه اچي جهات،
اچي جي پرڀات، ته آئون سيءُ نه سيران.

اڪيلائيءَ جي عذاب جا اهڃاڻ، ڀولئي بنا اڪيلو رهڻ اجهو

ٻهي پوڻ، انساني سماج جي ڳالهه لطيف سائين تمام سهڻي انداز سان ڪئي آهي:

اوچڻ گهرجي اَجڪو، جهوپو سهي نه سيءُ،
سٽائيج سَوَڙ ڪي، حال منهنجو هيءُ،
اَڳڻ آيو ٿيءُ، ته ڍوليا ڪنهن ڍنگ ٿيا.

ڍولي ڪي سڏڻ ڪنهن ڍنگ يعني ڪنهن پاسي ٿيڻ، ڪانڌ هوندي اڪيلو زندگي گذارڻ ڪيڏو نه ڏکيو آهي، ورِي جو وسڪاري جي مند ۾ ان جي يادگيري اچڻ سان وٽيڪ وڌ پوڻ لڳن ٿا. ور بنا ڪير سندس واهر ڪندو، سنڌي سماج جي لطيف سائين ويهي هن بيت ۾ عڪاسي ڪئي آهي:

ڪٽڪن ڪانڌ چت ڪيو، جهڙ پسيو جهجن،
ور ري واندن آڏيا، پڪا سي مَ پُسن،
اتر ڊاهي اُن جا، ته ڪنهن ڪي ڪارون ڪن،
وارث وَرِي تن، اچي شال اولون ڪري.

شاهه سائينءَ سڄي سنڌ گهمي، ڦري ڏٺي هئي ڪيس غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي غربت جي چڱيءَ پَر پروڙ هُئي. انهن جي جُهريل جهوپڙين، مينهن جي سَٽ نه سهڻ وارن اجهن کان چڱيءَ طرح واقف هو.

انهن غريبن وٽ سيءَ ۽ مينهن کان بچڻ لاءِ ڪِي به ڪين هو. هن سُر ۾ مسڪين ماروئن جي رهڻي ڪهڻي ۽ مينهن جي فائدي ۽ نقصان جي شاهه صاحب اپٽار ڪئي آهي. مسڪين ماڻهون مينهن جي آسري ۽ اميدن ۾ جهنگن ۾ ڏينهن گذاري ٿو:

اج پڻ اميدون، اَگم سنديون آپ ۾،
ساوڻ پسي سرتيون، سڄڻ ساريو مون،
آئون آسائتي آهيان، مان يجائي يون،
گهر نه گهرجين تون، مند مڙيئي مينهن جي.

لطيف سائينءَ مالوند ماروئن لاءِ دعا گھرندي چيو تہ،

سنگھارن شرم، رک منهنجا سُپرين.

چو تہ کيس خبر هئي تہ مهانگي لاءِ ميڙڻ وارا هٽ کوڙ رهن ٿا. جيڪي ذخيري اندوزي ڪري غريبن کي ڦرين ٿا ۽ اهي موذي ڏڪار سٽيلن ماروئن کي وڏا ڏنجهہ ڏين ٿا. منهنجا مالڪ سنگھارن لڄ رکج ۽ ڪو سٺائو وسڪارو ڪج تہ جيئن مسڪين پنهنجون اپريون سپريون نہ وَڪڻن:

ڪانڌ مَ وڪڻ ڪنڍيون، ڏڻ سيوئي ڏار،
اپريون سپريون پانهنجون، سِسيون سپ سنيار،
ٻن ڇڏي، ڇن پئي، وڃي ولھارن وار،
تہ اچي اڱڻ ٻهار، سَرلا ڪندي سڏڙا.

جلد ڏهون (رسالي جو ڪلام)

لطيف سائين جو سمورو ڪلام روحاني رازن ۽ رمزن سان ڀريو پيو آهي هن سُر ۾ بہ ان طرف اشارو ڪيو اٿس.

اسلام کان اڳي ڪفر جو اونداهو ۽ ڪارو ڪڪر دنيا تي ڇانيل هو. رحمت اللعالمين جڏهن رحمت جو ڪڪر بنجي آيو تہ ساري دنيا ۾ ڪفر وارين دلين کي اسلام جي روشني ڏني ۽ ڪٽ چڙهيل دلين کي اڇو اُجرو ڪيو. اسلام جي اچڻ سان انسان کي هيڪڙائي واري واٽ ملي روحاني پلر جي پالوٽ ٿي ۽ انسان کي حقيقي مان ۽ شان مليو. ذهني ۽ فڪري آزادي نصيب ٿي. انسانيت جو شعور پيدا ٿيو. بيوس، بيڪس ۽ لاچار ماڻهن تان ڏولائي جا ڏک ڏاڪڙا لٿا. جَبر ۽ ڏاڍ، وهم ۽ وسوسا لٿا: انهيءَ کان پوءِ انسانن جي مادي توڙي ذهني خوشحالي ٿي، ثقافت، صداقت، عدالت ۽ اخلاقيات نئون رخ اختيار ڪيو. اسلام جي روحاني ۽ اخلاقي فيض مان انسانن جي دلين کي روشني ۽ فرحت ملي.

انهن ئي ڳالهين لطيف سائينءَ تي گهرو اثر ڪيو، جنهن تي پاڻ

هٿ مبارڪ ڪٽي مالڪ ڪان دعا پوري عالم انسان لاءِ گهري ته مالڪ جتي جتي انسان وَسي ٿو، ان کي آباد ڪِجان.

اهو انسان دوستي ۽ همدرديءَ جو اعليٰ مثال آهي، جيڪو صرف شاهه جي روحاني ۽ آفاقي ڪلام ۾ آهي، پنهنجي سنڌ لاءِ جتي پاڻ رهي ٿو، ان کي به ڪين وساريو اٿس، ان لاءِ دعا گهري چئي ٿو "اي منهنجا سائين منهنجي سنڌ کي سدا سکيو ستابو ۽ سُڪار وارو ڪجان، منهنجا مارو شال سکيا ۽ خوش هجن".

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا! دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين،
(شاه).

# حــوالا


١ - محترم جي - ايم - سيد "پيغام لطيف" ص ١٧۴ ڇپائيندڙ: سن اڪيڊمي، ضلعو دادو سنڌ.

٢ - ڊاڪٽر غلام نبي سدايو - شاهہ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري، ص ٣٦٦. ڇاپيندڙ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ - حيدرآباد سنڌ. ١٩٩٢.

٣ - ڊاڪٽر فهميده حسين "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ" ڇپائيندڙ، آخوند عبدالحميد، سيڪريٽري ثقافت کاتو سنڌ حڪومت شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز سال ١٩٩٣ع ص - ٢١ - ۴٢١).

۴ - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد .سنڌي". "لطيف جو پيغام" ص ١٨٥.

ڇپائيندڙ: مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي ١٩٨٩ع.

٥ - شاهہ جو رسالو - غلام محمد شاهوائي ١٩٦٠ع.

٦ - شاهہ جو رسالو - علامہ آءِ - آءِ قاضي. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

٧ - "ميون شاهہ عنايت" رسالو - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

٨ - جلد ڏهون، رسالي جو ڪلام - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

رضيہ شيخ

# سر سارنگ ۾ سنڌي عورت جا احساس

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنہ ١٦٨٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين. ان وقت سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪمراني هئي. انهيءَ دؤر جي سماجي حالتن بابت ڪيترائي جڳ مشهور عالم گهڻو ڪجھ لکي چُڪا آهن، جن مان مسٽر چيبلاٽي، مرزا قليچ بيگ، مير عبدالحسين خان سانگي ۽ ايچ ٽي سورلي مشهور آهن. ميان غلام شاھ دريائن جي ٻنهي ڪارن مان وڏا واھ ڪيائي سنڌ جو وڏو حصو آباديءَ هيٺ آڻي ڇڏيو هو. جنهن ڪري لکيو ويو تہ اُن وقت سنڌ ۾ خوشحالي، امن ۽ آسودگي هئي. ليڪن اها آبادي ۽ آسودگي سنڌ جي فقط وچ واري ميداني علائقي تائين محدود هئي. باقي سنڌ جا ٻہ وڏا حصا ريگستان ۽ ڪوهستان اڄ وانگر، ان وقت ٻہ مينهن جا محتاج هيا.

وُنو تہ ٿر نہ تہ بَرُ.

انهن علائقن ۾ جيڪا ٿوري گهڻي برسات پوندڙ هئي، ان تي ئي ماڻهن ۽ مال، پکي پکڻن ۽ آباديءَ جو مدار هو، سا بہ ڪڏهن وسي تہ ڪڏهن سالن جا سال بس.

خود واهن تي آباد ٿيندڙ زمين ۽ انهن ۾ رهندڙ ماڻهو ۽ مال جو مدار بہ برسات تي ئي هوندو هو، انهيءَ ڪري سموريءَ سنڌ کي هر هنڌ مينهن جوئي انتظار رهندو هو:

سارنگ کي سارين، ماڙهو، مِرگھ مينهوُن،
آڙيون اَبَر آسري، تاڙا تنوارين،
سِپوُن جي سمونڊ ۾، نئين سج نهارين،
پَلَرُ پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

مينهن وٺي ڪاڻيوءِ سنڌ جي سماجي تبديليءَ جو احوال شاهہ رح جي هن هڪ ئي بيت مان پروڙي سگهجي ٿو، جنهن ڪي سچي سُر سارنگ جو اختصار چئجي تہ بجا ٿيندو:

حُڪُم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ سات ڪجن،
وِڄُون وسڻ آئيون، ته ته مينهن ٿِمن،
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پنڌرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورَن.

انساني سماج جي ارتقا ۾ عورت جو گهٽي ڪان گهٽو حصو آهي حياتِ مسلسل جو باعث بہ عورت ئي آهي. جيڪڏهن عورت ۽ مرد جي لازم و ملزوم وجود مان ڪوبہ هڪ عنصر خصوصاً عورت کي ڪيڍي ڇڏجي تہ پوءِ قدرت جي ڪار گاهہ جو نظام ڪهڙو بيهندو. ان بحث ۾ نہ پوندي، آئون حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ آيل عورت جي ڪردار ۽ اُن جي سماجي ڪارج بابت ڳالهائيندس تہ رسالي ۾ شاهہ صاحب بہ عورت جي ڪردار جا ڪيترائي مضمون ڏنا آهن، جن کي هُو پنهنجي الهامي شاعريءَ سان زنده جاويد بنائي ٿو ڇڏي، مثلاً سسئيءَ جي جهوليءَ ۾ سُورن جون سنگهرون وجهي، پُنهونءَ پُنيان پنڌ ڪرائي سندس ڪردار کي محبت جي علامت بنائي ڇڏيائين. مُومل کي سُونهن سوڀيا جو بي مثال پُتلو بنائي ڇڏيائين، جنهن جي رڱو گهڙي ڀل جي دبدار لاءِ هزارين هاتڪ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ کڻي قربان ٿي چڪا هئا. ليلان مٺين ۽ موتين تي لالچ ۽ حرص جو پُتلو بنجي پنهنجو ورَ، گهر، مان ۽ شان سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو.

مارئي دغا ۽ دولاب، ڏاڍَ ۽ ڏمرَ جو مقابلو ڪندڙ عورت جي روُپ ۾ غريب مارُوئڙن ۽ سانگين جي نمائندگي ڪندي اخلاقي قدرن کي هٿان نہ ڇڏيو. نوري نياز ۽ نوڙت جو مجسمو جنهن پنهنجي نهٺائيءَ واري عمل سان دائمي زندگي حاصل ڪئي، ليڪن شاهہ صاحب جي سُر سارنگ ۾

عورت جو ڪردار عجيب رنگ ۾ نظر اچي ٿو. هوءَ اڪيلي رهي ٿي ويجهڙائيءَ ۾ سندس ڪوبہ سڏ ٻُڌڻ وارو ڪونهي. سندس پنهنجي ڪکن پنن مان ٺهيل جُهوپڙي سندس ڪُل ڪائنات آهي. سندس ڪانڌ پورهئي سانگي پرديس ويل آهي، جنهن جي مُند ۾ جڏهن ڪيس پنهنجي ايري جهوپڙيءَ جي ڊهي پوڻ ۽ اُتر جي واءَ ڪان اولي نہ هئڻ جو ڊپ ٿئي ٿو. تڏهن مَنَ ۾ پنهنجي ڪانڌ کي شدت سان ياد ڪري ٿي تہ :

ڪُڪڙ ڪانڌ چت ڪيو، جُهڙ پسيو جهجَن،
وَرَ ري وانيين آڏيا، پَکا سي مَ پُسنَ،
اُتر ڊاهي اُنِ جا، تہ ڪنهن کي ڪاروُن ڪَنِ،
وارِثُ وَري تنِ، اچي شال اولو ڪري.

- - - - - -

ڪُڪڙ ڪانڌ چت ڪيو، جُهڙ پَسيو جُهٽڪَنِ،
سُٽيو رَڙ رعدَ جي، ڪَليون ٿيون ڪَنبنَ،
ڪَليون ڪين ڪُڇن، ويچاريون وَرَنِ وري.

سنڌ ۾ سانوڻ جو مينهن عام طرح اُتر کان اچي ٿو، ڪنهن قضاني ڏکڻ جو بہ مينهن وسي، چون تہ "ڏکڻ نہ وسي پر جي وسي تہ ٻوڙ ٻوڙان ڪري" اُتر جو مينهن سخت هوا سان وسي ۽ نار بہ ڪري، اهو مُندائتو مينهُن آهي، جيڪو سڄي ماحول تي اثر انداز ٿئي ٿو، خصوصاً هاري ناري ان جا منتظر رهندا آهن. مينهن کي رحمت چيو وڃي ٿو جيڪو ماروئن ۽ سانگين لاءِ خوشحالي آڻي ٿو، انهيءَ ڪري هرڪو ساهوارو خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو. شاهہ صاحب انهيءَ مُند ۾ هڪ عورت جي احساس جي ترجماني پنهنجي هن بيت ۾ ڪئي آهي تہ :

اڄ بہ اتر پار ڏي، ککر ٿو ڪري،
وسئو واٽڙين تي، خالق ڪنڌ پري،
پاساڙئان پري، سانگ مَ وڃن سپرئين.

عورت چاهي ٿي تہ انهيءَ مُندَ ۾ سندس پرين شال پرديس ۾ نہ وڃي ۽ وٽس هُجي ۽ اهو انتظار ڪَندي وِسوسا ڪري پائي ٿي تہ شايد مڙس مون کان رُنو آهي تڏهن چوي ٿي تہ:

اڄ بہ اُتر پار ڏي، ڪکر ڪئي چوٽي،
مُندائتي مينهن جي، ڪنوڻ ناهي ڪوٽي،
آءَ لالڻ مَوٽي، گهورئا رُسڻ ڏينهڙا.

آسمان ۾ ڪَکر ڇائنيل آهن. انهن مان سج بہ نظر نٿو اچي، وڄن جا چمڪاٽ ڏکائين پيا تہ مينهن اِجهو آيو ڪي آيو! تڏهن عورت چاهي ٿي تہ انهيءَ موسم ۾ سندس ڪانڌ بہ ساڻس پيڙو هجي پر اهو پرديس ويل آهي، خيال ڪري ٿي تہ ُهو بہ ضرور ايندو، تنهن ڪري دل کي تسلي ڏئي ٿي تہ:

سڄو صاف نہ اُيري، سرلي وِڄان سِڄُ،
مُنهُن چڙهيو مَارن کي، ڏئي واڏايون وِڄُ،
هيئنڙا ڪَپَ مَ ڪَڄُ، سگهَا مِلندءِ سُپرين.

جُهڙ سندس اندر ۾ هُن پيدا ڪيو تہ سندس پريتم ضرور ايندو، انهيءَ اميد. سندس دل تي چڙهيل وڇوڙي واري غُبار کي هٽائي ڇڏيو، تڏهن چيائين تہ:

سارنگ سينگاري، وِڄوُن وسڻ آئيون،
مونکي ڪِنوڻ خوش ڪيو، ڪکرن ۾ ڪاري،
جهڙن جهونگاري، لاتم ڪَٽُ قلوب تان.

دل ئي دل ۾ پنهنجي ڪانڌ ڏي پيغام موڪلي ٿي تہ مُون آسمان ۾ جُهڙ ڏنو آهي. وِڄون ۽ واءُ ڪکرن کي ڪنيو، مينهن وسائيندا پيا اچن، تنهن ڪري تون بہ پنهنجي لَڏ ڪٽي اچي اوڏو ٿيءُ:

"مون جُهڙ ڏنو اُپ ۾، پولا لَڏ مَ لاهِ،
اچن آبُ اڳي ڪِئو، وِڄون اُتر واءُ،
ڇَنَ ڇڏي پٽِ پاءِ، اڏِ اتانهين پکڙا.

پر سندس ڀولو اچڻ جي وائي ڪانہ ٿو واري، تان جو ڪارا ڪَڪَر اچي ٿا ڪڙڪن، سندس جُهوپو ڀهي ٿو پوي، اتر جو واءُ ڪيس ڏڪائي ٿو، هنڌ تيڙ اوڊي ٿي، پر سندس اندر مان ڏڪٽي نٽي وجي، تڏهن بہ آس نٽي لاهي ۽ چوي ٿي تہ مون سڄي رات نار ۾ ڏڪندي گذاري آهي، هاڻي تہ مٿان پرڀات اچي وئي آهي، پر اجا بہ جي اچين تہ اِهو سيءُ آئون وساري ڇڏيان:

”ڪانڌ تنهنجي پانڌ رِيءَ، سيءُ مران سڀ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهپ نہ اچي جهات،
اچين جي پرڀات، تہ آءُ سيءُ نہ ساريان.

- - - - - -

ڪانڌ تنهنجي پاند رِيءَ، سمجهي سيءُ مران،
ڪامل ڪپاهن ۾، پيئي نار نران،
تاري تنهن تران، جئن ورُ وهائي ووڙئو.

جيڪڏهن رات گذارڻ ڪانپوءِ بہ مونکي ورُ اچي مليو تہ بہ آئون جڻ تہ اولي ۾ آيس، اجا بہ ورُ وٽس نہ آيو آهي، چئي ٿي تہ مونکي نہ اولو کپي ۽ نہ اوڇڻ، رڳو تون اچين تہ جڻ مونکي سڀ ڪجهہ مليو:

اوڇڻ گهرجي آجڪو، جهولو سهي نہ سيءُ،
سٽائج سُور ڪي، حال مُنهنجو هيءُ،
اگڻ آيو ٿيءُ، تہ ڀولا ڪنهن ڀنگ ٿيان.

هُوءَ اڪيلي عورت پنهنجي ڪانڌ لاءِ گهوري نہ آهي، خود غرضي سندس شيوو نہ آهي، چاهي ٿي تہ سندس سرتيون جيڪي بہ پنهنجي ڪانڌ کان وڇڙيل آهن، جن جا پرين پرديس ويل آهن، اهي بہ انهيءَ مُند ۾ پنهنجي پيارن سان گڏ هجن پر سڀ کان وڌيڪ انهن لاءِ چاهي ٿي تہ جيڪي هڪ ٻن مُندن کان نہ، پر سڄي سڄي ڄمار کان پنهنجي پريتم پسڻ لاءِ سِڪيل آهن. شال انهن وٽ بہ سندن سڄڻ، سانوڻ مينهن وانگر رحمت ٿي اچن:

آگم ڪئو اچن، سڄڻ سانوڻ مينهن جان،
پاسي تن وسن، جي سڀ جماندار سِڪيا.

سارنگ هاڻي پنهنجي وسيع پٽن ۾ ڪاهي پيو آهي، هاڻي خوشخبري مليس ٿي تہ ٻنل جهوپڙي وري اڏي وٺ جو تنهنجو سڄڻ اجهو آيو ڪي آيو:

ڀٽ ڀري ڀَٽ پيون، وڄن ڪيو واڪو،
پڪو پنهنجي پرين لئي، سِڀي ڪر ساڃو،
سڄڻ سڀاجهو، پيچ پنيءَ گهر آيو.

آخر سندس اوسيئڙو ختم ٿيو، جاني جُوءِ ۾ آيو تہ سندس غم ۽ وهَمَ سڀ هليا ويا، پريتم پسيائين تہ سارنگ جو نظارو ئي نئون ڏسڻ ۾ آيس اهو مَنُ جيڪو پرين جي پَسڻ سان قرار ۾ آيو آهي، اهڙا سوين سارنگ بہ پرين جي پسارَ اڳيان ڪجهہ بہ نہ هئا:

اَگم ايءُ نہ انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
سيٺن ريءَ سيد چئي، روح نہ رچن رنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جُوءِ ۾،

------

جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
رهلو وچان ئي ويو، ڪڍي غم گذار،
نظارو نروار، پيُ پسايو پانهنجو،

------

پيُ پسايو پانهنجو، نظارو ناگاه
لٿو ڪٽ قلوب تان، ٿي وروهڻ واهہ،
اُميدون ارواح، پيُ پسندي پُنيون.

شاهہ صاحب جي هِن سُر سارنگ جو حاصل مطلب "حُب جو

هجڻ" آهي. جن کي سِڪَ ۽ حُبَ هوندي، سي ئي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيندا. لالڻ بہ انهن وٽ ايندو، جن جون اکيون پرين جي انتظار ڪان نہ ڪڏهن وانديون آهن ۽ نہ ڪڏهن ٿڪيون آهن. انهن جي سِڪَ جي مُند رڳو ساونڻ ۽ سارنگ نہ آهي، پر سندن اندر ۾ بارهوئي جُهڙ ڦڙ هجي.

پنهنجي پريتم سان ملڻ جي خوشيءَ جو اظهار سنڌ جي عورت وٽ "ڳنهنبي ويس ڍڪڻ" سان آهي، ڳاڙهي ڪُنوار بہ ڳاڙهي ويس سان ئي سُونهي، تنهن ڪري شاهہ صاحب ملهار کي پنهنجي پرينءَ سان ملڻ ۽ ان موقعي تي "ڳنهنبو ويس ڍڪڻ" جو بيان هڪ وائيءَ جي ٽَل ۾ ڪيو آهي تہ:

آئي مُند ملهار، آءٌ ڳنهنبا ڪنديس ڪپڙا.
اندر جُهڙ جهور وهي، ٻهر ڪکر نہ ڪوءِ،
وسائيندي وِچڙي، حُب جنهين کي هوءِ،
لالن جنين لوءِ، سي اوڪاٽين نہ اکيون.

احسان عظيم صديقي

# سُر سارنگ: هڪ مطالعو

علم و دانش جا چمڪندڙ تارا يت ڏٽيءَ جا پرستارو!

مان توهان سيني جو ٿورائتو آهيان جو اجوڪي هن علم و عرفان جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ شاهه جي حضور ۾ عقيدت جا ٻول پيش ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. خاص ڪري ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جو جنهن مونکي اهو موقعو فراهم ڪيو آهي. انهيءَ موقعي تي برادرم ظفر ڪاظمي صاحب جن جو به ٿورائتو آهيان، جنهن مونکي شاهه سائين جي فلسفءِ تصوف ۽ آفاقيت سان روشناس ڪرايو. نه فقط ايترو پر مونکي شاهه سائينءَ تي لکڻ ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ پيغام لطيف پهچائڻ تي آمادو ڪيو.

مان وارا سائين!

يت ڏٽيءَ جي عاشقن جي هن ميڙ ۾ اڄ انهيءَ عاشق ۽ سودائي جي گهٽتائي محسوس ٿي رهي آهي، جيڪو هميشه لُطف لطيف ۾ مگن رهيو آهي. ها اهو ممتاز مرزا ئي هئو، جنهن جي اجوڪي هن محفل ۾ اڻون تمام گهڻي ڪمي محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ مان سمجهان ٿو ته اها ڪمي هر هڪ محسوس ڪري رهيو هوندو. ممتاز مرزا پنهنجي پوري حياتي شاهه سائينءَ جي پيغام کي روشناس ڪرائڻ ۾ وقف ڪري ڇڏي ۽ آخري پساهن تائين به شاهه جي ڪلام کي برطانيه ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو، پر افسوس زندگيءَ ساٿس وفا نه ڪئي ۽ پاڻ خالق حقيقيءَ سان وڃي مليو. دعاڳو آهيان ته رب تعاليٰ سندس عظيم خدمتن جي عيوض کيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي، آمين..

سائين منهنجا! شاهه لطيف رحه تي ڪجهه چوڻ ۽ لکڻ کان پهرين انهيءَ حقيقت جو اظهار غير مناسب نه ٿيندو ته منهنجي سنڌي زبان

۽ ادب تي دسترس گهٽ هئڻ ڪري شاهه سائين تي اهو ڪجهه نه پيش ڪري سگهندس، جيڪو شاهه جو منصب، حيثيت ۽ مقام آهي.

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

مون پنهنجي اسڪولي ڏهاڙن ۾ انهيءَ بيت کي ٻڌم ۽ پڙهيم پر سنڌي زبان سان ايتري وابستگي نه هئڻ هڪ رواجي ڳالهه هئي، عملي زندگيءَ ۾ اچڻ ڪانپوءِ شاهه سائين جي بيتن ۾ انساني احساسن، جذبن، ڏک درد ۽ همدردي جو هڪ انوکو اظهار منهنجي ذهن کي هميشه پاڻ ڏانهن ڇڪيندا رهيا. شاهه سائينءَ جي شاعري ۽ انهيءَ دور جي ٻين شاعرن ۾ هڪ نمايان فرق آهي. سندس مطالعو فطرت سان گڏوگڏ سماجي اپياس، غريب پورهيت ۽ ڏکويل انسانن جي محرومين ۽ مجبورين جو ڀرپور نموني اظهار هڪ نمايان فرق آهي.

سائين! .......... مونکي حڪم ڏنو ويو آهي ته مان لطيفي لات جي سُر سارنگ تي عرض ڪريان پر سر سارنگ تي ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾ آئون اهو عرض ڪرڻ جي جسارت ڪندس ته رب تعاليٰ پنهنجي ڪائنات کي انتهائي حسين و جميل ۽ ترتيب و تنظيم سان قائم ڪيو آهي.

فطرت ۽ مظاهر فطرت کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ قدرتي هم آهنگي ۽ ردم جي ڄاڻ لازم آهي. ڪائنات ۾ پهرين انسان کان وٺي اڄ تائين هر دور ۾ هر هڪ گروهه ۾ اهڙا انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن. جيڪي بظاهر فطرت کي سمجهي انهن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. پٽ ڌڻي جو اعجاز ڪمال اهو آهي ته هُن نه فقط ڪائنات جي اسرار رموز کي سمجهيو آهي، پر ڪائنات ۾ موجود موسيقيت کي پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو آهي.

موسيقيت انساني وجود جو حصو آهي، بلڪه ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته ڪائنات جو ٻيو نالو موسيقيت آهي، جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو

تہ مان عرض ڪريان تہ اسان جي ايمان مطابق الله تبارڪ و تعاليٰ لفظ ”ڪُن“ ذريعي ڪائنات جي شروعات ڪئي ۽ اسان جو اهو بہ ايمان آهي تہ جڏهن ڪائنات ۾ قيامت جي ڏينهن لاءِ صور کي ڦوڪيو ويندو، اهو آخري نغمو هوندو. يعني ڪائنات جو اول و آخر نغمو آهنگ هوندو، انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ ڪائنات ۾ جاري و ساري تمام شيون نغمہ ۽ نور تي ٻڌل آهن، ۽ پٽ ڏٽي چاڪاڻ تہ پنهنجي ايمان ۽ ايقان انهن جون منزلون پوريون ڪري حقيقت جي انهيءَ منزل ۾ داخل ٿي چڪو هو، جتي رموز قدرت عيان ٿي چڪي هئي ۽ اهي نغمہ قدرت شاهہ سائين جي هر هڪ سُر ۾ موجود آهن.

سُر سارنگ جيئن تہ برساتي مند جو سُر آهي، هنديءَ ۾ انهيءَ کي ميگهہ ملهار ڪري چوندا آهن، ”سارنگ معنيٰ برسات ۽ برسات معنيٰ پاڻي“ جيڪو زندگيءَ جو بنياد آهي. برسات جي وسڪاري ذريعي فضا ۾ نغمہ و نور پکڙجي ۽ ڌرتي حسن و جمال جو شاهڪار بنجي ويندي آهي. انهيءَ احساس و جمال کي هر هڪ محسوس ڪري سگهي ٿو، پر شاهہ صاحب جو وصف ڪمال اهو آهي تہ برسات ٿيڻ ۽ نہ ٿيڻ سان پيدا ٿيندڙ عملي صورتحال ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ عام ماڻهن جي زندگي تي اثر انداز مسئلن ۽ مشڪلاتن جو انتهائي موثر ۽ ڀرپور اظهار ڪيو آهي. جيڪو عرصو ادائي سو سال گذرڻ جي باوجود اڄ بہ اوترو مؤثر آهي، جيترو اڳ محسوس ڪيو ويندو هو.

حقيقت ۾ منهنجو گهڻي پاڱي مطالعو شيخ اياز جي اردو ترجمي تي رهيو آهي، انهيءَ ڪري توهان جي اجازت سان شاهہ سائينءَ جي سُر سارنگ تي وڌيڪ عرض ڪرڻ لاءِ آئون اردو ۾ گفتو ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ هڪ اهو بہ سبب آهي تہ اهي ماڻهو بہ شاهہ سائين جي معجزاتي ڪلام سان واقف ٿي سگهن، جيڪي سنڌي نہ سمجهڻ ڪري هن فيض کان اڃان تائين محروم آهن.

شاہ کی گرفت سماج اور اس کے جملہ مسائل پر اس قدر مضبوط ہے کہ وہ آج کی دور کے کسی ماہر و مستند معاشین کی طرح خشک سالی اور اس کے نتائج اور انسانی مصائب و مشکلات کا اظہار اس چابکدستی سے کرتے ہیں کہ حیرت ہوتی ہے۔ مثال کے طور پر

دیکھ پیاسوں کا حال اے بادل
آج برسا دے جا بجا پانی
دور ہو یہ اناج کی قلت
اور ہر چیز کی ہو ارزانی
پھر سنگھاروں کو تو عطا کر
فارغ البالی و فراوانی

یا یہ کہ.................

میرے پیارے نہ بیچ بھینس کوئی
خوبصورت یہ پورا گلہ ہے
اور یہ بھیڑیں لحیم ہوں کہ نحیف
تجھ کو سب کا خیال رکھنا ہے
چھوڑ دے یہ فراز کے میداں
تیرے حق میں نشیب اچھا ہے
اب تیرے صحن میں پیام یار
آخر اے دوست آنے والا ہے

اپنے اطراف کا کیا اس قدر اچھا مشاہدہ پیش کیا جا سکتا ہے کہ

دیکھ کر ابر و برق باراں کو
کتنی مایوس ہوگئیں ہیں آج
ہائے یہ بدنصیب بیوائیں
داغ دل دے گئے جنہیں سرتاج
وہ جہاں سر چھپائے بیٹھی ہیں
ہو نہ جائیں وہ جھونپڑے تاراج
کون ان کا تیرے سوا یارب!
رکھیو ان کے دکھی دلوں کی لاج

شاہ سائیں کی بلاغت اور شاعرانہ رمزیت کا ایک انداز اور ملاحظہ فرمایئے.....

کچھ خبر بھی ہے تجھ کو اے بادل
آبتاؤں میں راز کی اک بات
دیکھ لیتا جو میری آنکھوں کو
پھر نہ تھمتی تیری کبھی برسات

شاہ کا سرسارنگ کیا ہے؟ میدان شاعری میں صرف رنگ و نور ہی نہیں۔ احساس و جذبات اور فکر و فن کا موثر اظہار بھی ہے۔ ملاحظہ فرمایئے

سر میں بادل سے کچھ امنڈتے ہیں
اور آنکھوں میں ہے گھٹا چھائی
حسن جاناں سے ملتی جلتی ہے
ابر باراں کی شان رعنائی

ان نگاہوں کی منتظر ہوں میں
جن کا اعجاز ہے مسیحائی

اردو شاعری میں ایک بڑا نام محسن کاکوروی کا ہے جنہوں نے اپنے مقامی پس منظر سے اپنے نعتیہ اشعار میں ایک نئی جہد کی طرح ڈالی۔ ان کا یہ مطلع

سمت کاشی سے چلا جانب متھرا بادل
برق کے کاندھے پہ لاتی ہے صبا گنگا جل

پوتر دریائے گنگا کا مقدس گھاٹ کاشی اور کرشن مہاراج کے متھرا پر گنگامیا کے پوتر جل کی بارش کے استعارے کے ذریعے عالم انسانیت پر ابر رحمت کے نزول کا خوبصورت پیرایہ اظہار اختیار کیا ہے۔ لیکن یہی جذبات قلبی شاہ لطیف کے پاس ایک اور ہی دنیا تخلیق کرتے ہیں۔

اٹھ رہے ہیں شمال سے بادل
اب مدینے کی سمت جائیں گے
لے کے فیضان روضہ اطہر
تپتے صحرا کو لوٹ آئیں گے
بات بن آئے گی سنگھاروں کی
وہ پیام بہار لائیں گے
پھیل جائے گی مشک کی خوشبو
جب فضا پر وہ آکے چھائیں گے
دشت و در میں چہل پہل ہوگی
وہ نئی بستیاں بسائیں گے

اقبال نے کہا تھا کہ ......... کریں گے اہل نظر تازہ بستیاں آباد، لیکن لطیف سائیں کے پاس اہل نظر کا انتظار نہیں ہے وہ تو محنت کی عظمت کے قائل ہیں۔ ان کا اہل نظر تو تھروبر کا ہاری و ناری ہے۔ جو مایوسی اور تھکن کی احساس شکست سے دور آس و امید کے مضبوط یقین کے ساتھ سالوں اودے سرمئی بادلوں کا انتظار کرتے ہیں خشک سالی کے نتیجہ میں اپنے مال مویشیوں کو آنکھوں کے سامنے اجل کا شکار ہوتے دیکھتے ہیں لیکن ایک لمحے کے لئے بھی امید کا دامن ہاتھ سے نہیں چھوڑتے اور اسی لئے شاہ لطیف اور اس کی وادی سندھ قدرتی و غیر قدرتی آفات و مشکلاتوں سے صدیوں سے نبرد آزما ہے۔ لیکن اچھے کل کی امید کا دامن کبھی نہیں چھوڑا۔

یہ آس و امید کا جذبہ اتنا شدید ہے کہ اس کے سامنے مشکلات و مصائب ٹھہر ہی نہیں سکتے۔ لطیف کی انسان دوستی زمان و مکان سے بالاتر ہے وہ تو آفاقیت کا علم بردار ہے۔ وہ دوسروں کی خوشیوں اور کامرانیوں سے رنجور نہیں ہوتا بلکہ ہر ایک کی سلامتی کے لئے دعاگو ہوتا ہے۔ ملاحظہ فرمائیں سرسارنگ کا یہ آفاقی ابیات رخ کسی۔

رخ کسی کا سوئے استنبول
کوئی جاتی ہے کابل و قندہار
اک سمرقند کی طرف مائل
اک گریزاں ہے جانب گرمار
عازم روم ہے کوئی بدلی
اور کسی کو عزیز ہے دلھار

کوئی بدلی ہوئی دکن کو رواں
کوئی دلی کی سمت ہے تیار
الغرض بدلیوں نے کردی ہے
برق و باراں کی ہر طرف یلغار
سندھ پر بھی تیرا کرم ہوجائے
اے دھنی تو ہے سب کا پالن ہار

میری خام خیالی پر صرف نظر فرمائیں۔ آپ نے مجھے سنا۔ میرے لئے یہی اعزاز بہت ہے کہ مجھے صاحبان علم و آگہی کے سامنے شاہ سے تعلق ظاہر کرنے کا موقع نصیب ہوا۔

آپ سب کا شکریہ۔

محمد اياز قريشي

# شاه صاحب جو سر سارنگ ۾ اسلامي فتحون

ڪنهن بہ برپٽ يا وارياسي ملڪ ۾ جڏهن مينهن نہ پوندو آهي، گرمي پنهنجو پورو پورو زور ڏيکاريندي آهي. جهنگن ۾ ٻوٽن ۾ ڪک ۾ پن سڪي ويندا آهن. وڻن پن جون تاريون بہ بلڪل ئوٽ ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن ۽ هر جاءِ تي ڏڪر اچي منهن ڪيندو آهي. تڏهن نہ رڳو ماڻهو پر هرڻ، ڍور ڍڳا ۽ ٻڪون آڙيون بہ مينهن جي انتظار ۾ بيقرار نظر اينديون آهن.

شاهہ صاحب انهن سيني حقيقتن جو مشاهدو ڪري، اسلام جي اڳ ۽ پوءِ جي حالت کي ”سر سارنگ“ سان ڀيٽيو آهي. جهڙيءَ طرح مندائتو مينهن سڄي ملڪ لاءِ رحمت ۽ برڪت جو سبب هوندو آهي، تهڙيءَ طرح ٻنهي جهانن جو سردار حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم بہ سيني جهانن لاءِ شفاعت ۽ رحمت جو ڪارڻ آهي.

حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي تشريف آوريءَ ڪانپوءِ نہ رڳو عربستان پر سڄي دنيا جون حالتون هڪدم تبديل ٿي ويون. هر شنڌ امن آزادي صلح ۽ خوشيءَ جو پيغام پهچي ويو. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي رحمت ۽ عنايت جا ڪڪر مشرق کان مغرب تائين وسڻ شروع ٿي ويا ۽ اسلام جي مبلغن ۽ فاتحن الله جي دين، عالمگير دوستيءَ ۽ انسانيت جو پيغام مڪي ۽ مديني کان ڪٽي ساريءَ دنيا ۾ پکيڙڻ شروع ڪري ڏنو جنهن لاءِ شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

مڪي مٿان موتيون، آنيون تي عرفات،
روضي پاڪ رسول جي، رنگ ڪيائون رات،
وچڙيون پرڀات، موتي مصر آئيون.

اهڙيءَ طرح اسلامي مبلغ سلسليوار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جن جن هنڌن تائين پهتا هئا، تن سڀني جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي "سر سارنگ" ۾ نهايت چٽائيءَ سان پيش ڪيو آهي. جنهن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

حضور ﷺ جن جي ولادت جا ڏينهن جڏهن ويجها ٿين ٿا ۽ هر طرف سندن تشريف آوريءَ جا آثار نظر اچن ٿا، تڏهن ڪن بزرگن کي الله تعاليٰ وٽان خاص خوشخبري پهچي ٿي تہ عنقريب مڪي ۾ ٻنهي جهانن جو سردار اچڻ وارو آهي. جو پنهنجي وڏ ڦڙي يعني "خلق عظيم" جي شان سان سڄي دنيا کي سرسبز ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري توهان پنهنجي يارن، دوستن، متن ۽ مائٽن جا ٽولا اوڏانهن وٺي هلو. الله مان آسرو لاهي، ڪڏهن بہ نہ ويهو، ڇاڪاڻ تہ اهو الله جو محبوب توهان سڀني جي ڏکن ڏولاون ڏور ڪرڻ لاءِ اجهو آيو ڪي آيو:

آڳهميو آهي، لڳه پس لطيف چئي،
اَنو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
ڇن ڇڏي پٽ پئو، سمر سنباهي،
وهو م لاهي، آسرو الله مان.

جيئن تہ عربستان جو ملڪ دنيا جي ايشيا کنڊ جي ايرندي طرف آهي. تنهنڪري شاهه صاحب بہ حضور اڪرم ﷺ جي تشريف آوري ۽ سندن رحمت کي اوير جي مينهن سان ڀيٽيو آهي، جنهن جو ظاهريءَ طرح سان هن ملڪ جي چؤماسي سان بہ ڪافي تعلق آهي.

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ جي هن دنيا ۾ تشريف آوريءَ کانپوءِ غريبن ۽ مظلومن جي جيڪا حالت درست ٿي آهي ۽ ڪفر ۽ جهالت سان پريل ملڪ ۽ فتني ۽ فساد وارا شهر جيڪي الله جي ياد کانسواءِ برباد ۽ سُڃا نظر ٿي آيا، تن سڀني تي حضور اڪرم ﷺ جي رحمت جو وڏ ڦڙو مينهن وسڻ لڳو ۽ الله جا نيڪ بندا اوچتو ئي اوچتو ائين ظاهر ٿي پيا،

جيئن پٽن تي گاھہ ڦٽندا آھن، جڏھن تہ حضور اڪرم ﷺ جن جو وجود پلر جي پالوٽ وانگر خدا جي نور ۽ رحمت جي پالوٽ ھو، سو نہ رڳو عربستان جي بيابانن ۾ وڏ ڦڙي مينهن وانگر وسڻ لڳو، مگر خدا تعاليٰ جي توحيد جا اھي گس ۽ پيچرا، جن سان اڳين نبين ھن دنيا لاءِ امن ۽ آزاديءَ جو پيغام آندو ھو ۽ اھي ڪيتري وقت کان وٺي غير آباد ۽ بند پيا ھئا، تن کي حضور اڪرم ﷺ جن ورري آباد ڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جا اصحاب سڳورا اھي ساڳيا گس وٺي، اسلام جي مبلغن جي حيثيت ۾ سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي پيا ۽ سڀ ڪنھن غريب غُربي تي الله تعاليٰ جي رحمت برڪت حد کان وڌيڪ وسڻ لڳي، جنھن جو ذڪر شاھہ صاحب ھنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

آڳم ڪيا الله، لڳہ پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاھہ،
واحد وڏائي ڪيا، مٿي گسن گاھہ،
سانگين وريا ساھہ، انن آب اَگوندرو.

صوفين جي عقيدي موجب حضور اڪرم ﷺ جن جو نور عرش الاھي تان منزلون ڪندو مقرر وقت ۽ مقرر ھنڌن تي نازل ٿيندو، آخر ۾ اچي مڪي شريف ۾ ظاھر ٿيو، سڄي دنيا وارن جا غم دور ڪري ڇڏيائين ۽ سڀني سِڪايلن کي خوشي ۽ شفاعت جو جام پيارڻ لڳو، انھيءَ حقيقت کي بيان ڪندي اسان جي شاھہ سڳوري، عرش الاھيءَ کي اتر جي بلندي يا مٿاھينءَ سان ڀيٽيو آھي، يعني اھو عرش تي پرواز ڪندڙ نور ھڪ مٿاھينءَ تان زمين تي لھي آيو ۽ دنيا جي اَڏو محمد ﷺ جي نالي سان اظھار ٿيو ۽ ڪائنات کي منور ڪري ڇڏيائين:

اُبون ڪڪر ڪيڙيون، اُتر ڏي آھين،
ڪري آڳم آئيون، مند نہ مٿائين،
مٿان لوڪ لطيف چئي، گوندر گنوائين،
پلر پيارين، اُڃين آب اَگوندرو.

حضور اڪرم ﷺ جي ولادت کان اڳ ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ ان کانپوءِ وقت جي وڏن وڏن عالمن حضور ﷺ جن جي هن دنيا ۾ ظهور فرمائڻ جي متعلق اڳيئي بشارت ڏيئي ڇڏي هئي. جنهن جي شاهه صاحب "تاڙي جي تنوار" سان تشبيهه ڏيئي رحمت العالمين جي ولادت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هڪ خاص موقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته اڄ به انسان ذات جي همدرد حضرت عيسيٰ عليه السلام، دنيا وارن کي حضور اڪرم ﷺ جن جي آمد جي خبر ڏيڻ شروع ڪئي آهي ۽ هڪ بلند جڳهه تي بيهي سندن صداقت ۽ نبوت جو اعلان ڪري رهيا آهن. جنهن کي ٻڌنديئي حضرت سليمان فارسي رضه ۽ حضرت بلال رضه جهڙا شيدائي پنهنجا هَرَ يعني ايمان جا هٿيار سنوارڻ لڳا ۽ سڀ خدا جا نيڪ بندا سنگهارن وانگر سرها ڏسڻ ۾ ٿا اچن، ڇو ته انهيءَ موچاري محبوب ۽ الله جي رحمت جي ڪڪر، حضرت محمد ﷺ مصطفيٰ هن دنيا تي رحمت جا مينهن وسائڻ جا ويس پڪڻ شروع ڪري ڏنا آهن بس اجهو ٿا ظهور فرمائين:

اڄ پڻ اُتر پاري ڏي، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

شاهه صاحب اڳتي هلي مڪي جي فتح ڏانهن اشارو ڪري ٿو جا ١٠ رمضان ٨ هجري مطابق ١ جنوري سن ٦٣٠ع ۾ ٿي ۽ حضور ﷺ جن پنهنجن ڏهن هزارن صحابن سان گڏ مڪي ۾ داخل ٿيا. اهي مؤمن مسلمان ۽ نيڪ دل انسان جيڪي ڪفار جي ظلم کان مديني شريف هليا ويا هئا يا اتي مڪي ۾ ئي پريشان حالت ۾ ئي رهيا، سي تمام گهڻو سرها ٿيا ۽ خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳا. حضور اڪرم ﷺ جن مسلمانن کي نه رڳو پر انهيءَ سان گڏ دين جي دشمنن کي به پنهنجي احسان ۽ رحمت سان نوازيو ۽ فرمايائون ته: "وڃو" توهان تي ڪوبه الزام ڪونهي ۽ توهين سڀ آزاد آهيو". اهڙيءَ طرح مڪي جا اصلي رهاڪو جي مجبوراً مديني ڏانهن هجرت ڪري ويا هئا، سي رحمت اللعالمين جي رحمت جي

مينهن ۾ پڇندا وري پنهنجي وٺاڻن تي مڪي معظمہ ۾ موٽي آيا. جنهنجو ذڪر شاهہ صاحب ڪنايي جي وسيلي هينئين بيت ۾ ٿو ڪري:

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٺاريون،
لٿين لڪ لطيف چئي، ڍايون ٿاساريون،
پڇنديون پٽاريون، وري وٺاڻ آئيون.

سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مڪي جي مظلوم ۽ مديني وارن کان وڇڙيل مسلمانن جي دل جي ترجماني ٻہ دل کولي فرمائي آهي ۽ بيان ٿو ڪري تہ اڄ مڪي جي فتح ٿي ۽ اهو رحمت جو ڪڪر حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم پنهنجي بي انتها فياضين سان فاتحانہ انداز ۾ مڪي ۾ داخل ٿيا ۽ فياضانہ سلوڪ جو دنيا جي تاريخ ۾ هڪ نادر نمونو پيش ڪري ڏيکاريائون، يعني مديني جي هجرت کانپوءِ مڪي جا مشرڪ مهاجرن جي جائداد تي قبضو ڪري چڪا هئا ۽ مسلمانن جو جائز حق هو تہ هُو پنهنجون جائدادون واپس وٺن.

پر حضور اڪرم ﷺ جن جي فرمان مطابق مسلمان فاتحن انهن تان ٻہ هٿ کنيو ۽ اهي مجاهد مسلمان جن جا ڪپڙا شهادت جي خون سان رڱيا ڳاڙها ٿيا بيٺا هئا، سي ٻہ وڃن وانگر پنهنجي سهٽيءَ سخاوت جو مينهن وسائڻ لڳا ۽ جنهن وقت مڪي جا وڇڙيل مسلمان مديني جي وڇڙيل مائٽن سان مليا تنهن وقت خوش ٿي چوڻ لڳا تہ "هيءُ حضور ﷺ جي رحمت جو ئي مينهن آهي، جنهن اسان سان پنهنجا وڇڙيل پرديسي پرين ملايا آهن":

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس، مون مينهن ميڙيا.

حضور ﷺ جن جي ولادت ۽ نبوت جي ڪارنامن بيان ڪرڻ کان پوءِ

شاهہ صاحب، پاڻ سڳورن ؐ جي وفات يعني "خطبة الوداع" ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿو. جيئن تہ ٩ ذوالحج سنہ ١٠ هجري ۾ حضور ؐ جن عرفات جي ميدان ۾، هڪ ڏاچيءَ تي سوار ٿي سڀ کان مٿاهين جڳهہ تي بيهي سڄيءَ دنيا جي مسلمانن کي فرمائڻ لڳا تہ "اي انسانو بيشڪ توهان جو رب هڪڙو آهي ۽ توهانجو پيءُ بہ هڪڙو آهي (توهان سڀ آدم جو اولاد آهيو) عربيءَ کي عجميءَ تي عجميءَ کي عربيءَ تي، ڳاڙهي کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي ڳاڙهي تي ڪابہ فضيلت ڪانهي، فضيلت رڳو پرهيزگاريءَ جي سببان آهي ۽ هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي، غلامن سان پورو پورو ورتاءُ ڪيو، جيڪي پاڻ کائو، سو انهن کي کارايو، جيڪي پاڻ ڍڪيو، سو انهن کي ڍڪايو".

شاهہ صاحب انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو تہ اڄ وري اهو نور هڪ بلند جڳهہ تان چمڪڻ شروع ٿيو آهي، انهيءَ نہ رڳو الله جي بندن کي سنئين وات ڏيکاري آهي، پر دنيا جي ڪيترن ملڪن کي اسلام جي بي بها نعمت سان مالامال ڪري ڇڏيو اٿس. شل اهو نور مبارڪ اسان دنيا وارن وٽ هميشه موجود هجي ۽ اهو محبوب اسانکي جدائيءَ جو داغ ڏيئي، هميشه لاءِ پرديس يعني آخرت جي سفر تي نہ هليو وڃي:

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪر ٿو ڪري،
وسايو واٽڙن تي، ٿو خالق ڪنڌ پري،
پاسارريان پري، سانگ م وڃن سپرين.

اهڙيءَ طرح شاهہ جي "سرسارنگ" جي هر هڪ بيت ۾ قديم سنڌ جي تاريخ، جاگرافيءَ سان گڏ اسلامي فتحن جي باري ۾ بہ ڪونہ ڪو واقعو ضرور سمايل آهي ۽ ان تي تاريخي نڪتي نگاهہ کان ڪافي تحقيق ۽ تدقين جي ضرورت آهي. شاهہ صاحب هر هڪ شهر جو منظر ڪڪرن جي ڪنايي ۾ اهڙيءَ تہ خوبيءَ سان بيان ٿو ڪري جو ڄڻ تہ ماڻهو ڪڪرن سان گڏ هوا ۾ آڏامندو ۽ انهن سيني شهرن جو سير

ڪندو تو اچي: جيئن تہ اسلامي فتحن کي عربي سمنڊ جي چوماسي سان ڀيٽيندي فرمائي ٿو:

موتي مانداڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار،
ڪي اُتي هليون استنبول ڏي، ڪن مڙيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قندار،
ڪي دلي، ڪي دکن تي، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪن جنبي جيسر مير تان، ڪيا بيڪا نير بڪار،
ڪنين ڀڄ ڀڄائيو، ڪني ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنين اچي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

نيٺ اهو اسلام جيڪو عربستان مان شروع ٿيو هو، سو برسات وانگر خوشيءَ مان وسندو پٽ شاهہ ۾ ان جي قريب هالا ۾ اچي حاضر ٿيو، جتان مخدوم نوح رحمت الله عليه جهڙا اسلامي مبلغ پيدا ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا بزرگ ۽ درويش جيڪي اتر جي طرف يعني بخارا ۽ هرات کان اچي، سنڌ ۾ ساڻي ٿيا ۽ ڪنٿهار جي گل وانگر خدا جي وحدانيت جي خوشبوءِ پکيڙڻ شروع ڪيائون ۽ ڪيترين ئي مئل دلين جي اندر صداقت جا سلا اهڙيءَ طرح پيدا ٿيا، جيئن وارياسن ڀونن ۾ ڀٽن تي ڊامڻ جو گاهہ ڦٽندو آهي. شاهہ صاحب مخدوم نوح رحمت الله عليه جي خاندان سان گڏ اهو اشارو پنهنجي بزرگن ۾ متعلوي، ساداتن ڏانهن بہ ڪري ٿو ۽ فرمائي ٿو:

ڀري ڀٽ تي آئيو، سارنگ سهنج منجها،
ڪڙيون ڪنٿهار جيئن، وڄون اتريا،
سرها سبزا ٿيا، ڊامڻ ڊڀ ڪيا،
ڦهري ڦٽنيا، ڀريائين ڪن ڪراڙ جا.

اهڙيءَ طرح اڳتي هلي شاهه صاحب سنڌ جي ٻين شهرن لاءِ ڪنايا پيش ڪندي فرمائي ٿو تہ اهو رحمت العالمين جو فيض هو، جنهن جي ڪري ڪراڙ جا ڪن ڀرجي ويا يعني انهيءَ هنڌ علم ۽ معرفت جا ڀرپور وهڪرا وهڻ لڳا ۽ سنڌ جي ريگستان واري حصي ۾ بہ انهيءَ دور جا وڏا وڏا عالم ۽ ولي الله پيدا ٿيا جن جي فيض ۽ برڪت، منڊ تي مينهن وسنڌڙ ڪنوڻ وانگر معرفت جي منڊائتي مينهن جو چڱو وسڪارو ڪيو ۽ انهن بزرگن جي شاگردن ۽ فيض يافتہ انسانن "پٻ جبل" جي آس پاس "ماڪاٽيءَ" جي مڪان ڪان پلٽو ڪائي، وري سنڌ ڏانهن رخ رکڻ شروع ڪيو. يعني شاهه صاحب جي چوڻ مطابق انهيءَ پٻ ۽ ڪيرٿر واري حصي ۾ ڪيترن ڀلارن ۽ برگزيده انسانن جا نالا نشان ۽ آثار ملن ٿا. جيئن تہ لڪيءَ جا بزرگ مخدوم محمد بلاول ۽ قلندر شهباز وغيره. اهڙيءَ طرح چڪي ڀنڊ ۽ ان جي آس پاس وارن ڪيترن عالمن ۽ بزرگن ڏانهن بہ اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

پريائين ڪن ڪراڙ جا، وٺو وارياسو،
ڪٽيتي ڪنوڻ ڪيو، چڱو چوماسو،
ماڪاٽيءَ تان موٽيو، ڏيئي پٻ پاسو،
خالق ڪيو خاصو، چيهو چڪي ڪنڌين.

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي "سر سارنگ" جي هر هڪ بيت ۾ ڪم آيل ڪناين ڪي تاريخ جي روشنيءَ سان ڀيٽڻ جي ڪري نہ رڳو اسلام، مگر قديم سنڌ جي بزرگن ۽ عالمن جي بہ هڪ مڪمل تاريخ مرتب ٿي سگهي ٿي، مگر ان لاءِ اجا ڪافي تحقيق ۽ محنت جي ضرورت آهي.

حافظ عبدالرحيم جمالي

# سُر سارنگ ۽ سنڌ جي سُڪاري حالت

## شاه جي شخصيت شاعري ۽ سنڌي قوم جون عمومي ۽ سماجي حالتون:

هي مُسلم امر آهي تہ شاهہ لطيف دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي، سندس شاعري نہ صرف رسمي شاعري ۽ گل و بلبل يا عاشق و معشوق ۽ محب و محبوب تائين محدود آهي، پر هن انقلاب انگيز شاعر وٽ دنيا لاءِ هڪ بهترين پيغام پڻ موجود آهي. جنهن ۾ هڪ طرف سياست و سماجيت جا خدو خال موجود آهن تہ ٻئي طرف حب الوطني، انسانيت جو احترام، سجاڳيءَ جا سڏڙا، ۽ قومن ۾ شعور و آگهيءَ جا پڻ پيغام ملن ٿا.

سنڌ جي صحرا ۾ هي سرسبز گل پيدا ٿيو. جنهن جي سڳنڌ ۽ سُرهاڻ سڀ ولايت واسي ڇڏيا آهن، سندس شاعريءَ جو ڪهڙو بيان ڪجي، هن جي واقعي نگاريءَ جو ڪهڙو بيان ڪجي، هن جي اسلوب بيانيءَ جو ڇا اندازو ڪجي، سندس شاعريءَ ۾ انساني عظمت جا اهي تہ اقدار موجود آهن جو جيڪڏهين انهن اقدارن تي ئي ڪار بند رهجي تہ هوند هن فتني و فساد جي دور ۾ بہ محبت ۽ اخوت جا درياهہ وهي پون. شاهہ لطيف دنيا جو هڪ عظيم انقلابي، آفاقي ۽ اصلاحي شاعر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ عظيم محب وطن پڻ آهي، وطن جي حب وارا اشعار سندس ان محبت جو برملا اظهار ڪن ٿا، خود حديث پاڪ ۾ بہ آهي تہ حُبُ الوطَنِ مِنَ اِلايمان يعني وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي، ان لحاظ کان شاهہ جو وطن سنڌ آهي، جيڪو موجوده جغرافيائي لحاظ کان ذري گهٽ پاڪستان جي هاڻوڪي پکيڙ جي ٽئين حصي جي برابر آهي،

ملتان تائين تہ سنڌ اڄ بہ ڪونجي ٿي. شاه صاحب کي پنهنجي ان سر زمين سان محبت آهي، الفت آهي، هو سنڌ کي سدائين سکيو ستابوڙسڻ گهري ٿو. سنگهارن کي سرهو ٿيڻ لاءِ سارنگ جي سُر کي آلاپي مينهن وسڻ جي دعا گهري ٿو تہ "مولا وساءِ مينهن، تہ سنگهارن سک ٿئي".

شاه صاحب جي ڪلام مان اها پروڙ پئجي سگهي ٿي تہ هو دنيا جي جاگرافي، شهرن ۽ ملڪن جي نالن کان چڱيءَ طرح واقف آهي. ان زماني ۾ ايشيا کنڊ تي مسلمانن جو راڄ هو. مگر وطنيت جي لحاظ کان هن کي جيڪا سنڌ جي ساٽيهہ سان محبت ۽ پريم آهي، ان جو تہ ڪو ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي. هو سنڌ جي ساوڪ کي ڏسي سرهو ٿئي ٿو، پنهنجن ايرن سيرن سنڌي سباجهڙن کي ڏسي انهن جي حالتن کي بدلائڻ لاءِ کين محنت جي تلقين ڪري ٿو، ۽ ساڳئي وقت هو پنهنجن ماروئڙن کي بنا ڪنهن تفريق جي پيار ۽ محبت وچان ڳراٽڙي پائي چوي ٿو تہ "جيها سي تيها مون مارو مڇيا" شاه سائين جيئن تہ هڪ انقلابي ۽ آدرشي پيغام رسان آهي تہ ان لحاظ کان هن جو سارو ڪلام پوءِ اهو ڪٿي کهڙي بہ عنوان ۽ موضوع تي چونہ هجي، پر منجهس هوندي ڳالهہ مڙيئي هڪڙي، يعني اها آهي سنڌ جي خوشحالي، سنڌي ماڻهن جي بهتري ۽ سنڌي قوم جي ترقي ۽ انهن جو عروج، اهوئي سبب آهي، جو شاهہ سائينءَ جي سامهون فقط سنڌ آهي، سنڌ جون وٿون آهن، سنڌ جا نظارا آهن، سنڌي زبان وارا پرڳڻا آهن، هو انهن کي سامهون رکي سنڌن ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو تجزيو ڪري چوي ٿو تہ سنڌي قوم جو ماضي شاندار رهيو آهي، پر حال هيٺو اٿن، ان لاءِ مستقبل جو فڪر ڪري پنهنجو پاڻ کي سڄاري دنيا جي بهترين قومن مان ٿيڻ جي ڪوشش ڪن.

شاه صاحب سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ جيڪي تدبيرون ۽ تجويزون ڏنيون آهن، انهن کي اڄ بہ اپنائڻ سان اسان پنهنجي تقدير کي بدلائي سگهون ٿا. پر شرط آهي انهن تي عمل ڪرڻ جو ۽ جنهن کان

اسان ڪناره ڪش ٿي چڪا آهيون. قول ۽ فعل جي تضاد. هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت جو رشتو ٽوڙي، نفرتن کي پنهنجو اصول بنائي چڪا آهيون، اهوئي ڪارڻ آهي، جو اڄ اسان مان هرڪو بي يقينيءَ جو شڪار آهي، ان لاءِ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ اسان لطيف کي سمجهون ۽ لطيف جي سرزمين تي وسندڙ ماروئڙن سانگيئڙن کي پنهنجو سرمايو سمجهون ۽ انهن جي هيٺي حال تي رحم ڪري سندن تڪليفن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## سُر سارنگ ۽ سنڌ جي سُڪاري حالت

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اَجين جي،
پاڻي پوڄ پٽن تي، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

مقالي جي پهرئين حصي ۾ لطيف سائينءَ جي پيارن سنگهارن جو ذڪر ڪندي چيو ويو تہ لطيف جي مڙيئي شاعري انهن سنگهارن جي سک سان وابستہ آهي ۽ سنگهار تڏهين ئي سکيا ۽ خوشحال ٿي سگهن ٿا جڏهن انهن جون معاشي حالتون بهتر ٿين ڇو تہ معاشيات زندگيءَ جو اهم عنصر آهي. لطيف سائين کي جيئن تہ اڍائي سئو سالن کان ڪجهہ وڌيڪ عرصو گذريو آهي تہ ظاهر آهي تہ ان وقت موجود بئراج سسٽم ڪونہ هو، جنهن ڪري پوريءَ سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ پوکيءَ جو دارومدار زراعت تي هو ۽ زراعت وري ٻڌل هئي پاڻيءَ جي سيلاءِ تي ۽ اها سيلاءِ قدرتي نظام آب رساني يعني برساتن تي هئي. جنهن ڪري لطيف سائينءَ سنڌ جي خوشحاليءَ جو دارومدار وسڪاري تي رکيو آهي ۽ ان لاءِ تمام گهڻيون دعائون گهريون اٿس ۽ "سُر سارنگ" خاص انهيءَ ئي موضوع تي چيل بيتن جو هڪ مجموعو آهي.

سنڌ ۾ گهڻو ڪري جوئر، ٻاجهري، سرنهن، ڪڻڪ ۽ ڪپهہ جا فصل ٿين ٿا ۽ انهن جون مندون بہ الڳ الڳ آهن. سانوڻ جي مند موچاري

هوندي آهي، مينهن وسڻ تي سنگهارن يعني مالوند ماڻهن ۾ جهانگيئڙن يعني ڪُڙمڪو ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ سرهائي پيدا ٿئي ٿي. مال متاع، ڍور ڍڳو، ٻڪي ٻڪڻ سڀ ٻاڻيءَ جي فراوانيءَ تي خوش ٿين ٿا. منداڻتيون برساتون زمين کي ناري چڙهين ٿيون. تاس ۾ اڄ لهي ٿي ته هر هڪ ۾ سرهائي نظر اچي ٿي. لطيف سائين سانگيئڙن جي سرهائيءَ کي ڏسي ڪري چوي ٿو ته:

اڄ ٻڻ اتر پاري ڏي، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار.
اڄ ٻڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

منداڻتي مينهن جي ڪنوڻ نه ڪوٺيءَ مطابق برساتون فصلن جي ڪاميابيءَ جي علامت ليکيون وينديون آهن، اڄ به ٿر بر ۾ ڪوهستان جا ماڻهو وسڪاري جي مند کي بهار جي مند کان بهتر سمجهن ٿا. هن لاءِ هيءَ موسم، موسم عاشقانه آهي وُنو وڏ ڦڙو ته هن لاءِ بهاري ٿي ويندي آهي، سندن مال، متاع، ڳئون، مينهون، ٻڪريون، رڍون مطلب ته سڀيئي تاساريون برسات پوڻ جي ڪري ڍاپجي پون ٿيون. انهن ساهوارن گگدامن کي خوش ٿيندي لطيف سائين انهن جي ترجماني ڪندي چوي ٿو ته:

اڄ ٻڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون تاريون،
لٿي لڪ لطيف چئي، ڍايون تاساريون
پڇنديون پٽاريون، وري وٿاڻين آيون.

فطرتِ حُسن تخليق جو ڪارڻ آهي، انساني فطرت ۾ خوشحاليءَ جي خواهش هر وقت موجود رهي ٿي، سر سارنگ به ان ئي خوشحاليءَ جو هڪ پيغام ڪٺي لطيف جي دعائن جو مرڪز بنجي جڏهن عالم جهان ۾ چئو طرف بادل برسائي ٿو ته ان وقت شاعر جو تخليقي جوهر جوش کائي پنهنجن پيارن لاءِ دعائن جا انبار گڏ ڪري چوي ٿو ته:

موتي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وِڇون وسڻ آئيون، چوڏس ٿي چوڌار.
ڪي اُتي هليون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمر قنديں سار،
ڪي رمي ويون روم ڏي تہ ڪي ڪابل ڪي قندهار،
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن متي گرنار،
ڪن هي جُنبي جيلسمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهن ڀُڄ ڀڃائيو، ڪنهن ڍٽ متي ڍار،
ڪنهين اچي عمر ڪوٽ تان وسايا ولهار،
سائينم سدائين، ڪرين متي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

لطيف سائينءَ جو متيون شاهڪار بيت نہ صرف سارنگ جي سار آهي پر سندس جاگرافيائي مهارت جو هڪ اعليٰ شاهڪار آهي، اڄ دنيا جاگرافيائي طور تي ڪٿي ڪيترو بہ اڳتي چو نہ هجي، پر لطيف جي ان بيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو مغرب ۽ مشرق جي ملڪن جي نہ صرف ڄاڻ رکي ٿو، پر انهن جي محل و قوع ۽ سندن گاديءَ جي هنڌن کان پڻ واقف آهي، سندس ان معلومات کيس هر علم جو عالم بڻائي ڇڏيو آهي، هو تاريخي قصن کي بيان ڪري ٿو تہ ڪيترائي ماڳ ۽ مڪان سندس سامهون آهن. بادل برسائڻ لاءِ ڪڪرن کي رعد مثل ريڙهي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچڻ جي تلقين ڪري اتي ڪين وسڻ جي واٽ ٻڌائي ٿو، پر الفت اٿس تہ پنهنجي ديس سنڌ مهان سان، ٻين جي مهابي پنهنجي وطن جي وسنديءَ جي وينتي ڪري چوي ٿو تہ اي منهنجا رب! منهنجي سنڌ کي سدائين سائو ستابو ۽ سکيو رک، منجهس هميشه سُڪار اَڻ، ڏڪار ۽ ڏڪيائيءَ کان کيس بچاءِ. عالمن ۽ اديبن، دانشورن ۽ ملڪ جي مسڪين ماروئڙن جي اها متفق راءِ آهي تہ سنڌ جي سُڪار ۾ لطيف جون دعائون هر دور شامل آهن.

عربي ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ سنڌ طرف جي سر سبزي ۽ موسم جي سهڻائيءَ جو جڏهين احوال پياري پيغمبر صلي الله عليه وسلم کي مليو تہ پاڻ ڪريم جن ان طرف منهن ڪري دعائون گهرن ٿا ۽ سنڌ طرف کان آيل هوائن سان سنڌين ڏي سلام موڪلين ٿا. لطيف ان احوال کي پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي تہ "لڳي ڏکڻ جي هير، مارو منهنجا مير" شاعريءَ جي اصولن ۾ استعارو ۽ تشبيهہ هڪ خاص اصول آهي، جنهن ۾ هڪ ڳالهہ چوڻ لاءِ ٻيءَ ڳالهہ جو سهارو ورتو آهي، مٿيون بيت بہ ان ئي اصول جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو.

"سُر سارنگ جي سار" سُر سارنگ هڪ راڳڻي آهي جا موسيقيءَ جي ماهرن ملهار راڳ جي هڪ شاخ شمار ڪئي آهي، هن سُر ۾ جيڪو ڪلام آيل آهي سو سُر جي نالي سان مشابهت رکندڙ آهي. شاهہ سائينءَ جي رسالي ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري ايڊيشن ۾ هن سُر کي اوڻيهين نمبر تي رکيو ويو آهي. هن جي اڳيان سر ڪيڏارو ۽ پويان آسا آيل آهي" هن سُر کي چئن داستانن ۾ ورهايو ويو آهي.

سر سارنگ جي نالي بابت ڪن جو رايو آهي تہ هي هڪ پکيءَ جو نالو آهي، پر عام طور تي اهو چيو ويو آهي تہ هي سانوڻيءَ جي مند جو نالو آهي هي راڳ، سارنگ، ميگهہ راڳ جي انن پٽن مان هڪ آهي، ملهار وري ميگهہ جي پنجن استرين مان هڪ آهي. ميگهہ ملهار ۽ سارنگ ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. تنهين کي با ترتيب ڳاڙهن سان آسمان ۾ جُهڙ ٿيو وڃي ۽ مينهن وسڻ شروع ٿيو وڃي.

هن سُر جي سار (تعليم) هن ريت آهي تہ الله اڳم ڪيا (الله ڪرم ڪيو آهي) جو ٻلر جي پالوت سان پٽن پاهہ جهليا آهن ۽ گسن مٿي گاهہ ڦٽا آهن. سانگين ۾ نئون ساهہ پيو آهي، جو تہ اب آگوندري جي وستي آهي. سانگين کي گهٽا سک ٿيا آهن، سارنگ جي اچڻ سان سنگهاريون سُرهيون ۽ سايون ٿيون ٿين يعني وٽن خوشحالي ٿي اچي، کير ۽ مکڻ جام ٿيڻ ڪري سندن هٿ مکڻ ۾ ٻريا ۽ سٽيا ٿين ٿا. فصلن جي پيدائش و افر

مقدار ۾ هئڻ ڪري آن ارزان سهانگو ٿئي ٿو ۽ جهنگ جامڙيئي جانور، مرگهہ، ماڻهو سڀ سرها ٿين ٿا.

مالوند ماڻهو پنهنجا ڌڻ ڪاهي پٽن تي اچن ٿا. جتي برساتن جي ڪري سائو گاهہ پيدا ٿئي ٿو ۽ پاڻي عام جام ملي ٿو، انڪي سانوڻيءَ جي موسم چئجي ٿو ۽ مال لاءِ ڦتل گاهہ کي ساوڙي گاهہ چئجي ٿو. سارنگ کي ماڻهو، مِرگهہ، مينهون، آڙيون، تاڙا سمنڊ جون سپون، مطلب تہ سارو عالم ساري ٿو. هيءَ وسڪاري جي موسم آهي جيڪا هر هڪ کي وڻندڙ آهي. بادل ۽ برساتيون ٿڌڙيون ٿڌڙيون هيرون ماڻهن جي روح کي راحت پهچائين ٿيون.

هن سُر ۾ شاهہ صاحب مينهن جي منڊ ۾ قدرت جي رنگ ۽ رونق کي هڪ عجيب منظر ۾ پيش ڪيو آهي مينهن ساري عالم ۾ آسودگي ٿو آڻي ۽ اها آسودگي سنڌ لاءِ هڪ سُڪار ۽ سُرهاڻ جي علامت بنجي ٿو.

سر سارنگ لطيف جو هڪ عظيم سُر آهي جنهن جو هڪ هڪ بيت معنيٰ، مطلب منظر نگاري ۽ حسين تخيل جو هڪ بهترين مظهر ۽ اعليٰ شاهڪار آهي. لطيف هن سر ۾ سنڌ کي جيڪي دعائون ڏنيون ۽ سنڌ سان جنهن دائمي محبت جو اظهار ڪيو اٿس، اچو تہ اسان بہ گڏجي رب کان هي دعا گهرون تہ اي مالڪ ڪائنات سنڌ کي سدائين سر سبز ۽ شاداب رک ۽ سنڌ واسين کي هميشه خوشحال ۽ سکيو رک. آمين.

شفيق حسين ميمڻ

# شاهہ رحہ جي سُر سارنگ جو تصور

جيترو زنده رهڻ هر جاندار شئي جو حق آهي، فطرت ان اصول تحت هر ساهواري لاءِ سندس جياپي جو سامان مهيا ڪندي رهي ٿي، قدرت جي مفت ۽ اعليٰ نعمتن مان آب (پاڻي) پڻ هڪ اهڙي نعمت آهي، جنهن سان پوريءَ ڌرتيءَ تي وسندڙ نباتات، جمادات ۽ حيوانات جي زندگيءَ جو واسطو آهي. جڏهن پاڻي زندگي آهي تہ اُن جو نہ هجڻ موت آهي، زندگي خوبصورتي، صحتمندي ۽ پرڪيف هجڻ سان ئي ماڻي سگهجي ٿي، انهن قدرن کان ڪوري زندگي صرف ساهہ کڻڻ ۽ بين تي بار بڻجڻ جو نالو آهي.

سماجي نفسيات جو تعلق بہ انهيءَ قدر سان لاڳاپيل آهي، آبُ (پاڻي) هر دؤر ۾ پاڪائي، صفائي ۽ جياپي جو ذريعو سمجهيو ويو آهي.

سارنگ ۽ آب پاڻيءَ جي اهميت ڪنهن کان بہ ڳجهي ڪانهي، جڏهن بہ ۽ جتي بہ آسودگي آڻڻ ۽ بهارن مان لطف وٺڻ جي ڳالهہ نڪرندي تہ آب پاڻيءَ جي گهٽائيءَ جي ڳالهہ بہ ضرور پيدا ٿيندي آهي.

جي - اي سر لاٽ لکي ٿو تہ، سارنگ رحمت الاهي آهي، اُن جو واسطو روشنيءَ سان بہ آهي، ڪيترن مترجمن (ڏند ڪٿائن) مطابق سارنگ روحاني اثرن جي علامت آهي جيڪي آڪاش مان هيٺ نازل ٿين ٿا. شاهہ سائينءَ بہ سارنگ کي ساڃيءَ علامت ۾ ڏنو آهي.

پَلر پلٽيائين، گهٽا سانگين سُک ٿيا.

سنڌ جو واريا سو علائقو ٿر هجي يا اُتر سنڌ سان لڳو لڳ علائقو ناڙي يا علائقو ڪوهستان، اُهي حصا انهيءَ ڪري سُکي نوٽ تي ويا

آهن جو اُتي پاڻي ڪونهي، اُتان جا ماڻهون انهيءَ ڪري گوندر ۾ گذارين ٿا جو سندن اَجپي لاءِ اُجا سوڌو ڪو سامان پئدا ڪونہ ٿيو آهي، ان ڪري انهن جون نگاهون هميشه آسمان ڏانهن تڪينديون رهن ٿيون ۽ چون ٿيون:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُجين جي،
پاڻي پوچ پٽن ۾، ارزان اَن ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ، انقلاب جا آسائتا سدائين سارنگ سارينداَ رهن ٿا:

سارنگ کي سارين، ماڙهو مرگهہ، مينهون،
سپون جي سمنڊ ۾، نئين سج نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

شاهہ صاحب پُر اميد ٿي چوي ٿو تہ:

مند ٿي مندل وڄيا، تاڙي کي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سُرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

شاهہ صاحب سُر سارنگ ۾ نہ رڳو سنڌ پر سڄيءَ دنيا ۾ سُڪر ۽ سڻائيءَ لاءِ دعا ڪئي آهي، ۽ سڄي انسانيت لاءِ بهبوديءَ جي خواهش ظاهر ڪئي آهي. شاهہ سائين وٽ پاراتو يا بد دعا نہ هئڻ برابر آهي، هو رقيب (ڪر) کي بہ دُعا ٿو ڪري "الله ڪر جين مدي جن جي من ۾" شاهہ لطيف جي سڄيءَ جدوجهد جو مقصد ۽ نصب العين آهي سُڪار واريءَ سنڌ ۾ پوري عالم جي آبادي، هن وٽ قوميت ئي انتها ناهي، پر اها بين الاقواميت ڏانهن هڪ مثبت قدم آهي.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهہ سائين سماجي شعور رکندڙ صوفي هو. هُن کي پنهنجي ماڻهن جي تنگ دستي ۽ ڳوندرن جي ڄاڻ هئي هن چاهيو پئي تہ سارنگ اچي ۽ سُڪر ٿئي ۽ اهڙيءَ ريت پرينءَ جو ميڙائو ٿيندو ڇو تہ سانگي ماڻهو پنهنجي پيٽ گذر لاءِ هميشه گهر کان ڏور ٿا گذارين. شاهہ صاحب چاهي ٿو تہ ڏکر جا ڏينهن ختم ٿين ۽ وڇڙيلن جو ميلاپ ٿئي. شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

آڳمَ اِيُ نہ انگ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
سيڻن رِءَ سَيدُ چئي، رُوح نہ رُچن رَنگ،
سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.

ٻئي هنڌ شاهہ چوي ٿو تہ:

جاني آيو جُوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وَهلو وچائين ويو، ڪري غم گذارُ،
نظارو نروار، پي پسايو پانهنجو.

برسات پوڻ سان ڏکر ڏور ٿين ٿا. سُڪل زمينون گل ڦل ۽ گلزاريون آپائن ٿيون، تلاءَ ۽ ترايون پرجيو وڃن ٿيون ۽ هاري هر ڪٽي زمين جو سينو چيري ان اپائن ٿا. ڏيهہ ۾ آسودگي اچي ٿي، خوبصورتي اچي ٿي، امن ۽ محبت جو واهپو ٿئي ٿو.

شاهہ صاحب سُر سارنگ ۾ چوي ٿو تہ:

آڳم ڪيا الله، اڳہ پَسُ لطيف چئي،
پَلَر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهَہ،
واجِدَ وڏا ئي ڪيا، مٿي ڳسن ڳاهہ،
سانگين وريا ساهہ، اُنن آبَ اڳوندرو.

ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

ڳام ڳندي ڳنجَ، ابرَ ۾ آهاءُ ٿيو،
پَسي پَر پرينءَ جي، ڏور ٿيا سڀ ڏنجَ،
شال وسندو سنج، عاشِق تي اوهيرا ڪري.

شاعر پاڻيءَ جي علامت سارنگ جي روپ ۾ صدين کان استعمال ڪندا آيا آهن، ڇو ته پاڻي زندگيءَ جي ۽ سوڪڙ موت جي علامت آهي. ڪڪر کي قديم زماني ۾ درياهي ديوتا (Nepture) جي راڄ جي اعليٰ پاڻيءَ سان منسلڪ سمجهيو ويو آهي. قديم عيسائيت موجب ڪڪر جي آمد کي پيغمبر جي علامت طور استعمال ڪيو ويو آهي.

شاهه سائين به اهڙن ڪڪرن جي آمد تي ڏاڍو سرهو آهي، سندس ماڻهن جي آسودگيءَ جو سبب بڻجن ۽ منجهائن ڏک ۽ ڏوجهرا ڏور ڪن.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
مُندائتن مينهن جي، رُتِ نه روڪيائين،
پَلَرَ پلٽيائين، گهٽا سانگين سُکَ تيا.

مطلب ته سارنگ جي اهميت هر دؤر ۾ رهي آهي، ٻين شاعرن جيان لطيف سائينءَ به ان اهميت کي شدت سان محسوس ڪيو آهي، ڏسڻو اهو آهي ته اڄڪي جي سامان لاءِ اسان ڪيترو ڪم ڪيو آهي، نهري ۽ باراني سسٽم اڄ به اسان وٽ جاري آهي، پر انهن ٻنهي ۾ اڄا سوڌو اسين پاڻ پرا ڪونه ٿيا آهيون، ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ اسان وڌيڪ محنت ۽ محبت سان شاهه صاحب جي تصور ڪيل سنڌ کي خوشحال بڻايون.

نذير ناز

# سُر سارنگ جا رنگ

سارنگ اصل ۾ سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، لفظ سارنگ جون هنديءَ ۾ تمام گهڻيون معنائون آهن، رنگن ۾ سارنگ جون معنائون وننداسين ته رنگ برنگ، رنگارنگي، گهڻن رنگن وارو، گلدار، پيڪدار، ۽ پڙڪيدار جهڙيون معنائون ملنديون. پکين ۾ وري مور، مور جي ڪوڪ، ڪوئل، ڪوئل جي ڪوڪ، ٻگهه پکيءَ ۽ ماکيءَ جي وڏيءَ مک جهڙا نالا سارنگ لفظ جي معنيٰ ۾ ملندا، جانورن ۾ به "سارنگ" جي معنيٰ لاءِ شينهن، هرڻ ۽ هاٿي استعمال ٿيندا آهن.

لفظ "سارنگ" وسيع لفظ آهي، جنهن جون انيڪ معنائون آهن، ڪپڙا، مٿي جا وار، جواهر، سون، ڪمان، چاڪڙي، مٿي، روشني، رات، شوَ، ڪام ديو، مشڪ، ڪافور، وڻ، گل، ڪنول، بادل، پاڻي وغيره پڻ "سارنگ" جي معنيٰ ۾ اچن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ "سارنگ" لفظ فقط جَهڙ، بادل يا ڪڪر، سانوڻ، بهار، بسنت، برسات، برسات جي موسم، ميگهه ملهار ۽ برساتي راڳڻيءَ جي معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي.

علم موسيقيءَ جي ماهرن مطابق "سارنگ" ٿيون راڳ آهي ۽ ان جي ڳائڻ جو صحيح وقت ٻپهر يعني ٽاڪ منجهند جو آهي. سارنگ جو سارنگيءَ سان به تعلق آهي، سارنگي هڪ مشهور ساز جو نالو آهي، انهيءَ ڪري سارنگ ۽ سارنگيءَ جو هڪٻئي سان لاڳاپو آهي. جيئن ته سنڌي زبان ۾ سر سارنگ برسات ۽ جهڙ سان مخصوص آهي، تنهنڪري "سارنگ" اڪثر برسات جي موسم ۾ ڳايو ويندو آهي. سر سارنگ جو راڳ شروع ٿيندي ئي وڻ ٽڻ سر سبز ٿيو پون ۽ ان جي ڳائيندڙ توڙي ٻڌندڙن جي رڳ رڳ نريو پوي ۽ انهن جي دلين ۾ بسنت ۽ بهار جي ڪيفيت پيدا ٿيو پوي. "سر سارنگ" پڻ انهن ئي جذبن ۽ امنگن جو اظهار آهي ۽

انسان ذات جي هر جذبي جو ذڪر سر سارنگ ۾ ٿيل آهي بلڪ هر جيوت جو ذڪر ٿيل آهي. سر سانگ ۾ ماڻهو، مرون، پکي، چرند پرند، وڻ ٽڻ سڀ "سارنگ" کي سارين ٿا ۽ رب پاڪ جي درگاهه ۾ رحمت لاءِ التجا ڪن ٿا. سپون سمنډن ۾ پنهنجا وات ڦاڙيو ڪڪر جي آسري ڪَر ڪنيو ٻاهر پيون نهارين. ڌرتيءَ جي ڇاتي سُڪي ٺڪر ٿي وئي آهي. وڻ ٽڻ ۽ گاهه پنا سڪي ٺوٺ ٿي ويا آهن. ملڪ ۾ ڏڪار واريون حالتون پيدا ٿي چڪيون آهن. غريب غربا حيران ۽ پريشان آهن. سڀ ڪو رب کي ياد ڪندي "سارنگ" کي پيو پڪاري .......... ۽ راڳي "سُر سارنگ" کي ڇيڙن ٿا. رب جي رحمت کي جوش اچي ٿو .......... ۽ اوچتو ئي اوچتو اتر طرف کان ڪڪر جهومندا جهولندا اچن ٿا. ڪن پل ۾ سڄي آپ تي پکڙجي وڃن ٿا ۽ کنوڻ جي چمڪاٽ ۽ گجگوڙ مچي وڃي ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي وڏي زور ۽ شور سان وڏ ڦڙو مينهن شروع ٿي وڃي ٿو. شاهه سائين انهيءَ مهل مينهن کي پنهنجو يار سمجهي فرمائي ٿو ته :

اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

اڪ جنبي ۾ سيئي نديون ۽ نالا، ڍنيون، تل ۽ تراهه پلر جي پاڻيءَ سان ڀر ڪري ڇڏيا آهن. ٿرن ۽ برن، ڀنين ۽ ٻارن، جهنگن ۽ جَهرن، باغن ۽ وستين ۾ سرهائي جي لهر ڇانئجي وڃي ٿي. سڪل وڻ ٽڻ سبز ساوا ٿيڻ جا آثار پيدا ٿين ٿا. ڍڳيون ۽ مينهون ماڳن ڏانهن موٽڻ لڳن ٿيون. پکي پکڻ خوشيءَ منجهان نچندا وتن ۽ ڏٽيءَ جي ساراهه ڪندي نٿا ٿڪجن. هاري ناري، جهنگ جا ماڻهو ڏاڍا سرها ٿي پيا آهن. سارنگ جي وسڪاري سان ڀنين ٻارن کي ريج اچي ويو آهي. غريبن جي منهن تي اميدن جي روشني چمڪڻ لڳي آهي ڇاڪاڻ ته ان آهي ته ايمان آهي. ڍڳيون، مينهون ۽ ٻيو مال ٻوٽن کي ڏونل پائي ۽ سارنگ جي مهربانيءَ سبب مهڪيل ڏسي ٻوٽن تي ڪري پيو آهي. پيٽ ڀري کائڻ سبب هنن جي چال ۾ مستي اچي وئي آهي، هارين خوشيءَ مان هر ڪلهي ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته زمين کي ريج اچي ويو آهي.

هارين هَرَ سنباهيا، سرَها تيا سنگهار.

جڏهن خوشيءَ منجهان هاري هر کڻن ٿا ۽ زمين کي کيڙڻ لاءِ سوچين ٿا تڏهن ٽڏيءَ در دعا گهرن ٿا تہ "سارنگ خوب وسڪارو ڪر".

انهيءَ مهل شاهہ سائين! وڇوڙي جي ماربل جي تصوير ڏيکارين ٿا، جيڪي پنهنجي ورن کان ڏور پنهنجي سڄڻ جي جدائيءَ ۾ جُهور، اکين مان ڳوڙها پيون ڳاڙين ۽ وڏي ڏک ۽ سوز مان آهہ ڪندي چون ٿيون:

اڄ پڻ اميدون، آگم سنديون آيُ ۾،
ساوڻ پَسي سرتيون! سَڄَڻ ساريو مون،
آئون آسائتي آهيان، مانَ پجائي پون،
گهرِ تہ گهرجين تون، مُند مڙيئي مينهن جي.

اي سرتيون! ساوڻ جي مُند اچي وئي آهي، مون پنهنجي جانب کي سارينديءَ ڳوڙها ڳاڙيندي سڄي پُونءِ پسائي ڇڏي آهي. هن مينهوڳيءَ جي موسم ۾ مونکي ٻيو ڪين گهرجي فقط پنهنجو جانب گهرجي، منهنجو جانب منهنجي پر ۾ تي ويهي تہ ورهين جي وڇوڙي جا ڏک جيڪر پل ۾ وسري وڃن.

اي منهنجا سڄڻ! توکي شل الله آڻي، منهنجو ساهہ توکي سدائين ساري پيو ۽ تنهنجي لاءِ دل هر وقت دانهون پئي ڪري. هن موسم ۾ آس اٿم شل تون اچين، مون کي هن وقت تون گهرجين، جتي جدائي جي جهوري اٿن اتي وري هي خوف بہ اٿن. شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

ڪُڙڪَنِ ڪانڌ ڇت ڪيو، جُهڙُ پَسيو جُهٽڪَنِ،
سُٽيو رَڙِ رَعدَ جي، ڪَلِيوُن ٿيون ڪنبن،
ڪَليوُن ڪين ڪُڇن، ويچاريُون وَرَنِ ري.

گهٽي برسات پوڻ سبب جهوپڙيون، سيءَ ۽ واءَ جي سٽ جهلي نٿيون سگهن. جن جا وَرَ ڏور آهن سي ويچاريون ورن کان وڇڙيل زالون

سوڙين ۽ پتراٽين هوندي بہ نار ۾ پيون ترن، ورن کي ساربندي ساري رات گذاريو ڏينهن ڪن، آهون پيون پرن ۽ پنهنجن ورن جي ياد ۾ ڳوڙها پيون ڳاڙين، اڪيلين عورتن جا جهوپڙا جيڪڏهن ڪري پون تہ اهي ويچاريون ڪيڏاهن وينديون، ڪنهن در دانهن ڏينديون.

شال! اهڙيءَ اوکيءَ مهل هن جا وارث ورن ۽ اچي سندن ڀڪ ڀڪين، هوند اهي ڏک ۽ ڏولاوا پل کن ۾ ڏور ٿي وڃن. شاهہ سائينءَ جتي فراق جي ماريل جو ذڪر ڪيو آهي اُتي معاشري جي ناسورن جو هن ريت ذڪر ڪن ٿا.

جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻنِ،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪارياڏيهہ مان، شال موذي سڀ مرن.

ملڪ تي خوب مينهن وٺو، ٿرن، برن، ڀٽين ڀورن ۽ ڪڏن ڪوين منجهہ پاڻي تمتار ٿي ويو آهي، ٻنين ٻارن کي خوب ريج اچي ويو آهي. هاڻي انُ جام ٿيندو، گاهہ ٿيندو، عام ماڻهو خوشيءَ مان نچندا وتن پر هن موذي واپارين جي مُنهن تي دانگي ملجي وئي آهي. منهن ڪارو ٿي ويو اٿن. اناج انهيءَ خيال سان ذخيرو ڪيو هئن ۽ پنهنجي پاندن کي پري رکيو هئن تہ جڏهن ملڪ ۾ ڏڪار ٿيندو تہ ان مهانگو ٿيندو ۽ اسين موجون ڪنداسين. پر سارنگ چوڏس رنگ لائي ڇڏيا جنهن جي ڪري هن جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون ۽ هو هاڻي هٿ پيا هڻن تہ هاڻي ڇا ٿيندو؟ شاهہ لطيف اهڙن موذين کي بد دعا ڏني آهي ۽ چيو اٿائين تہ، "اهڙا موذي شل ملڪ مان مري کپي وڃن".

شاهہ لطيف جو دؤر جاهليت وارو دؤر هو، ماڻهو ابوجهہ هئا، اڻ پڙهيل هئا جنهن ڪري پيڙهين کان پيڙبا رهندا هئا. پر اڄوڪو دؤر جديد ٽيڪنالاجي جو دؤر آهي اسين پاڻ کي ترقي يافتہ سمجهي ايڪويهين صديءَ جي دؤر ۾ فخر سان داخل ٿيڻ جي تياريءَ ۾ آهيون، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو، غور ڪريو، اسين اڄ بہ شاهہ جي دؤر کان بہ وڌيڪ

پيڙهيل آهيون.جاهل آهيون، هٿين خالي آهيون، ڏارين اچي سنڌ تي ديرو ڄمايو آهي. افغاني ماڻهن جي لوڌ سبب اسين سنڌي اَنَ جي لپ لاءِ لاچار آهيون. شهرن ۾ ڏسو، ڳوٺن ۾ ڏسو، اڄ بہ ماڻهو هڪ ويلي جي لاءِ پيا واجهائين. سنڌ جا مارو ئڙا ڏيهن رات محنت ڪري لڪون جهولا کائي اَس ۾ اناج اپائين ٿا پر پاڻ اڄ بہ انگ اگهاڙا آهن ۽ هڪ ويلو بہ پيٽ ڀري ماني نصيب ڪانہ اٿن. شاهہ جي سنڌ جيڪا صدين کان اَنَ جي پيداوار ۾ پاڻ ڀري هئي پر اڄ انهيءَ سنڌ جا ماڻهو بکيا آهن. سنڌ اڄ پنهنجن ماڻهن جو پيٽ ڀرڻ کان لاچار آهي. هتان جا بي ضمير واپاري اَن کي ذخيرو ڪن ٿا ۽ ٽرڪن جون ٽرڪون ڀريو پنجاب ۽ سرحد ڏانهن ڏياري موڪلين ٿا. ڪاش! هن دوُر ۾ شاهہ لطيف جهڙو ڪو ٻيو شاعر پيدا ٿئي ۽ هن بي ضمير سنڌ دشمن واپارين جي ضمير کي سجاڳ ڪري.

سائينم سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آبادي ڪرين.

شاهہ لطيف جي مٿين دعا سان سندس جغرافيائي ڄاڻ ۽ حب الوطنيءَ جو مثال ڀڻ ملي ٿو. اها بہ ڄاڻ پوي ٿي تہ هن جي دل ۾ انسان ذات لاءِ ڪيتري قدر محبت ۽ ٻائيچاري جو احساس هو. هن ساري جهان لاءِ دعا ۽ قرب جو اظهار ڪيو آهي. سندس دل ۾ ساري عالم لاءِ درد هو. هو انسانيت جي آسودگيءَ لاءِ دعاگو هو ۽ شاعريءَ سان گڏوگڏ جغرافي دان بہ هو. هن پاڻ کي سنڌ تائين محدود نہ ڪيو هو، پر هن جون نظرون سنڌ کان ٻري بہ نظر رکنديون هيون. سر سارنگ ۾ سنڌ کان علاوه ٻين ملڪن جو ذڪر نهايت خوبصورت انداز ۾ ڪيو اٿن. فرمائين ٿا تہ:

موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسَڻ آئيون، چوڏس چوڌار،
ڪي اُٿي وئيون استنبول ڏي، ڪي مٿيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سارَ.

ڪي رمي وئيون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قندار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهن ڀڄ ڀڄايو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنهين اچي امرڪوٽ تان، وسايا ولهار.

ملڪن جي ذڪر سان گڏوگڏ پنهنجي ديس جي سهاڳڻين عورتن کي ٻه نه وساريو اٿائين، سنڌ جون سهاڳڻيون برسات جي ميگهه ملهار تي کهنبو (ڳاڙهو) ويس ڪنديون آهن.

اَئي مند ملار، اَئون کهنبا ڪنديس ڪپڙا.

سر سارنگ هر رنگ ۾ رچيل آهي، قدرت جو هر رنگ "سارنگ" ۾ آهي. "سارنگ" ئي قدرت جي رحمت جو عڪس آهي ۽ انساني بقا جو ضامن پڻ آهي. سارنگ ئي سونهن جي علامت آهي ۽ سارنگ ئي لطيف جو لطيف احساس آهي.

حافظ محمد بخش

# سارنگ سار لهيج الله لڳ اڄين جي

- هن مضمون تيار ڪرڻ لاءِ مون، حضرت لطيف جي سندن چَيل بيتن کان ٻاهر جوڪوبہ ڪتابي حوالو نہ ڏنو آهي.

- سُر سارنگ جي سڄي سِٽاءَ لاءِ حضرت شاه عبداللطيف جي جن رسالن جون پڙهٽيون ڏنيون ۽ پيتيون ويون، اهي رسالا هي آهن.

١ - ڏيپلائي سُر سارنگ، سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي وچ ۾ رکيو، جنهن ۾ ڪُل ٩٠ بيت ۽ ۴ وايون آهن.

٢ - ڪلياڻ آڏواڻيءَ، ڪيڏاري ۽ آسا جي وچ ۾ رکيو، جنهن ۾ ڪُل ۴٣ بيت ۽ ٢ وايون آهن.

٣ - شاهواڻي غلام محمد بہ سر سارنگ ڪيڏاري ۽ آسا جي وچ ۾ آندو آهي هن ۾ ٧٣ بيت ۽ ۴ وايون آهن.

۴ - بختيارپور جي مولوي محمد ابراهيم سن ١٩٣۴ع ۾ قلمي رسالو ترتيب ساڳي، اُن ۾، ٨٨ بيت ۽ ۵ وايون آهن.

۵ - گمنام رسالو قلمي، هن ۾ سارنگ کي سهڻيءَ ۽ ڪيڏاري جي وچ ۾ آندو ويو آهي هن ۾ ٨٩ بيت ۽ ۴ وايون آهن.

٦ - نورالدين بن جيواخان تاجي وارو رسالو ١٣٠٦هہ جو هڪ سو اٺ ورهہ جو اُن ۾ ٩٧ بيت ۴ وايون آهن.

٧ - قاضي عبدالڪريم ولد نور محمد پنڊريجو ڪريمي ڇاپو ١٣٢٩هہ ڪنيات سارنگ ڪيڏارو وچ ۾ ٨٦ بيت ۽ ۴ وايون آهن.

٨ - عبدالرحمان پٽ حافظ محمود بمبئي واري جو ١٨٥٩ع جو هڪ سو چوٽيهہ سال پُراڻوُ رسالو هن رسالي ۾ لاڳيتا ٥٨ بيت آيل آهن ۽ سهٽي ۽ آبريءَ جي وچ ۾ سر "ملهار" نالو رکيل اٿس.

٩ - ١٨٩٥ع جو رسالو "بہ يَد احقر الناس فقير محمد المتخلص قانع فقير خلف مرحوم مغفور قاضي علي بخش روهڙي شريف" هن رسالي ۾ ٦٢ بيت ۽ ۴ وايون ۽ ٢٣ متفرقات ڪُل ٨٥ بيت آهن. ترتيب ساڳي.

١٠ - ڊاڪٽر ٽرمپ جو جَرمن لپسيا ۾ ڇپريون پريس ۾ ڇپايل رسالو ١٨٦٦ع جو ترتيب ساڳي ٥٣ بيت ۽ ۴ وايون آهن.

١١ - حضرت عَلامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جو مرتب ٿيل رسالو. بلاول ۽ سري راڳ وچ ۾ ٧۴ بيت ۽ ٣ وايون آهن.

١٢ - سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي وارو رسالو سائينءَ جويي صاحب جو مرتب ٿيل رسالو. ترتيب ڪلياڻ واري.

ڪوبہ شاعر پنهنجي وقت ۾ مُلڪ جي صورتحال جو نقشو علامتي يا اهڃاڻي طور عوام تائين پهچائيندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ حضرت لطيف جيڪو انداز اختيار ڪيو. اُن جو مثال، دنيا ۾ گهٽ ٿو ملي، حضرت لطيف جيڪي بہ سُر ڳايا اُنهن سُرن جو تاريخي، توڙي جاگرافي انداز نرالو آ. سُر سارنگ کي بہ انهيءَ پَس منظر ۾ پروڙڻ گهرجي، جيئن تہ سارنگ هڪ خاص راڳ جو نالو آ - راڳ جي ماهرن سارنگ کي راڳ مينگهہ جو پُٽ ۽ ملهار جو پيٽ ڄٽيو سڏيو آ.

اسانجي ملڪ ۾ هڪ گاهہ ۽ هڪ پکيءَ جو نالو بہ سارنگ آهي، ۽ ماٺهو جو نالو پڻ. پکي سارنگ جي آلاپ مان راڳ سارنگ جڙيو جنهنکي اسان راڳ ملهار بہ سڏيندا آهيون. جنهنجي ڳائڻ سان مينهن وسندو آ. سَنَ سنبت جي پنجين مهيني جو نالو ساونڻ آهي، ساونڻ ۽ سارنگ ساڳي مُند آ. جنهن ۾ هنڌين ماڳين مينهن وسندو آ. وڻ ٽِڻ. ڌرتي. پکي. جانور

خوش ڏسبا آهن ۽ ڌرتيءَ تي قسمين قسمين گاهه ۽ اوڻ اُپرندا آهن، جيڪي ماڻهن توڙي جهنگلي يا گهرو جانورن لاءِ خوراڪ آهن.

جيئن تہ سنڌ ملڪ جو مدار پاڻيءَ سان لاڳاپيل آهي، ۽ سنڌ جو ڪوهستاني يا ريگستاني علائقو برسات جي وسڻ ڪري آباد ٿئي ٿو. اڄ کان ٽي سو سال اڳ حضرت لطيف جي زماني ۾ ١٦٨٩ع کان ١٧٥٢ع سنڌ اڃا آزاد نہ ٿي هئي. سَمان حڪومت بعد ١٥٢٠ع کانوٺي ١٧٣٧ع تائين ارغون، ترخان ۽ مغل ٢١٧ سال سنڌ تي حڪمران رهيا. ۽ هي ڌاريا حڪمران اصل ۾ جابلو علائقي جا هئا. هنن حڪمرانن کي زمين آباد ڪرائڻ جو ڍنگ ڪونہ هو. سومرن ۽ سمن جن پاڻيءَ جي سڌار جا ڪم ڪري سنڌ ۾ سڪار آندو، اها سنڌ هنن جي دور ۾ برباد ٿيندي وئي، واهہ ۽ ڦاٽ لٽبا رَهيا. ناري، پٽيهل ۽ پُراڻ جا وهڪرا ذري گهٽ ختم ٿيندا رهيا، ۽ ملڪ ۾ ڏڪار منهن ڪڍيو. مغلن جي زماني ۾ ١٧٣٧ع ۾ حضرت لطيف جي عُمر ٤٨ ورهيہ هُئي، لطيف سائين انهيءَ عمر تائين سڀ نتيجا ڏٺا ۽ مشاهدا ماڻيا. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي تحريڪ زورن تي هئي، مٿان جهوڪ جي قضئي سنڌ کي جهوري وڌو هو. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ حضرت لطيف سُر سارنگ جوڙي، ان ۾ علامتي طور آزادي، خوشحالي، سَرچَر، آسودگي ۽ سڪار لاءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ اتساهہ ۽ جذبو جاڳايو. هن سُر ۾ پهريون ئي بيت امنگ ۽ آس ٿو پيدا ڪري، تہ ڏسو.

اَڄ مِيو آهي، لڳهہ پَس لطيف چَوي،
وُٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي،
چڻ چڏي پٽ پئو سمر سنباهي
وهو م لاهي آسرو الله مان.

لطيف ماڻهن کي چيو تہ آزاديءَ جا ڪڪر پرپور ٿي چُڪا آهن وڏ ڦڙي وسڻ ۾ ليٽ ڪانهي، جاڻ آزادي ملي، اوهان اُن لاءِ مڪمل تياري ڪريو، سامان ناهيو، هيناهين يعني پَستي چڏيو، ميدانن تي نِڪري پئو، ۽

ڪڏهن بہ الله پاڪ مان اميد نہ لاهيو.

اِنهي سُر ۾ :

آڳم ڪيا الله، لڳه پس لطيف چوي.
پَلر جي پالوٺ سين، پَٽن جهليا پاه،
واحد وڏا ئي ڪيا، مٿي گسن گاهہ
سانگين وريا ساهہ، اَنن آب اگوندرو.

هن بيت ۾ آزاديءَ جي نعمت بيان ڪيل آهي. اهي سانگي جن جو ساه مُن ۾ هئو ۽ غلاميءَ جي ذلت ۾ موت جهڙي زندگي گهاري رهيا هئا تن کي آزاديءَ جو آب عطا ٿيو. جنهن ڪري انسان ذات، گوندر ۽ غم کان نجات ماٺي. نہ رڳو ماڻهو خوش ٿيا، پر ڌرتي تان ظالمن جا پير اکڙي ويا ۽ دبيل سَلا آپري پيا، پٽن پَهراڻ پاتا، گسن تي گاهہ ڦٽا، ماڻهن ۾ حُسن موتي آيو. بندشون لٿيون تہ ماڻهن پيار ونڊڻ شروع ڪيا. هارين آباديءَ لاءِ هَر جوٽي اناج اپايو، سڃي ڏيهہ تان ڏرت لهي پيو. جن ڏيهہ ۾ ڏڪار اَندو، تن کي هر هڪ ائين چوڻ شروع ڪيو تہ ڏور ڏڪاريا پَج، مينهن مُنهن ڏيکاريو ۽ جن پنجن مان پندرهن ٿي ڪمايا. يعني ٽيڻ تي نفعو انهن موزين لاءِ موت اچي ويو، ۽ نفسا نفسي ڪندا، هئي هئي ڪندا رهيا.

هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي، تہ حساب هر ڪنهن کي ڏيڻو پوندو آ. انهيءَ لحاظ کان حضرت لطيف هن سُر جي پهرئين فصل جي وائيءَ ۾ يوم الحشر يعني حساب واري ڏينهن جو منظر بہ ڏنو آ. جنهن ڏينهن مجرمن لاءِ ڏوڙ ڏڪاءُ ٿيندو. اکيون سج ڪيندو ۽ سيڪنهن کي نفسانفسي لڳي ويندي ۽ چوٽڪاري لاءِ هيڏي هوڏي ڊوڙندو پر موذي، ذخيري اندوز يا لٽيندڙ لاءِ ڪوبہ نجات يا چوٽڪاري جو ڳتو نہ هوندو. هُن کي پنهنجي ڪيتي جو حساب ڏيڻو ئي پئجي ويندو ۽ ڳونن توڙي واهڻن ۾ ڳنوار وڏي وَسُ جون ڳالهيون ڪندا. ڪٽرون ڪيتا چڙي ڏينديون. گسن تي گابا ڏک نہ ڏسندا، ايرا سيرا ٿيندا. اَنُ ارزان ٿيندو. هر گهر ۾ ڳنديون

ٻَريل هونديون مال جي اوهہ ۾ ڪير جهجهو ٿيندو، پوپاڙيءَ جو پَٽن تي ڏوپ ٿيندو، پرهہ جو وڏين مائين ۾ وِلوڙا ٿيندا، هر هڪ گهر ڏياٽي مکڻ چاٽا ڪيندي، ٻانهي توڙي ٻائيءَ ۾ ڪو فرق نہ هوندو، سيڪا پنهنجي پنهنجي پکي ۾ (گهر ۾) خوش ۽ زيب وندي هوندي اڱڻ تي تازي گهوڙيون، ڪنڊيون مينهون، ٻولاهيون ۽ رائيون ڍڳيون دل پيون ناريِن، اهڙي آزاد ماحول ۾، ونيءَ لاءِ ور جي سيج سينگارڻ ۽ پاسي ۾ پرينءَ جو هُجڻ ۽ دل جي بَرسات جو وَسڻ ۽ ٻن دلين جو جوڙ، اهڙو مثال دنيا ۾ ملڻ محال آ.

لطيف جي چاڻ رکندڙ ڪيترن ڏاهن ۽ شارحن، هن سُر سارنگ سان علامتي طور، حضرت محمد صلعم جي آمد، اَلله جي رحمت، اسلام جو پکڙجڻ، حق جو اچڻ ۽ باطل جو ڀَڄڻ بہ مراد ورتي آ، جنهن جي اچڻ سان بُت ڀڳا، ڪفر جا ڪوٽ ڪريا ۽ توحيد جي تنوار جاري ٿي.

مان انهن ڏاهن جي شرح سان بلڪل اتفاق ٿو رکان ۽ اها شرح قبول ٿو ڪريان، تہ جڏهن ڌرتيءَ تي ظلمات جي انتها ٿي وڃي حق ۽ سچ جو نالو ناپيد ٿي وڃي، ڌرتي محبت کان وانجهي ٿي وڃي ۽ سڙي ٺوٺ ٿي وڃي، گهٽ ۽ ٻوسٽ جو دور هجي تڏهن لازماً فطرت جي اصول پٽاندر قدرت کي ترس آيو، ۽ رحمت جو ريلو آيو، جنهن ماڻهن کي سهنج ۽ سُک عطا ڪيو. هو بهو ساڳي صورتحال ملڪن سان بہ لاڳاپيل آهي، جنهن ملڪ ۾ عوام، عدل لاءِ پريشان هجي ۽ ملڪ مان محبت، امن، سچ ۽ رواداريءَ جو ورتاءُ ختم ٿي وڃي تہ ضرورت آهي تہ ماڻهو پنهنجي اَڄپي لاءِ نئين راهہ تلاش ڪري، ماڻهن جي اهڙي جاکوڙ ۽ تحريڪ کي تمثيلي طور شاعرن، ٻوڏ، برسات، گوڙ، وڄ ۽ طوفان جو نالو ڏنو آ.

اها ساڳي افراتفريح واري صورتحال اُن وقت سنڌ مٿان لاڳاپيل هئي انهيءَ اونداهي دور مان نِڪرڻ لاءِ ڪلهوڙن، ميانوالي تحريڪ ۾ گڏيل ملڪيت ۾ ڀاڱي داريءَ جي نالي ۾ سنڌ آزاد ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. اُن وقت تائين سنڌي ماڻهن سماٽ ۽ بلوچ سني گڏجي الله توهار

جي نالي سان وڏي اجتماعي سگهه حاصل ڪري. فقير سڏائي روحاني توڙي جسماني آزاديءَ لاءِ ڪلهوڙن کي اڳواڻ ڪيو. اُن وقت جا طاقتور جرنيل سڀ سِنڌي هُئا، جن هن تحريڪ کي زور ونايو. ماڻهن جا سياسي توڙي روحاني مرڪز ڪلهوڙن جا وڏا بزرگ آدم شاه سکر، ميان الياس لاڙڪاڻو، ميان نصير ڳاڙهي ڪاڇو، ميان يار محمد ۽ دين محمد خدآباد ڦڪا دادو، ميان نور محمد (لطيف جو همعصر) سنڌ جو مرڪز ضلعي نواب شاهه جا دولتپور ۽ مورو هئا، ۽ ڪلهوڙن جي جرنيل فقيرن، شاه گودڙيو، ماڏي ڪان مٿي واره علائقو، ميان شاه ينجو ڏهوٽ، سنڌ جو دريائي علائقو ميهڙ تائين ميان گاجي شاه ڪوسو، منڇر ڪان مٿي جبل جو لنگهه، ۽ ڪيچ تائين ٿر ۽ ڏيپلي جي اوپر تائين ميان سلطان فقير رند شهدادپور سنجهوري تائين، ميرالهيار ٽالپر جوهي، ٻگهه بالا، نئين گاج تائين ميان راجي ليکي، ريبي ڪان مٿي ساڪر، گري جبل ۽ ڪاري جبل تائين ۽ ميان فوجو ڪاڇي تائين، ڪلهوڙن جي تحريڪ کي سگهه ڏئي چُڪا هئا، ۽ ميان هوت فقير تلهار ۽ ولهار واسي چُڪوهو، جنهن جي هٿ هيٺ ڪيترائي مڇي مُرَس تي بيٺا. حضرت لطيف جي اونهي نگاهه اها سڀ هلچل ٻُڌي، معلوم ڪئي ۽ اکئين ڏٺي، چا؟

انهيءَ سڄي صورتحال سان حضرت لطيف جو سروڪار نہ هيو؟ ۽ ڇا جيڪو ٻارڻ لطيف جي اکين اڳيان ٻرندو رهيو، ان جو ٻٽائيءَ تي اثر نہ ٿيو هوندو؟ اهو هڪ ئي سوال آ جنهن تي مؤرخ ۽ لطيف جي شرح لکندڙن کي لازمي لڪڻو پوندو ۽ اها ڳالهه ڪَرڻي پوندي تہ لطيف جي سُر سارنگ ۾ گهٽ، ٻوسٽ، قيد، ٻَند، غلامي ۽ اونداهي دور کان ڇوٽڪاري ۽ نجات جا سڏ هئا.

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگهہ، ڍ نهيون،
سِپُون جي سمنڊ جون، نئين سِجُ نهارين،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
پَلر پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

آزاديءَ لاءِ ماڻهو، جانور، سمنڊ جون سِپون، مال، پرند ۽ چُرند سڀ آتا هئا، ايڏو تہ ٻوسٽ جو دور هيو جنهن مان هر شيءِ نجات ٿي چاهي. آءٌ سنڌ جي اديبن، دانشورن، استادن ۽ سگهڙن ۽ سالڪن جي خدمت ۾ رڳو هيءُ عرض ڪندس تہ آخر لطيف جي سُر سارنگ جي تمثيلي يا تشبيهي يا علامتي طور جڏهن اسلام جي آمد جي معنيٰ بہ ورتي وڃي ٿي يا

سارنگ ڪي سعيو، توکي سعيو ئي نہ ٿئي،
ڳُڙي تو ڳُمان ۾، آيو ڪي آيو،
متان ائين ڀانئيو، تہ بادل آهي بس ڪئي.

اهڙن بيتن مان موت جي فرشتي عزرائيل جي اچڻ جي معنيٰ بہ ورتي وڃي ٿي.

گنئير گَت سِکن، ڇَلڻ جي، چاه پئي،
هندوا حيرت ۾ پيا، جڏهن ڏسي لالي ڪي لبن
چمڪن چوڏس چنڊ جيئن، وِڄڙيون وَهسَن
لوچن سڀ لطيف چئي، َپسڻ لئہ پِرين،
ڪيسر قريبن، سنباهي ساڻ ڪنيا.

آهڙن بيتن تان محبوب جي حُسن جي ۽ سينگار جي بہ معنيٰ ورتي وڃي ٿي.

وَسُ، وَسُ، بادل، وَس، تو وسندئي وس ٿئي،
تو پيڪا، مون ساهرا، ڪِنوٽين پِلايو رَسُ،
تني ڪارڻ وس، جن وَر مٺائي پائر ڪيا.

اهڙن بيتن مان ڏور جي معنيٰ بہ ورتي وڃي ٿي، ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪي بيت آهن، جن جي تمثيلي معنيٰ مختلف قصن ۽ رازن ۾ ورتي وڃي ٿي، مونکي انهن ڳالهين سان اختلاف ناهي، البت ڏک رڳو هن ڳالهہ جو

آهي تہ، جيڪو وايو منڊل لطيف جي اکين اڳيان هيو، ڇا؟ لطيف ان لاءِ ڪجهہ نہ چيو، آخر اها ڳالهہ اديب ڇونٿا ڪن؟.

سچل سيمينار سچل آڊيٽوريم خيرپور ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ ڪن اديبن ۽ دانشورن سچل کي باغي شاعر ۽ انقلابي سڏيو ۽ ڪن ان راءِ جي نفي ڪئي. اهو بہ فيصلو ٿيڻ گهرجي تہ حضرت سچل سائين، اُن وقت جي معاشرتي حالتن ۽ سماجي صورتحال کي ڪيئن ڏٺو ۽ قبول ڪيو، يا انڪار ڪيو؟ اهڙيءَ طرح حضرت لطيف ءِ جي شارح تي بہ اهوئي فرض آ، تہ لطيف جيڪي بہ سُر جوڙيا يا رچيا، انهن جو راز ڇا هو يا اُن وقت جي معروضي حالت يا صورتحال جو عڪس رسالي ۾ نظر اچي ٿو يا نہ؟ ٽي سو سال گذرڻ ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن اسان حضرت لطيف جي شاعريءَ تي، ٻوليءَ تي، بيت يا وائيءَ تي اتفاق راءِ سان ڪو فيصلو ڪري نہ سگهيا سين تہ ايندڙ زمانو اسان لاءِ ڪو چڱو رايو تہ ڪونہ ڏيندو. هن سُر جي حوالي سان حضرت لطيف جو اهو مشهور بيت:

موٽي مانڊاڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڃون وسڻ آئيون، ڇوڙس ڇوڙار،
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪي مُٽيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمر قنڌين سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار
ڪي دهلي، ڪي دکَن، ڪي گڙن مٿي گِرنار،
ڪَنهين جُنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير، بَڪار،
ڪَنهين ڀُڄ ڀڃائيو، ڪَنهين ڍَٽَ مٿي (ڪي) ڍار،
ڪَنهين اچي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم! سدائين، ڪرين مٿي "سنڌ" سڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين،

هيءُ بيت، قلمي چاپن، ڪريمي ڇاپي، بمبيءِ واري تعليم کاتي جي ڇاپي، قليچ بيگ کان وٺي ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري ڇاپي تائين ١١ سٽن جو لکيل آهي، پر ضيا شاهي دور جي ڪرامتن سان هي بيت ١٣ سٽن جو ٿي ويو ۽ حضرت لطيف جي شاهي گيت تي دنيا جي نقشي ۾ لکيو ويو.

موتي ماندائن جي، پري ڪيائين پيچ،
وِڃون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيچ،
تنهن نوريون نوازيون، ڏيئي ڏوٽان ڏيچ،
ٻج کٽي پَٽ هليا، هاري منجهان هيچ،
راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيا.

انهيءَ پس منظر ڪانپوءِ منظر نگاريءَ بابت لطيف جو فقط مثال خاطر هڪ بيت:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪييا، برجن سين،
ساز، سرندا، سارنگيون، بجائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پَلٽيون رات پَدام تي.

۽ آزاديءَ ڪانپوءِ واريءَ خوشحاليءَ جو منظر

مُند تي، منڊل وڃيا، ڪئي اوهيرن اوڪ،
چاچر ٿي، چَنُن ۾، مينهون چَرَن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق
ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيپئي ٿوڪ،
لاٿئين مٽان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

دُعائيہ بيت:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

دنيا جي ڪنهن بہ شاعر اڄ تائين لطيف وانگر پوريءَ دنيا ۽ انسانذات لاءِ جامع دعا پيش نہ ڪئي آ. جيئن لطيف دُعا ڪئي، انهيءَ لحاظ کان، انسان ذات جي آزادي ۽ دنيا جي خوشحاليءَ جو آدرشي شاعر لطيف ئي آهي. لطيف توسيع پسند، ٻئي ملڪ ۾ لالچي اکيون وجهندڙ جهيڙي فساد ۽ فتني باز کان نفرت ڪئي، انڪري دنيا ۾ امن جو پيغمبر ۽ امين شاعر لطيف ئي آهي، لطيف سنڌ جي خمير (مٽي) جو وڏي ۾ وڏو نبض شناس هيو، سنڌ ئي دنيا جو واحد ملڪ آهي، جنهن ٻئي ڪنهن بہ ملڪ يا قوم تي حملو نہ ڪيو آ. لطيف جو نظريو هيو تہ ٻانهِيون، توڙي ٻايون، ڀَڪي سونهن پانهنجي، اهوئي سبب هيو جو حضرت لطيف پوريءَ دنيا جا ملڪ هن دعا ۾ شامل ڪيا ۽ پياري امڙ، جيئن هر روز فجر جو اٿي پوريءَ دنيا جي ٻچڙن لاءِ خير گهرندي آ ۽ انهن جي صدقي پنهنجي ٻچڙن لاءِ بہ، ساڳيءَ طرح لطيف دنيا جي آزاديءَ لاءِ دعا گهري ۽ پوءِ ٻاڏايائين تہ اي رب پاڪ منهنجي سنڌ ملڪ ۾ بہ سدائين آزادي ۽ سڪار ڪج، تون ئي عالم آباد ڪندڙ آهين.

## سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي واڪاڻ.

سانجهيءَ جو مال جو ميڙائو يا ڏوپ، رات جو کير جو استعمال خوراڪ طور واڌو کير، نِڪر جي ٽانون ۾ سنباهڻ، فجر جو ڄمايل کير مان اولاد ۽ گهر ڀاتين لاءِ ڏنئرو خوراڪ ۾ استعمال ڪرڻ، فجر ويل پرهہ جو ڄميل کير ماٽين ۾ ڳڏائڻ ۽ ولوڙو ڪرڻ، مکڻ ڪَيڻ ۽ لسي جُدا ڪرڻ اهو سڀ ڪم اڄ بہ ٻهراڙيءَ ۾ سِج اُيرڻ کان اڳ ۾ سنڌ جي عورت ڪندي آ. توڙي برسات هجي، ڪنوڻ جا تجلا هجن، ڪَڪرن جي جهانءِ ۽ جهمَر هجي پر سنڌ جي ونيءَ سان ڳڏ، جي ور نہ آهي تہ اهڙا پُر بهار منظر هُن کي نہ وڻندا. هُن لاءِ سيڪجهہ وٽ پهرئين وَرُ آهي، ۽ پوءِ باقي سڀ نعمتون، هُن وٽ ”وَرُ، وڏي آزادي، ڀَڪ ۽ اوڇڻ ۽ اُجکو آ، هوءَ چوي ٿي تہ

اوچن گهرجي آجڪو، پکي نا پيتم،
دوست بنا دم، جا رهي، سا رَن تئي.

چو تہ آزديءَ جو محافظ "مردُ" آهي، جي "وَرُ" ناهي، تہ "رعَدَ"جي رڙ هُن جي ڏيل کي جهوري ٿي ۽ آتر (مخالفت) جو هُن کي هميشه الڪو ۽ اُڏڪو ٿو رهي.

**جاگرافي:** حضرت لطيف نموني ۽ مثال لاءِ هن سُر ۾ ٢٩ سنڌ جا ماڳ يا ڳوٺ آندا آهن، جيهي ڪان چُڪي لاڙ ڪان سِرو، ڪَڇَ ڪان ڪاڇو، ٿر ڪان ڪوهستان، ناري ڪان پَٻ ۽ گِرهوڙ ڪان پِٽ تائين سنڌ جي ماڳن کي محفوظ ڪيو آ.

**تاريخ:** تاريخي طور حضرت لطيف جاگرافيءَ جي لاڳاپي سان ۽ تاريخي ڄاڻ جي پس منظر ۾ سنڌ کان ٻاهر وارن ملڪن جو بہ نموني طور ذڪر ڪيو آ. ١ مصر ٢، مَڪو ٣، عرفات، ۴، استنبول ۵. ڪابل ٦، قنڌار ٧ چين ٨، روم ٩ مغرب سچو، ١٠ دهلي، ١١، دکن ١٢، گيلان ١٣، ڪنيات ١۴، بيڪانير ١۵، پُڄ ١٦، گرنار ١٧ جيسر مير تائين، جي سڄي سياسي اٿل پُٿل جا اشارا ڏنا آهن ۽ دعائون ڪيون تہ هر جاءِ آزادي ۽ سک هجي. اُها ساڳي دعا ڪٽي اڄ بہ هرڪو سنڌي رب پاڪ کي چوي ٿو تہ:

سائينم سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست منا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

**سنڌ ۾ عورت ۽ مرد جو ڪردار:** سُر سارنگ ۾ حضرت لطيف عورت جي ڪردار کي اوليت ڏني آ ۽ مَرد جي آزاديءَ واري جاکوڙ ۾، گهر جي اون، يا اُلڪي جو سمورو بار عورت جي هٿ ۾ آ.

جتي هارين کي هر سَنياهڻ، ڏڻ سَنيالڻ ۽ اناج اپائڻ جي تلقين ٿو ڪري تہ ٻئي پاسي عورت کي سيج سينگارڻ، کير ۽ مکڻ هٿيڪي ڪرڻ ۽ گهر جي اڏاوت جي اون لاءِ اُتساه ٿو ڏياري، جيئن:

يَتَ ٻَري، پَٽ پيون، وِڄڙين ڪيو واچو.

پَکو پنهنجي پرينءَ لاءِ، سيبي ڪر ساچو،

سَڄڻ سَباجهو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

حضرت لطيف مَرد ۽ عورت جو هڪ جهڙو درجو ڏسي ٿو، پر ڪم يا عمل پنهنجو پنهنجو:

اگڻ تازي، ٻاهر ڪُنڍيون، پکا پَٽَ سُونهن،

سُرهي سيج، پاسي پِرين، مَر پيا مينهن وَسن،

اسان ۽ پرين، شال هُون برابر ڏينهڙا.

انهيءَ برابريءَ واري بنياد تي لطيف آزاديءَ جوُ بنياد رکي ٿو. هو هڪ رهبر جي حيثيت سان هڪ آزاد رياست جي ڪاروبار لاءِ هڪ "دستور" مقرر ڪري ٿو، اهو دستور آهي، پورهئي جي معاملي ۾، پورهيت يا محنت ڪش کي پنهنجي پنهنجي پورهئي ۾ آزاد رکڻ. لطيف جي نگاهہ ۾ جيڪڏهن "پورهيت" آزاد ناهي، تہ ڏيهہ مان ڏچو ويندوئي ڪونہ ۽ پوءِ اُها آزادي بي مقصد ۽ بي معنيٰ لڳندا. اهو هيڏو سارو مقصد يا دستور حضرت لطيف ٻن سٽن ۾ ٻُڌائي ڇڏيو تہ.

ڏکي توءِ ڏُڪار، توٽي وَسَن مينهڙا.

پورهئي وَس سُڪار، تو وَس آهن هٿڙا.

جيڪڏهن حڪمران پورهيت جا هٿ قابو ڪري، تہ پوءِ ڏنڌو ڪيئن ٿيندو؟. راڳ جي لحاظ سان هن سُر ۾ حضرت لطيف ٦ نالا آندا آهن، جن جو ٻنهي نُکو يا پيڙهي پُکو، ثوري قير قار سان، (سابہ راڳ جا ماهر سمجهي سگهندا). ساڳو آهي جنهنجو تعلق برسات سان آهي. اهي نالا آهن. ١ - سارنگ ٢ - هِندوا يا هنبول، ٣ - مينگهہ، ۴ - سانوڻ، ۵ - آگم، ٦ - ملهار. ان مان پکو ثبوت آهي تہ حضرت لطيف راڳ جو وڏو ڄاڻو ۽ ڪن راڳن يا راڳڻين جو مُوجد بہ هيو ۽ ساز دَنبورو يا تنبورو حضرت

لطيف ايجاد ڪيو. مون هِن سُر لاءِ ١٢ رسالا جاچي ۽ واچي ڏنا جن جي سٽاءِ جو تفصيل مُنڍ ۾ عرض رکيو اٿم.

سُر سارنگ ۾ آيل لفظ جيڪي معنيٰ طلب آهن. اهي مون پنهنجي ڄاڻ موجب ٥٩٠ چونڊ ڪري جُدا ١٨ صفحن تي لکيا آهن ۽ انهن الفاظن جي پنهنجي ڄاڻ آهر معنيٰ بہ لکي آهي.

انهن لفظن ۾ هڪ لفظ "اُتر" چوڏنهن دفعا آيل آهي، جيڪو ڪيترا سوال ٿو اُڀاري، پَکي "تاڙو" اڄ بہ مينهن لاءِ ٻاڪاري ٿو ۽ هيءُ ٿي خاص سنڌ جو پکي آ، جيڪو مينهن جي آچڻ جي خوشخبري ڏيندو آ، هن مند ۾ ڪوئل بہ ڪوڪاريندي آ، پر لطيف ڪوئل جو نالو نہ ڪنيو ڇو تہ ڪوئل مهمان پکي آ، ٻيو تہ ڪوئل ١٥ ڦڳڻ کان وٺي، ٻَڌي مهيني تائين سنڌ ۾ رهندي آ، ڪڏهن تہ تاڙو پکي هاڙهہ جي ١٥ کان سانوڻ سڄي مهيني ۾ مينهن لاءِ ٻڪاريندو آ. تاڙي جي تنوار سان، پُورب جو واءُ لڳندو آ ۽ پورب جو واءُ بشارت آهي مينهن جي. اها سُڌ ڪوئل ۾ ناهي، يعني ڪوئل جي ٻولي وقت سر ناهي، هاڻ سوال ٿو اڀري تہ لطيف فرمايو تہ .اُتر پار ڏي تاڙو تنواري ٿو. اهو اتر پار جو انتخاب ڇو؟ جڏهن تہ تاڙو پکي اڄ بہ ڪڏهن اسانجي اڳيان اولهہ، اوڀر ۽ ڏکڻ کان يا ڪنڌائتو بہ ٻوليندو آ پر حضرت لطيف فرمايو تہ اڄ ٻڻ اتر پاري ڏي، تاڙي ڪئي تنوار.

اهوئي سوال هو جنهنجو مون پنهنجي ڄاڻ آهر جواب ڳوليو تہ ڪلهوڙا تحريڪ جو مرڪز اتر، يعني سکر کان شروع ٿيو، جيڪو ٻيٺ کان اتر آهي، اهوئي دليل آ، تہ هِن سُر ۾ "سارنگ" آزاديءَ جو پيغام هو جنهن ۾ تاڙي جي تنوار ۾ جلد مينهن وسڻ يعني آزاديءَ ملڻ جي اميد ڏيکاري وئي ۽ لطيف جي هوندي ئي سنڌ آزاد ٿي ۽ ڏکاريا ڏيهہ مان ڀڄي ويا.

علم تشبيحي يا تمثيليءَ ۾، سنڌي ٻولي ۾ "ڪِنايي" يا "استعاري" جا اصطلاح ڪتب آڻبا آهن، جنهن منجهان اصل لفظ هڪ هوندو آ، پران مان مفهوم ٻيو ورتو ويندو آ، جيئن تہ "ظرف" مان مظروف

۽ "مڪان" مان "مڪين" جي مراد ورتي آ. هيءَ ادبي ٻوليءَ جو مڃيل اصول آ. انهيءَ لحاظ کان حضرت لطيف لاڙ جي جهر جهنگ ۽ ٿر ٽوڙي ڪوهستان جي چپي چپي تي ماڻهن کي اهو پيغام ڏنو تہ:

ڳنگوءَ مٿان ڳوڙ ڪري، ڪيائين "ڪاهوڇي" ڏانهن ڪاهہ

وٺو مينهن وڏ ڦڙو، "سري" پَريائين ساهہ،

ڏيئي پَٽن پاهہ، پريائين، "ڪُن" ڪراڙ جا.

اسان وٽ، جاگرافيءَ جي لحاظ کان "اُتر" پاسي جو ٻيو نالو "سِرو" بہ آهي. لطيف تڏهن "سري" کان "ڪاهو" يعني ٿر تائين تحريڪ اُڀرڻ جو سنيهو ڏنو ۽ "ڪراڙ" يعني پٽ کي "مرڪز" بنايائين، اهڙا ٻارنهن لفظ "اُتر" جا "اُميد" جي معنيٰ ۾ آيل آهن. اسان وٽ "اتر" لڳڻ سان سيءُ پوندو آ. جنهن لاءِ بہ اڳواٽ بندوبست ڪبو آ. پر هن سُر ۾ اگر وڻيءَ سان وَرَ جو پيار آهي تہ اُن کي سيءَ جو الڪو آهي ئي ڪونہ ۽ وڻي سڄي رات وَر جي اوسيئڙي ۾ آهي. پرڀات تائين هُن کي وَرَ جي اچڻ جي اميد آهي، ڇو تہ سندس وَر اهم، مُهم تي وِيل آهي:

ڪانڌ! تنهنجي پاند ري، سيءَ مَران سڀ رات،

ڪامل! ڪپاهن ۾، "جَهپ" نہ اچي جهات،

اچين جي پرڀات، تہ هوند "سِيءُ" سڄڻ نہ ساريان.

اهو سيءُ ڇا جو؟ هي اُتر" لفظ جو ٻيو سوال آ. اُن جي جواب لاءِ منهنجو دليل هي آ. تہ لطيف جي موجودگيءَ ۾ جڏهن اچا ميان نور محمد ڪلهوڙو، پوري سنڌ آزاد نہ ڪرائي سگهيو هو. ۽ گهٽو ڪم ڪرڻو هو. تہ اُن جي وقت ۾ ساڳين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو مائٽ "نادرشاه" اتر کان سنڌ تي ڪاهي آيو. هي بيحد ڀوائتو حملو هيو. جن ڀناٽن کان سنڌي اڳيئي ڏڏيل هئا. سي وري "نادر شاه"جي چولي ۾ سنڌ کي برباد ڪرڻ لڳا. لطيف انهيءَ خونخوار حملي جو ذڪر هنن سٽن ۾ ڪيو. تہ،

ڪُڏڪن ڪانڊ چٽ ڪيو، جُهڙ پَسيو جهٽڪن
سُٽيو رَڙ "رعد" جي، ڪَليون ٿيون ڪنبَن،
ڪَليوُن ڪين ڪُڇن، ويچاريون "وَرن" ري.

حضرت لطيف جي سُرن جي شرح ڪندڙ اديبن جي خدمت ۾ خاص عرض تہ، ڪالهہ جي گوڙ سنگهارن لاءِ سُک جو پيغام آ، ۽ اجوڪي "گوڙ" هنيانءُ ڏاريندڙ، ڪالهہ واري برسات پٽن ڪي پهراڻ ٿي پهرائي ۽ اجوڪي برسات ڪَلهِيون ٿي ڪنبائي، ۽ ڪالهہ وارو جُهڙ جُڳهن ڪي جڳمڳائي ٿو ۽ اجوڪو "جُهڙ" جيءُ جهوري ٿو، اهو ڇو؟ انهن سوالن جا جواب اجا گهربل آهن، اُميد تہ ڪو اديب اهو راز کوليندو. هن سُر جو ظاهري پس منظر اهو آ، تہ پاڻي پٽن تي پهچي، سانگي سکيا ٿين، گاهہ اپار اُپرن تہ مال متارو ٿئي، اناج، کير ۽ مکڻ ججهو ٿئي، ڏوٿي ڏک نہ ڏسن، ڏيهہ مٿان ڏڪار جو ڏرت لهي پوي. لطيف جي زماني ۾ سنڌ جي آباديءَ جو مدار سانوڻيءَ جي مند تي هو، جڏهن مهراڻ ۾ مستي اچي ۽ مهراڻ منجهان، واهہ ۽ ڦاٽ وهي نڪرن تہ چرخي آباديون ٿين، موڪي آباديءَ جو زمانو ويهين صديءَ جو آ، اُن ڪري سنڌ سڄيءَ جي سرسبزي ۽ ماڻهن جي خوشحاليءَ جو مدار سانوڻيءَ جي مند ڪانسواءِ باقي سڄو سال برسات تي هو، ٿر ۽ ڪوهستان تہ اڃا بہ برسات ڪانسواءِ آباد نٿو ٿئي، انهيءَ صورتحال کي بہ حضرت لطيف اکئين ڏٺو، ۽ سُر سارنگ کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ جوڙي، سنڌ جي ساٿهن لاءِ سُک جو پيغام ڪٺي آيو تہ:

موٽي مانداڻن جا، پري ڪيائن پَر،
وِجون، وسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٺي ڪر،
مينهون پاڻ مراديون، ٿڌا چَرن ٿَرَ،
وڏي اوهہ آئيون، پُنيءَ لائي ڦر،
ساري اڃيو سامهيون، ڏين سنجهي کير سَڃر،
ساڻ، وانڍين وَرَ، پرين پرچڻ جون ڪيون.

۽ آخر ۾ چيو تہ ايڏي آس، اميد، آزادي ۽ خوشحاليءَ جي خمار ۾ ايڏا مست، بہ نہ ٿجو. متان وري ڪنهن دلبي ۾ ڦاسي پئو. اُن لاءِ لطيف جي هيءَ آيت ضرور ياد رکجو. جيڪا پٽ تان اڄ بہ ٻُڌي رهيا آهيو:

هَڪيو هوئج هوشيار، وِج ڪِنوندئي اوچتي،
ڏوري لهڻ ڏاتار، جِم وِيهين تون ويسرو

۽ انهيءَ هوشياريءَ سان، او دوست!

ٿانور! آتي پَس، ڏيهہ ڪِنوَندي وِڄڙي،
تنين ڪارڻ وس، جن وَر متائي، پائر (سيڻ) ڪيا.

۽ پوءِ

دوليا! لَڏ مَ لاه، مون جُهڙ ڏنو آيُ ۾،
اڄن آبَ اڪئين ڪيو، وِڄُون اتر واءِ،
چَن "چِڏي" پَتَ پاءِ، آڏِ اتانهينءَ پڪڙا

اچو تہ ساڳيءَ اميد ۽ آس مان لطيف جو هيءُ بيت گڏجي هئين سان هنڊايون تہ:

حڪم ٿيو بادل کي تہ سارنگ سان ڪَجن:

وِچون وسڻ آئيون، ٿيهہ، ٿيهہ، مينهن ٿمن،
جن مهانگي لئہ ميڙيو، سي ٿا هَٽَ هٽن،
پنجن مان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق وَرن
(اِهي) ڏڪاريا ڏيهہ مان، موذي سپ مرن،
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سَيَد چوي سين، آه توه تنهنجو آسرو.
(شاه).

# پاڳو ٻيو

## متفرق مضمون

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# فـردا مُـنـذَ ڦـٽـي ڪـئي
## (جدوجهد جو فلسفو ۽ سسئي)

سسئي، سنڌ توڙي پنجاب جي شاعريءَ ۾ هڪ اهم سورمي آهي، هن کي هڪ ئي وقت عشق ۽ عزم جو مينار ڪري ورتو ويو آهي. شاعرن سسئيءَ کي پنهنجن جذبن جي اظهار جو ذريعو ڪري ورتو آهي، پر هوءَ عزم ۽ عمل جو هڪ نمونو بہ آهي، ڪيترن شاعرن سسئيءَ تي فارسي، پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ مثنويون لکيون. خواجہ فريد (١٢٦١ - ١٣١٩هـ) ۽ بين سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي شاعرن بيتن ۽ ڪافين ۾ سسئي لکي، چندي ڳڙهہ جي پروفيسر شان سسئيءَ تي پي ايڇ. ڊي ٿيسس لکي.

صوفي شاعرن قصي جي ڪن حصن ۾ نہ رڳو پنهنجن روحاني رَوِشِن جو اظهار ڪيو، بلڪ جدوجهد جو فلسفو بہ سندن بيان مان ظاهر ٿئي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نہ رڳو هڪ سرواڻ شاعر آهي، پر جدوجهد ۽ عزم و عمل ۾ بہ مهندار آهي، سسئيءَ جي داستان جي انهن حصن کي اهم ڄاڻي بيان ڪيو اٿس، جن ۾ سسئي ڪيچ جو اڙانگو سفر اختيار ڪري ٿي، هُن جي عمل ۾ اڳتي وڌڻ جو پڪو ارادو آهي ۽ موٽڻ ميهڻو آهي.

هن سڻائي سفر جو محرڪ جذبو عشق آهي ۽ هڪ وريتيءَ جو ور جي پٺيان وڃڻ جو پڪو ارادو آهي. چوي ٿي تہ ور ۾ ڪو ور ڪونهي، ڪا ڪچائي نہ آهي، ڏيرن ڏاڍائپ ڪئي آهي:

ور ۾ ڪونهي ورَ، ڏيرن ور وڏو ڪيو،
نهاريندس نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻرَ،
آڏو تڪر ٽرَ، متان روهہ رتيون ٿئين!

هن محرڪ جذبي جي بيان ۾ شاعريءَ جا دفتر ڀريا پيا آهن.نون رنگ روپن، استعارن تشبيهن ۽ تلميحن سان شاعرن پنهنجي بيان کي وزندار ۽ موثر بنايو آهي. هنديءَ جو مشهور شاعر ڪبير چوي ٿو:

ساجن هم تم ايڪ هين، ديکن کي هين دو
من سي من کو تولِئي، ڪيي نہ دومن هو

هنديءَ جي ئي شاعره سهجو ٻائي پنهنجي محبوب کي چتائي چتائي ٿي چوي تہ دل مان نڪري ڌيکار تہ توکي مرد ڪري مڃيان!!

بانهن جڙائي جات هو، نربل جان کي موهي
هردي مين سي جائوگي، تو مرد بنڌون گي توهي

خواجہ فريد محبت جي مام لاءِ پنهنجين ڪافين ۾ سوين رنگ سمايا آهن. سندس هڪ هڪ لفظ محبت ۽ مجاز توڙي حقيقت جو غماز آهي:

هڪ پاسون ناز نواز عجب،
ٻي پاسون عجز نياز عجب،
هي سوز عجب، هي ساز عجب
هي گمنبد عجب، هي جهات عجب.

عرض تہ هن موضوع تي شاعرن نهايت پُر اثر ۽ رقت آميز گفتگو ڪئي آهي. هن عشق جي اثر هيٺ سسئي جهنگ تي جهاڳي ۽ روهہ تي رلي، پنهونءَ کي پائر سُتي لوڪ اُنن تي ڪٺي ٿا وڃن، سسئي صبح ٿي ساري تہ اٺ نہ اوطاقن ۾، هُن سان قهر ٿي ويو. پانيائين پنهنجا آهن، اٿي اُنهن جي اڳيان خدمت ڪئي هئائين پر هنن قدر نہ ڪيو، ڪرها قطاري هليا ويا. سسئيءَ لاءِ ٻي ڪا واهہ نہ بچي سواءِ پنهونءَ جو پيرو ڪڻڻ جي. گهر جي پاتين روڪيو:، سرتين جهليو، ڪن چيو تہ اسين بہ توسان هلنديوسين پيرن ۽ سرتين کي چا تي چوي تہ هن پنيور کي ڇڏيو تہ ڪجهہ حاصل ٿيندو:

پينر پنيوران، جي پچو تان اَبهو،
اڳي ان ماڳان، سرتين سُورَ پرائيا.
(حسيني).

سرتيون دلي طور ساڻس هلڻ لاءِ تيار آهن يا زباني جمع خرچ آهي. سسئي انهيءَ صورتحال کي سمجهي ٿي. اُن ڪري چوين ٿي تہ هي پهاڙ جو پنڌ منهنجي حصي جو آهي، آءٌ ٿي پنهنجي ور لاءِ وڃان، اوهين وريتيون ڇو ٿيون هن تڪليف ۾ پئو:

وڃو سڀ موٽي، آئين جي ورن واريون،
ڪانہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو م ڪوٽي،
ڪيم ڪا چوٽي، وڌم جوڳ جتن سين.
(آبري).

جي سرتيون ساڻس ٻہ قدم گڏجي هلن ٿيون، پر محسوس ڪري ٿي تہ هنن ۾ اڳتي وڪ کڻڻ جي همت نہ آهي تہ کين چوي ٿي:

وريتيون ورو، آءٌ نہ ورنديس ور ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهيندس ترو،
جتن ساڻ ذرو، نينهن نبيريو نہ ٿئي.

پنهنجو من هيئن ڇئي پرڀائي ٿي:

آتڻ ۾ پرياڻ، هو سيني جيڏئين،
مون سياڳيءَ ساڻ، ڪير ڇُلندي ڇپرين
(آبري).

سڀ گهر ۽ ور سان خوش آهن. منهنجي ئي پتيءَ ۾ ڏونگر ڏورڻ آيو آهي، هُوءَ عزم ڪري چڪي آهي، اهو عزم ئي آهي، جيڪو انساني جدوجهد ۾ اول ۽ آخر آهي، سسئيءَ کي جيجل ماءُ بہ پنڌ کان پلي نٿي سگهي، ماءُ کي ٿي چوي:

ماءُ وهائو وار، ڪڻ ٻڙائي پنهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيح ۾، سو سيوئي سنيار،
وڃان تي وٽڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.
(حسيني).
امڙ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتيم، جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.
(حُسيني)

رسالي ۾ شاهہ صاحب سسئيءَ کي همت جو سندرو ٻڌڻ جي تلقين ڪري ٿو، پنجن ئي سُرن ۾ انهن نڪتن تي ڪيترائي بيت موجود آهن. آبريءَ ۾ چوي ٿو:

ويه م منڌ پنيور ۾، ڪرڪو واڪو وس،
ٻانهي ٻاروچن جي، گولي چڱ م گس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پوندءِ هوت پنهونءَ جو.

-------

تڪيائي تر تيلهہ، چڙهہ چُڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پوُ مڙيئي پيل،
اُتي رائو ريل، وينن تان واري وري.

سسئيءَ جو عزم ان نصيحت موجب ئي آهي هوءَ ٿڪل آهي تہ بہ پنڌ ڪندي وڃي، هيڪلي تہ آهي ئي، سور پريان جا ساڻ اٿس:

هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سُڄن سيل،
تہ ڪر ٻيلي آهن ٻيل، سور پريان جا ساڻ مون.
(آبري).

ڏونگر ڏوريندي وڃي ۽ مخالف قوتن جي پرواه نہ اٿس، اهوئي آدم انساني عمل ۾ ڪارائتو آهي، جو هُو ڪهڙيءَ بہ ڏکيءَ صورت حال ۾

بي همت نہ ٿئي. خواجہ فريد پنهل جي سات کي انهيءَ دم هيئن ٿو ساري:

متان من ماندا ٿِيوي،
پنهل نان تي ڌار،
سانوڻ ڏينهن سهاڳ دي،
هر دم ميگهہ ملهار.

پنهل جي سهاري سڀ ڏينهن سهاڳ جا آهن ۽ هردم ميگهہ ملهار آهي، جبل بہ چڻ جک ٿو ماري:

جبل ماري جَکَ، جو آڏو عجيبن کي
توڻي لکن لک، سڀ لنگهينديس سک سين.
(ديسي)

ارادو پڪو آهي تہ ڪا گرمي سردي انسان کي عمل کان روڪي نٿي سگهي، سسئيءَ جي جدوجهد ۾ تيزيءَ جو عنصر نمايان آهي، هُن جي چر پُر جو انداز شاه صاحب واضح لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو:

ڪي ڏَرتتي ماءُ، ڪي جَرَ سندي سڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي چيرن وچ ۾.
(حسيني).
جئن جئن تپي ڏينهن، تئن تئن تاڻي پنڌ ۾،
ڪو اڳانجهو نينهن، ٻانين ٻاروچن سين.
(حسيني)
جئن جئن نري رات، تئن تئن تاڻي پنڌ ۾،
پوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي.
(حسيني)

انساني جدوجهد هڪ ڏکيو ۽ ٻگهو عمل آهي، چوڻ آسان آهي، ڪرڻ مشڪل! عمل ۾ جيڪي بہ ڏک ڏاکڙا آهن، سي پنهنجو اثر ڏيکارين ٿا، پر پڪي ارادي جي اڳيان سورَ بہ شڪست کائي وڃن ٿا. هڪ اڪيلي

عورت کي جي ڏک سامهون اچن ته مايوس به ٿين ۽ سفر ۾ سج لٿو ته:

سج آلٿي سسئي، رت ورنو روئي،
پهي نه پانڌي کو، جنهن کر پڇي کوءِ،
مُوڙهي وجي توءِ، موٽڻ جي کانه کري.
(آبري)

جي پير ڦٽجي ويا ۽ هلڻ جا حيلا به ڇُڪي ويا ته به پرين کي پاراتو نه ڏنائين:

پيرين پيم پُرڪٽا، راه ۾ رت رنوم،
پاراتو پرين کي، تپن تان نه ڏنوم،
ڇُڪي تي ڇيوم، سُو اهڙو سڄٽين.
(آبري).
ڪنڊا مون پيرن ۾، توٽي لک لڳن،
اگر آنگوني نه مڙي، ڇِپون پير ڇڻ،
ويندي ڏانهن پرين، جُتي جات نه پائيان
(معذوري).

تڪليفن ۽ ڏکن ڏاکڙن جو اثر انسان تي لازمي پوي ٿو، ڪنهن تي ٿورو ڪنهن تي گهٽو. سور کان دانهن نڪري وجي ته ممڪن آهي. سسئي انهيءَ صورتحال ۾ به هيئن سوچي ٿي ته روئنديس رڙنديس ته چوندا چري ٿي آهي:

پنڌ نه پنڌن جيترو، ڪيئن سُجندي ڪيهه،
جيڪر ڪريان ريهه، پر چوندا مُنڌ چري ٿي.
(معذرري).

جدوجهد سسئيءَ لاءِ هڪ مسلسل عمل آهي. پرزا ٿئي ته به پرواهه نه ڪري، محبت ۽ مجاز هن ۾ هڪڙي قوت پئدا ڪئي. عشق جو ٻاڻ، جي هُن کي ذرا ذرا ٿو ڪري ڇڏي ته به هُوءَ مقصد ماڻڻ لاءِ ٻاڻ

پڇاڙي تي، هٿ پير پئي هٿي:

ٻَلر لڳو ٻانءِ، پسو! جوءِ جدا ٿي،
سا منڊ مري نـ جيئن، پيئي پڇاڙي پانءِ،
سسئي سورن ساڻ، سنيوڙي سبد چئي.
(آبري).

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڪي جو ڏنائين،
موت بـ مارين، پاڻ تنهين جي پُٺ ۾.
(معذوري).

نـ رڳو اينترو پر همٿ ڪيس بي نياز بنائي ڇڏيو. جاڏو جبل بـ هُن لاءِ تيج بنجي ويو، ڇپون، پير، ڇنڻ بدران ڇپر ڪٽ ٿيون، پهڻ پٽراٽيون آهن:

ڇپون ڇپر ڪَٽ، پهڻ پٽراٽيون پانئيان،
جتي رهان راتڙي، مِرون، منهنجا مٽ،
سيڻن جي سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو.
(حسيني).

ڏکن ڪان نـ ڊجڻ ئي انسان کي منزل پيڙو ڪري ٿو. طلب ئي رهنماءَ ۽ رهبر آهي جي پچن سي پسن:

پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندي ون ڏسن، اکڻ عجيبن جا.
(حسيني).

جيئن سچل سرمست ٿو چوي تـ اڳتي وڌ ۽ رهنمائي ڪر، شاهيءَ جو شملو ٻڌ ۽ وحدت جو نغارو وڄائي:

ڪي گمان گدائي والا،
شملا چا ٻڌ شاهي دا.

اڳتي وڌ ۽ مقصد ماڻ، پاڻ کي گهوٽ جاڻ، ڏس وائس جدوجهد

جو رستو ڇڏڻ ڪانئرن جو ڪم آهي، همت وارو مقصد جي راهہ ۾ اڳتي وڌندو ٿو وڃي:

قافئون ڪاهينديس، موٽان تان ڪَرَ ميهئو،
ٻانهي ٻاروچن جي، سگهَ نہ ساهينديس،
اَلفِراق آشد مِن الموت، هتي نہ هونديس،
آه نہ لاهينديس، جئري جت ڏسي مران.

هير هلنديس هوت ڏي، ٻيون وجهي ٻن،
جيرو جان فدا ڪريان، مٿان تن پرين،
آيا اڄ گهرجن، فردا مون ڦِٽي ڪئي.

فردا منت ڦِٽي ڪئي، نقد ڪنيو نار،
هيءَ جا واڳ ولهيءَ جي، ويرم ڏي م وار،
جيڪين مُنيءَ مار، جيڪين ميڙ مُنيءَ ڪي.

اِها جدوجهد جي انتهائي منزل ۾ سِرَ جون سٽون ڏيڻ آهي، تڏهن بيدل ٿو چوي تہ:

سٽايائون سُنگ ڪي، لطيفي ڪا لات،
سٽي سي پاسي ٿيا، پاڻ ڪنا پريات،
مُرڪيو مقالات، پوري ڪن پورب جي.

## مددي ڪتاب:


١ - علامہ قاضي، - شاهہ جو رسالو.

٢ - شاهواڻي - شاهہ جو رسالو.

٣ - انصاري - سچل جو رسالو

۴ - موسوي - ديوان بيدل.

۵ - بدوي - تذڪره لطيفي

٦ - جوٽيجو - سنڌي ادب جي مختصر تاريخ.

ذاڪر حسين ڪتي

# سامونڊيڪو سنگ

سامونڊيڪو سگ، آهي گونڊر گاڏئون،
اڳين چاڙهي انگ، وئو وڻجارو اوهري.

سُر سامونڊي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي جو پنجون نمبر سُر آهي ۽ هي سُر، سُر سريراڳ کانپوءِ ۽ سهڻيءَ کان اڳ ۾ ترتيب ڏنل آهي. سُر سامونڊيءَ جا ڪل چار داستان آهن، جنهن ۾ داستان پهرين ۾ ٣١ بيت، ٢ وايون ۽ داستان ٻئي ۾ ٩٢ بيت ٢ وايون. داستان ٽئين ۾ ٣٢ بيت ٢ وايون ۽ داستان چوٿين ۾ ٢٦ بيت ۽ ٢ وايون ڏنل آهن. اهڙيءَ طرح سان سُر سامونڊيءَ ۾ ڪل ١١٨ بيت ۽ ٨ وايون ڏنل آهن.

سُر سامونڊي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح، سامونڊي سفر ڪندڙ وڻجارن تي چيو آهي، جيڪي سمنڊ جو سفر جهاڳي ڏورانهن ڏيهه وڃي سودو واپار ڪندا هئا، واپسيءَ ۾ تمام گهڻو ملهه هٿ ڪري پنهنجي ماڳ موٽندا هئا.

جنهن زماني ۾ شاهه لطيف سُر سامونڊي چيو تنهن زماني ۾ سنڌ جي سامونڊي علائقن ۾ وهندڙ ڪيترا بندر موجود هئا، جن جي ذريعي وڻجارا پنهنجا ٻيڙا ٻار ۾ وجهي ڏورانهين سفر تي روانا ٿيندا هئا. جنهن دور جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي سُر سامونڊي ۾ ڪيو آهي، اهو دور غالبن ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت جو آهي ۽ انهيءَ دور ۾ ڪيترا وسندڙ بندر جهڙوڪ: لاهري بندر، ديبل بندر، شاهبندر، اورنگا بندر، ۽ سنڌو بندر مشهور هوندا هئا، جيڪي سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ موجود هئا. هنن بندرن ذريعي تمام گهڻو وڻج واپار ٿيندو هو.

سنڌ جي هڪ محقق ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي تہ "شاهہ صاحب سُر سامونڊيءَ ۾ مُغلبين جي پاسي رهندڙ وڻجارن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي زندگيءَ جو سچو نقشو پنهنجي سُر سامونڊيءَ ۾ چٽيو اٿس. جناب غلام رسول بلوچ جي راءِ صحيح آهي جو انهيءَ وقت مغلبين (جاتي) جي پاسي بہ وسندڙ بندر اورنگا بندر، (جنهن جي نالي سان اڄ بہ ُپٽي مغلبين ۾ ديهہ اورنگا موجود آهي) ۽ سنڌو بندر (جنهن جا نشان اڄ بہ ٽپي سير ڳنڊي تعلقي جاتي ۾ موجود آهن) هوندا هئا، جن جي ذريعي تمام گهڻو وڻج واپار هلندو هو. پر شاهہ صاحب سامونڊي علائقي سان لاڳاپيل سمورن بندرن جو سير ڪيو هو. ڇاڪاڻ جو شاهہ صاحب زندگيءَ جو گهڻو وقت سير تفريح ۾ گذاريو هو ۽ هلي وڃي اهي ماڳ مڪان ڏسي پوءِ انهن کي پنهنجي ڪلام جي زينت بنائيندو هو. جو اڄ جڏهن اسان شاهہ صاحب جي شاعري پڙهون ٿا تہ اسان جي سامهون اهي سمورا منظر اکين اڳيان ڦرندي نظر اچن ٿا. شاهہ صاحب انهن بندرن جو سير ڪري، وڻجارن جي زندگي، وڻجارن جي گهر وارن، انهن بندرن جي حالت، ۽ سامونڊي سفر جي مڪمل معلومات جو مشاهدو ڪري پنهنجي شاعري سُر سامونڊي ترتيب ڏنو آهي.

وڻجارا ڪهڙيءَ موسم ۾ يا ڪڏهن سفر تي روانا ٿيندا هئا يا ڪهڙيءَ ويل سفر لاءِ سِني هوندي آهي انهيءَ جو بہ باقاعدي مطالعو ڪري پوءِ ٻڌايو اٿن تہ ڪهڙي موسم ۾ وڻجارا سفر تي روانا ٿيندا آهن. شاه سائين فرمائي ٿو تہ سامونڊي سفر تي رواني ٿيڻ لاءِ اتر جي هير واري موسم يا ڏياري ڏسي روانا ٿيندا آهن:

لڳي اتر جي هير، سامونڊين سڙهہ سنباهيا،
ننگر ڪٽي ناڪئا، ٿيا سٽائي سير،
هينئڙي تن اکير، ڪاري ڪيڙائن جي.

يا

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهہ سنباهيا،
وڃهيو ور ونجهہ کي، روئي وڻجاري،
ماريندم ماري، پرهہ سور پرين جا.

هنن بن مندن ۾ سامونڊي پنهنجي سفر تي ويندا آهن. جڏهن سامونڊي سفر تي ويندا آهن تہ هُنن جون وَنيون جيڪي انهن سان تمام گهڻو پيار ڪنديون آهن ۽ نہ چاهينديون آهن تہ سندن وَر انهن کان جدا ٿين، پر جيئن تہ اهي وڻجارا سفر تي ضرور وڃڻا آهن، تنهنڪري شاهہ صاحب انهن وَنين جو پنهنجي وَرن (مڙسن) سان محبت جو اظهار بہ پنهنجي سُر سامونڊي ۾ ڪيو آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

پڳهہ پاسي ڳهار، آيل سامونڊين جي،
وڃهي جيءُ جنجار، جم وڃنئي اوهري.

مطلب تہ جيستائين اهي بندر تي موجود آهن، تيستائين انهن جي بيڙين جي رسن وٽ ويجهو وڃي گذار ۽ انهن مان سڪ لاهي جيءُ جون ڳالهيون ڪر، متان سستي ڪرين ۽ اهي وڃن هليا تہ پوءِ شايد وري قسمت سان توکي ملن! چاڪاڻ جو سمنڊ جو سفر تمام گهڻو اڙانگو آهي، جيڪو وڏيءَ مشڪل سان پورو ڪبو آهي. جيئن هڪ هنڌ شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

اونهي ۾ اوهري، جڏهن جي ويا،
سانداري سمونڊ جي، نهوڙي نيا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهي ڪا.

جڏهن اهي وڻجارا اونهي ۾ اهري ويندا آهن تہ پوءِ اهي بند سَجا تي ويندا آهن، جتي بهرين سامونڊين جي هوندي ڏاڍو ڇهڇٽو ۽ ميلي جو سمان لڳل هوندو هو ۽ هاڻي انهن سامونڊين جي وڃڻ کان پوءِ اهي بندر سَجا تي ويا آهن. جڏهن سامونڊي سفرت تي روانا ٿي ويندا آهن تہ انهن بندرن جي ڪهڙي حالت هوندي آهي. انهن جو ذڪر بہ شاهہ

اجهو هيئن ڪيو آهي:

ننگر ناتاريون، پڳهه ڪٿي پنڌ پيا،
بندر بازاريون، سُڃا سامونڊين ري.

انهن سُڃن بندرن تي وڻجارن جون وَهُون (زالون) پنهنجي وَرن جي اوسيئڙي ۾ انتظار ڪندي پنهنجي زندگي گذارينديون آهن، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

سامونڊي ساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي تي ماري، انهن سندي ڳالهڙي
يا
اپيون تــڙ پوڄين، وَهون وڻجارن جون،
آٽيو اڪا ڏين، ڪتوري سمونڊ ڪي.

وڻجارن جون زالون سڄو وقت سمنڊ تي پنهنجن ورن جو انتظار ڪري دل کي ڏڍ ڏينديون آهن ۽ ٻيڙيءَ وارن ڪان پنهنجن ورن بابت خبرچار حاصل ڪنديون آهن ۽ پنهنجي ورن جا پار پتا ٻڌائيندي شاهه صاحب جي زباني چونديون آهن ته:

لڪ نئين، نڪ سنئين، ڪجل پنا نيڻ،
سامونڊي مون سيڻ، ڪِ تو ڪالهه لنگها آئيا.
يا
مونکي جياريو، پرينءَ جي ڪا ڳالهه ڪري،
ڊنو اچ اڏيو، هينئڙو ڪوٽ برج جيئن.

جيڪڏهن وڻجارن جي اچڻ ۾ دير هوندي آهي ته پوءِ انهن جون ڳالهيون ٻڌي وڻجاريون پنهنجي دل خوش ڪنديون آهن ۽ ٻيڙيءَ وارن ناکئن کي التجا ۽ منٿ ڪنديون آهن ته ڪيئن به ڪري اسان کي وڻجارن تائين پهچايو. اهڙين آرين نيازين جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو آهي:

پُران مان پچان، بندر مون ڏور ٿيا،
نہ مون هڙ هنج ڪي، چئي جو چڙهان،
تيئن ڪج پاڻي، جنهن پر پرينءَ مڙان
ڪارون ٿي ڪريان، تو در آيي ناڪئا.

جڏهن ناڪئا هن جي ڪابہ مدد نہ ڪري سگهندا آهن تہ پوءِ پراڻيءَ روايت مطابق اهي وڻجاريون درياءَ جي تڙ تي باسون باسينديون آهن، ۽ اميدن جي سهاري تي وڻ ٽڻ سينگاريندديون آهن تہ من اسان جا ڪانڌ اچن، جن لاءِ ورهين کان آسائتيون آهيون، اهڙو ذڪر ڪندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ ٽڻ ٻڌي وانئتيون،
الله ڪانڌ اچي، آئون آسائتي آهيان.

جيڪي وڻجاريون درياءَ تي باس نہ باسينديون آهن يا پنهنجي ورن لاءِ اڳڻ نہ ٻهاريندديون آهن تہ انهن کي ٻيون طعنا ۽ مهڻا ڏينديون آهن، جن جو ذڪر شاهہ هن طرح ڪيو آهي:

جا جَرَ جاتون نہ ڏي، ڏيئا نہ موهي،
سَڏون ڪوهہ ڪري؟، سا پنهنجي ڪانڌ جون

جڏهن باسون باسڻ کان پوءِ بہ وڻجارن جي اچڻ جو ڪوبہ پتو نہ پوندو اٿي تہ پوءِ اهي واپس پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي اينديون اٿن، جتي هن وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي تہ پوءِ اهي پاڙي مان اڌارا چانور وٺي گذارو ڪنديون آهن ۽ ٻين وڻجارين سان پنهنجا وَر ڏسي انهن کي پنهنجا وَرَ ياد پوندا آهن ۽ انهن کي سياري جي موسم اکين اڳيان ڦرندي نظر ايندي آهي، جنهن لاءِ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

اسان اُڌارا، آٽي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آيا، سَمهان سيارا،
ايرن سيڪارا، پَسيو وَر ٻين جا.

انهيءَ آسري تي ويچاري وڻجاري ڪافي وقت گذاري ٿي ۽ پنهنجي ور مان اميدون نٿي لاهي، جڏهن اتر لڳندا آهن ۽ سَرَ نسرندا آهن تہ هن کي وري بہ پنهنجو ورُ ياد پوندو آهي ۽ ڪيس شاهہ صاحب جي زبان ۾ عرض ڪندي آهي تہ :

سَر نسريا پانڌ، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سکائون باسيون.

شاهہ صاحب سُر سامونديءَ ۾ پنهنجي بيتن جي ذريعي انهن علائقن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن رستي وڻجارا سفر تي روانا ٿين ٿا ۽ جن جن علائقن ۾ وڃن ٿا يا جنهن سودي لاءِ اهي نڪتا آهن. انهن بابت تفصيلي معلومات شاهہ سائينءَ جي سُر سامونديءَ مان ملي ٿي. وڻجارن جو گهڻو ڪري سفر ڪاري جي رستي سري لنڪا جي طرف هوندو هو. جو سري لنڪا جو سون تمام گهڻو مشهور هو. جنهن مان وڻجارا تمام سنو گذران ڪري ٿي سگهيا. انهيءَ ڪري هر وقت ڪين گهڻو ڪري سري لنڪا جي سفر جو الڪو هوندو هو. اهڙو منظر ٻڌائيندي شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ :

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اهريا،
سٽي سون لنڪا جو، سک نہ ساموندين،
پرهہ پڳهہ ڇوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ياڳ پڙن، جي کهيا ڪارونيار ڏي.

يا

ڪاري ڪيڙائو، مٽي مور نہ موٽيا،
سودو نہ ڪن سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آئيا.

جڏهن وڻجارا لنڪا لوپي پنهنجو مقصد ماڻي پنهنجي ماڳ موٽندا آهن تہ پوءِ سندن وڻجاريون جيڪي سندن اچڻ جو سچو ڏينهن

بندر تي انتظار ڪنديون آهن. اهي پري کان انهن جي اچڻ جا آثار ڏسنديون آهن ۽ انهن جي دلين ۾ اميدن جا ڏيئا ٻرندا آهن ۽ خوشيءَ مان چئي ڏينديون آهن ته:

چمڪيون چوڌار، ڏچون ڏاڙيچن جون،
مارو سامونڊي آيا، سهسين ڪري سينگار،
تنين جي تنوار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري

يا

ڪوهن مر وانئٽيون، وانئٽين سر گهنڊ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڊ، مارو سامونڊي آيا.

جڏهن وڻجارن جون ٻيڙيون پهچن ٿيون ته هرڪا وڻجاري پنهنجي پنهنجي ورَ جي ڳولهائو هوندي آهي، جنهن لاءِ دُعا ڪنديون آهن ته خدا ڪري شل انهن ٻيڙين ۾ اسان جا ڪانڌ هجن جن لاءِ شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

لاڄُو تا لنوَن، اچن سڙهه اڀريا،
ڪارڻ ته پرين، وينِي واٽ نهاريان

يا

سڙهه سجاڻيو پوءِ، مارو سامونڊي آيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾.

جڏهن وڻجارا واپس پنهنجي ماڳ پهچندا آهن ته پوءِ بندرن تي وري بهاري لڳي ويندي آهي ۽ وڻجارين لاءِ عيد هوندي آهي جو سندن ورَ ورهين ڪانپوءِ وريا هئا. جن لاءِ هنن ڪيترا ڏينهن درد فراق ۾ گذاريا هئا. شاهه سائينءَ جهڙيءَ طرح سُر سامونڊيءَ ۾ وڻجارن جي وڃڻ جي منڊ جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي واپسيءَ جو ذڪر به پنهنجي سُر سامونڊيءَ ۾ چٽيءَ طرح ڪيو آهي. جيئن پاڻ فرمائي ٿو ته:

لڳي اتر امريا، واهوندي وڙن،
آئون گهڻوئي گهوريان، سودو ساموندين،
اکڻ جي اچن، عيد وڙ تئي انکي.

جيئن ته سُر ساموندي ۾ شاهه صاحب وڇوڙي، درد ۽ فراق جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي، چاڪاڻ جو وڻجارا جڏهن سفر تان موٽن تا ته ڪجهه ڏينهن ترسي وري به هو سفر جو سانباهو ڪن تا. جنهنڪري انهن جي وَنين جو اجا وڇوڙو مَس ختم ٿيو هو ته وري به انهن جي ڦٽن جا زخم اٿلي پون تا ۽ وري پنهنجي وَرن کي روئي، ٻاڏائي، منٿ ميڙ ڪري واپس روڪڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون ۽ انهن جون آزيون ۽ نيازيون وڻجارن اڳيان نٿيون هلن ۽ اهي سفر تي روانا ٿين ٿا. انهيءَ منظر جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نه رهن،
آءٌ جهلينديس ڪيترو، آيل ساموندين،
پڳهه ڇوڙي جن، وڌا ٻيڙا ٻار ۾.

جڏهن ايڏين منٿن ڪانپوءِ به وڻجارا اهري وڃن ٿا ته پوءِ ويچاريءَ وڻجاريءَ جي حالت تمام نازڪ ٿيو وڃي ۽ ان لاءِ ڪاڌا به زهر ٿيو پون ۽ نيڻن مان هر وقت نير جاري رهي ٿو. جنهن لاءِ شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

جن لئه جهجن نيڻ، تنين پرڏيهه پورائيو،
ڪاري ڪيڙائن ري، ڪارا ٿيئڙم ڪيڻ،
وري ٿيئڙم ويڻ، سرتيون ساموندين جا.

جڏهن گهڻي درد، وڇوڙي ۽ فراق ڪانپوءِ وري به وڻجاري سوچي ٿي ته پوءِ پنهنجي پريڻ کي ڏوراپو نٿي ڏي ۽ وري به ميار پاڻ تي ڪري ٿي ته مون ۾ ڪا گهٽتائي آهي جو وڻجارا ويا هليا نه ته سڄڻ هميشه سٻاجها آهن، انهن جو ڪوبه ڏوهه نه آهي وري به پريڻ بدران پاڻ کي ڏوهاري ڪندي شاهه صاحب جي زباني چوي ٿي ته:

مون ايي نڙ وٽ، پرين پڳهه چوڙيا،
ڪا مونهين ۾ گهٽ، نہ نہ سڄڻ سڀاجها گهٽو

پاڻ کي گهٽ ڪري بہ پنهنجي پرينءَ جو هڪ دفعو وري بہ انتظار ڪري ٿي ۽ کيس سڃاڻ ڪرڻ لاءِ شاهہ صاحب جي زباني چوي ٿي تہ:

پاڻ پرائو چاڙهيو، وکر وڻجارا،
اچي لهرون لڳيون، ٻيڙي ٻہ پارا،
جاڳو جي يارا، تہ تڙ توائي نہ ٿئي.

وڻجارن کي دعائون ڪندي وڻجاري باقي وقت گذاري ٿي ۽ دل ۾ اميد ٿي ڪري تہ جڏهن بہ وڻجارا موٽي ايندا تہ منهنجا سڀ ڏک درد ختم ٿي ويندا جنهن لاءِ شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

هي سڄڻ سيئي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايدم جان، پيهي، سڀ لاهيندم ڏکڙا.

سُر سامونڊيءَ ۾ شاهہ صاحب وڻجارن جي وڃڻ، واپس اچڻ ۽ وري واپس وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان وڻجاريءَ جي وڇوڙي، ميلاپ ۽ وري وڇوڙي جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ڪري هن سُر سامونڊي ۾ وڇوڙي ۽ فراق جو خاص مقصد رکيل آهي ۽ هن سُر سامونڊيءَ مان شاهہ صاحب جي درد ۽ پيڙا جي پليءَ پٽ جاڻ ملي ٿي.

گائڪيءَ جي انداز ۾ هي سُر وڇوڙي ۽ درد وارو سُر آهي ۽ هي سُر سامونڊي آڌيءَ رات ڳائڻ وارن راڳن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن سُر جي ڳائڻ مهل درد جي ڪيفيت نمايان هوندي آهي، فن جي دنيا ۾ جاڻ رکڻ وارن جو چوڻ آهي تہ هن سُر جي ترتيب ۾ سمپورن ۽ ڪاڏو هوندو آهي. سمپورن مان مراد ست سُر ۽ ڪاڏو مان مراد ڇهہ سُر آهي. هن راڳ جي آروهي ۾ سمپورن ۽ امروهي ۾ ڪاڏو هوندو آهي. هي سُر ڇهن ۽ ستن سُرن جي ترتيب سان ٺهيل آهي. انهيءَ راڳ کي راڳداريءَ جي قانون مطابق پوربي ٺاٺ ۾ ئي شامل ڪري سگهبو آهي:

بندر ديسان ديس، مُلهہ نہ مَليوارئين،
فقيراڻي ويس، املهہ ڏين اٽوريا.

محمد پنهل ڏهر

# سُر سامونڊي
# سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو ماخذ

سُر سامونڊيءَ ۾ سنڌ جي واپار جي تاريخ جو هڪ باب سمايل آهي، سر سامونڊي پنهنجي دور جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جو آئينو آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام جي هن سُر جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب پنهنجي وقت جو هڪ وڏو محقق ۽ نقاد هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ سر سامونڊيءَ جي عنوان سان پنهنجي دؤر ۾ سنڌ جي وڻج واپار جو نقشو چٽيو آهي. سنڌي ثقافت کي خوب اجاگر ڪيو آهي. مطلب ته شاهه صاحب هن سُر ۾ سنڌ جي ثقافتي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ کي شاعريءَ جو روپ ڏيئي سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي.

سُر سامونڊيءَ جي لفظي معنيٰ آهي، "سمنڊ وارا" يعني انهن ماڻهن جو بيان يا ذڪر، جيڪي پنهنجي ڏنڌي يعني وڻج واپار جي سلسلي ۾ سمنڊ رستي پنهنجو سفر اختيار ڪندا هئا. شاهه صاحب جي دؤر ۾ سنڌي ڪلهوڙن جو راڄ هو، تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ دؤر ۾ به سنڌوءَ جو وهڪرو موجود هو ۽ مهراڻ پنهنجي موجن سان سڄي سنڌ کي سيراب ڪندو، سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو. شاهه صاحب جي ڪلام يعني سُر سامونڊيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جي واپاري سلسلي جو زياده تر دارومدار سمنڊ تي هو.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي، لکن ٿا ته

"سر ساموندي" سر سريراڳ جي تصوير جو ٻيو پاسو آهي. ڇاڪاڻ ته سر سريراڳ ۾ وڻجارن جو ذڪر ڪيل آهي ته سر سامونديءَ ۾ وري سنڌن وڇڙيل وهُن جو احوال نقش ڪيل آهي:" (١).

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه صاحب جي هن سُر متعلق لکي ٿو ته "هن سُر جو نالو ساموندي غور طلب آهي. جنهن جا ٻه سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ عام فهم سبب اهو جو هن سُر جو مکيه ڪردار سمنڊ جو سفر ڪندڙ، وڻجارا، معلم، ملاح ۽ ناکئا هئا. جن کي سمنڊ جي نالي پويان ساموندي سڏيو ويو ۽ اُن نالي سببان هن سُر کي به ساموندي سڏيو ويو. پر تاريخي لحاظ کان وڌيڪ صحيح سمجهڻ ائين ٿيندو ته ان دؤر ۾ سنڌ جي پرڏيهي واپارين ۽ ملاحن جا ڏورانهين منزل ۽ مقصد وارا ماڳ اوڀر طرف جاوا ۽ سوماترا جو ساموندا وارو ملڪ هو ۽ اُن ساموندا واري ملڪ ڏانهن وڃڻ ۽ واپار ڪرڻ سببان ڪيس ساموندي سڏيو ويو، جنهن تان هن سُر تي پڻ اهو نالو پيو". (٢).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، شاهه جي پهرين شارحن جي انهيءَ راءِ کي بلڪل رد ڪيو آهي ته انهيءَ سُر تي اهو نالو سمنڊ ۾ سفر ڪرڻ جي ڪري پيو، هُو لکي ٿو ته "جيڪڏهن اهو نالو سمنڊ جي نسبت سان هجي ها ته جيڪر سمندائي ۽ سموندائي سڏجن ها، پيو ته ساموندي فقط اُن تاريخي دؤر وارن وڻجارن، ملاحن ۽ ناکئن کي سڏيو ويو ۽ اهو دؤر ختم ٿيو ته اهو نالو به ختم ٿي ويو. هن موجوده صديءَ ۾ ١٩٤٧ع کان اڳ سنڌ جا ناکئا ۽ واپاري اوڀر طرف هندستان جي بندرن تائين ويندا هئا پر انهن کي ساموندي ڪونه سڏيو ويو. اُن سان انهيءَ دليل جي پنيرائي ٿئي ٿي ته اڳوڻي دؤر ۾ ساموندا طرف وڃڻ وارن وڻجارن کي ئي ساموندي سڏيو ويو. (٣).

سُر ساموندي اسان لاءِ ڪلهوڙا دؤر ۾ سنڌ جي اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي تاريخ جو هڪ قيمتي دستاويز آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ

سر مان سنڌ جي اقتصادي تاريخ تي پليءَ پت روشني پوي ٿي تہ انهيءَ دور ۾ سنڌ جا باشندا سمنڊ رستي ڪهڙن ڪهڙن ملڪن ۽ شهرن جو سفر واپاري سلسلي ۾ ڪندا هئا. هتان ڇا ڪٽي ويندا هئا ۽ اُنهن ملڪن ۽ شهرن مان واپسيءَ تي ڇا آڻيندا هئا. اهو سفر ڪهڙيءَ موسم ۾ ڪندا هئا ۽ واپس وري ڪڏهن ايندا هئا؟ سُر سامونڊي جي مطالعي مان ئي معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جي حڪومت جا ڪهڙن ڪهڙن ملڪن سان اقتصادي ۽ سياسي تعلقات هئا.

١ - سڄي سُر سامونڊيءَ مان ڪٿي بہ اهو ڪونہ معلوم ٿئي ٿو تہ هتان جا واپاري پاڻ سان گڏ ڪهڙو سامان ٻاهرئين ملڪن ۽ شهرن ڏانهن وڪري لاءِ ڪٽي ويندا هئا. ڪلياڻ آڏواڻي، سر سامونڊيءَ جي شروع ۾ فقط ايترو لکي ٿو تہ "سامونڊي، قرقل، ڦوٽا ۽ پارچا يعني قيمتي ڪپڙا پاڻ سان ڪٽي ويندا هئا". (۴) راقم جو خيال آهي تہ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو اهو لکڻ تہ سنڌي وڻجارا قرقل ۽ ڦوٽا بہ ڪٽي ويندا هئا تہ اهو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ ڦوٽا وغيره سنڌ ۾ ٿيندائي ڪونہ هئا تہ پوءِ اهي وڻجارا اهو سامان ڪيئن ڪٽي ويندا هئا. باقي ڪپڙو ضرور ڪٽي ويندا هئا. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ ڪپڙو عام جام ٺهندو هو ۽ اهو قيمتي هوندو هو ۽ اهو اُن زماني ۾ هنڌين ماڳين مشهور هو.

٢ - سنڌ جا واپاري اهو سامان ڪهڙن ملڪن ۽ شهرن ڏانهن ڪٽي ويند اهئا. انهيءَ متعلق شاهہ صاحب جا هيٺيان چند بيت شاهديءَ طور ملن ٿا:

ناکئُو نگهبان، مُنجي معلم خبرون،
جن ساري ڪنيو سمنڊ ۾، سفر جو سامان،
لطف ساڻ لطيف چئي، تن لنگهئو طوفان،
سنياري سبحان، وجي عدنئون آڪتا.

معلم سکائين کي، آيو ڳرمي حالُ.
اورئان انگريزيءَ پُورِئو، پرئان پُوري پالُ.
وچ ۾ واگهيرن جي، چارئي پهر چالُ.
هيءَ مَڏَ پَهچي مالُ، جو پاڻ پرائو چاڙهئو.

کاري کيڙائُو، متي مِني موتئا،
سودو کن نہ سون جو، وڏا وِهائو.
موتي جي مهراڻ جا، تن ۾ طامائُو.
ساموندي سائُو، لڪا لوپي آئيا.

لڪا لڪا کن، لئِہ لڪا جي اوهَرِئا،
سُٽي سون لڪا جو، سک نہ ساموندين.
پِرِهہ پڳهہ چوڙيا، کاري کيڙائُن.
وڏي ڀاڳ پڙن، جي کهيا کارونيار ڏي.

اچن سِڙهہ آپڙئا، متن کَپَڙ کوٽ.
ساموندي ماءُ گهوٽ، لڪا لوپي آئيا".

مٿين بيتن ۾ "عدن ۽ لڪا" جو ذکر بار بار آيو آهي، "عدن" جو شهر اڄ بہ موجود آهي ۽ "يمن" ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ مشهور ساموندي بندر آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کانسواءِ شاهہ صاحب جا ٻيا سڀ شارح "لڪا" مان مراد "لنڪا" يعني موجوده "سري لنڪا" وٺن ٿا، جنهن کي اڳ "سرانديپ" بہ سڏيو ويندو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کانسواءِ ۽ ٻين سيني شارحن جي مرتب ڪيل "شاهہ جي رسالي" ۾ "لڪا" جي بجاءِ "لنڪا" لفظ ڏنل آهي. ليڪن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو رايو آهي تہ اهو لفظ "لنڪا" نہ بلڪہ "لڪا" آهي. هو لکي ٿو تہ

جاگرافيائي لحاظ سان سنڌ جا واپاري ۽ ناکئا اولهه طرف عربي سمنڊ جهاڳي عدن تائين ٿي ويا ته اوڀر طرف گهڻو پري جاوا سوماترا جي سامونڊا حڪومت جي گاديءَ جي شهر ۽ بندر پرلڪ تائين. جنهن کي لڪ يا لڪا به سڏيو ويو. اُن تائين ٿي پهتا. تاريخي اهڃاڻ اهي جو اُن وقت سمنڊ جي شاهراهن ۽ اوريان (عربي سمنڊ ۾) انگريزن، وچ ۾ رهندي سمنڊ ۾، واگهيلن ۽ اڃان اڳتي بنگال طرف پالن جو زور ۽ دخل هو. ............... سُر سامونڊي سنڌ جي وڻجارن، واپارين ۽ ملاحن ناکئن جي سمنڊ وارن اَڳاٽن سفرن ۽ ڪشالن جو يادگار آهي. ان دؤر ۾ ڏکڻ اوڀر طرف سنڌ جو سمنڊ ذريعي هندستان ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ڪنارن وارن بندرن سان واپار هلندڙ هو. سنڌ جا وڻجارا ڏکڻ هندستان ۾ ملبار جي بندرن کان لنگهندا هئا. جتي موتين جي گهٽائي هئي ۽ موتين جا سودا ڪندا هئا.

پر وڏن سودن خاطر وڻجارن جا اڃان به ڏورانهان ماڳ ۽ منزلون جاوا سوماترا وارا بندر هئا. جن ۾ سامونڊا ۽ پرلڪ کي خاص اهميت هئي. پر لڪ کي لڪ يا لڪا جي نالي سان پڻ سڏيو ويو. اُتي سون جا سودا ٿيندا هئا يا سون جهڙي نفعي واري ڪمائي ٿيندي هئي.

سامونڊا ۽ پرلڪ، اهي ٻيئي مشهور ماڳ سو ماترا جي شاهي ٻيٽ جي اوڀر واري ڪناري سان هئا. اُتان جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي)، ۾ ملڪ صالح سامونڊا رياست جو بنياد وڌو، جنهن جي گادي جو هنڌ سامونڊا هو، سامونڊا جي رياست اُن وقت ايتري ته طاقتور ۽ وڏي هئي جو هن سڄي شاهي ٻيٽ کي ئي سامونڊا سڏيو ويو، جنهن نالي تان هاڻي ان کي سوماطرا سڏجي ٿو. سامونڊا جو شهر اڃان تائين موجود آهي ۽ سامونڊا ضلعي جو مرڪزي شهر آهي. هي شهر سمنڊ جي ڪناري سان هو. ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) ۾ ملڪ جو وڏو بندر بڻيو ۽ چوڏهين پندرهين صدي عيسوي ۾ بين الاقوامي واپار جو وڏو مرڪز ٿي ويو. اُنهيءَ دؤر ۾

ئي ساموندا سنڌ جي پرڏيهي واپارين جي منزل مقصود بڻيو ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌ ۾ ڪين ساموندي سڏيو ويو. اُن ڪان ڪجهه مفاصلو اڳتي پرلڪ جو شهر موجود آهي. جنهن ڪان ست ان ميل ڏکڻ طرف پرلڪ ندي جي چوڙ وٽ پرلڪ جو وڏو قديم شهر ۽ بندر هو. جيڪو اُن دؤر ۾ بين الاقوامي واپار جو مکيه مرڪز هو. پر لڪ نديءَ ذريعي جهاز اندر پرلڪ بندر ۾ ايندا هئا. سنڌ جا وڻجارا ساموندا رياست جي اُترئين پاڱي ۾ ساموندا شهر ۽ بندر ڪانپوءِ پَسئي بندر پهچندا هئا ۽ ان ڪانپوءِ اڳتي پرلڪ بندر ۽ اڃان بہ ان ڪان اڳتي بين ملڪن ڏانهن ويندا هئا". (۵).

۳- سنڌ جا واپاري انهن ملڪن ۽ شهرن مان ڪهڙو سامان خريد ڪري واپس پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ سُر ساموندِيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا بيت موجود آهن. جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا واپاري واپسيءَ تي انهن ملڪن ۽ شهرن مان سون ۽ موتي يا موتي ۽ سون جهڙي قيمتي نفعي وارو ٻيو سامان وٺي ايندا هئا. مثال طور شاهہ صاحب چئي ٿو تہ:

سمنڊ ڪين سُڪَن، ڪوڙين جي ڪائو ٿئي،
پاٹيءَ سين پيڪُ ڪِئو، تيلاهہ وڻجارن،
لعلون سي لهن، جَنِي سودو سچ جو.

اِيءَ ڳتِ غواصَنِ، جٿن سمنڊ سُوجهياؤن
پيهي منجهہ پاتار، جي ماٹڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.

آڇاڙا عميق جا، ڳڏئا غواصن،
جُهڙيون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنن،
سمنڊ سوجهي جن، آڻي اَمُلَ اولِئا.

وِئا جي عميق ڏي، مُنھ ڪائو ڏيئي،
تن سِپُون سوجھي ڪڍيون، پاتاران پيئي،
پسندا سيئي، اَمُلَ اَکڙين سين،

بندر باروبار، مُلُ نہ مَلي بارِيين،
فقيراڻي پار، اَمُلَ ڏين اَتورِئا.

بندر ديسان ديس، مُلُ نہ مَليوارِيين،
فقيراڻي ويس، اَمُل ڏين اَتوريا".

۴- سنڌ جا واپاري اھو سفر ڪھڙيءَ موسم ۾ ڪندا ھئا، انھيءَ متعلق سُر ساموندِيءَ ۾ شاھہ صاحب چئي ٿو تہ:

ڪُوھا ڪالھہ ڪٽي، وِڌئُون اُنر آسري،
الله جُھري مَ اُن جي، اولي جِي اَٽي،
وڻجارن وٽي،وَکَر وِڌو پيڙيين.

وڻجاري ڪانڌاءُ، مون ور ويئي گھارِئو،
لڳي اُتر واءُ، ڍولئو ھلڻ جِيون ڪري.

اُتي اُتر مند، ھِنين اُبڪو نہ لھي،
وَتين لاڄُو بند، پيھر مَکين پيڙيون.

لڳي اتر ھير، ساموندِيءَ سِڙھہ سنباھيا،
ننگر ڪٽي ناڪئا، ٽِئا سٽائيءَ سير،
ھِنيڙي نت اُکير، ڪاري ڪيڙائڻ جي.

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا،
وڃهئو ور ونجهه کي، روئي وڻجاري،
ماريندم ماري، پرهه سُور پرين جا.

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا،
اُن کي مُند اُتر جي، اوچتي آئي،
وڻجارن وائي، آهي پريين پار جي.

تي ڏياريءَ ڏينهن، ٻوليو هلڻ جي ڪري،
مَڪِئو پنهنجي مَڪُري، چيني چڱي چيٺ،
رُئان رهن نه سپرين، جان ڪين جهليان بيٺ،
مون سين ڪري ميٺ، سجڻ سفر هلئا.

ڏني ڏياري، سجڻ سفر هلئا،
پايو پاند ڳچيءَ ۾، زور ڪريان زاري،
ڪانه هٽي ڪاري، وِئو وڻجارو اوهَري.

ٽئا ڏياريءَ ڏينهن، سامونڊين سفر جي،
مون سِر اُنا جيڏيون، سندا محبت مينهن،
ڪيِسَ نمائي نينهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

شاهه صاحب جي مٿين بيت مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا وڻجارا واپار سانگي سياري جي موسم ۾ انهن ڏينهن ۾ سفر تي اُسهندا هئا، جڏهن اُتر جون ٿڌيون هوائون لڳنديون هيون ۽ ڏياريءَ جا ڏينهن به ويجها هوندا هئا.

٥- اهي سنڌي وڻجارا وطن ڪڏهن واپس وريندا هئا ۽ اُتي ڪيترو عرصو رهندا هئا، انهيءَ جي لاءِ شاه صاحب ٻڌائي ٿو ته:

"لڳي آتر اوهَرِئا، واهوندي ورن،
اءُ گهٽوئي گهوريان، سودو سامونديِن،
اڱڻ جن اچن، عيد ور تنئي اُن کي.

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نه پليين،
آيو بارهين ماهه، پڻ تو سفر سنبهي.

وِئڙا ڪالهه ڪري، بارهين ماهه نه موٽِئا،
لڳي تَنِ ڳَري، کهڙيون هنجهون هاريان.

سَر نِسرئا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪاند، سهسين سڪائون ڪيون..

سَر لوهيڙا ڳَيئا، ڪُسَرَ نِسَرِئا،
تو ڪيئن وِسرِئا، ڍوليا! ڏينهن اچڻ جا.

انهن بيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي بيت سنڌي وڻجارا ويچارا وري ساڳيءَ مند ۾ بارهين مهيني يعني سالن ڪانپوءِ جڏهن وري بہ اُتر واءُ لڳندا هئا يا سر نسرندا هئا تہ واپس پنهنجي ماڳين موٽي ايندا هئا. انهيءَ موسم ۾ ئي سندن وَنيون گهرن ۾ اچڻ جو اوسيئڙو ڪنديون هيون ۽ سندن راهون پيون تڪينديون هيون.

# حــوالا


١ - هوتچند مولچند گربخشاڻي، (مرتب) شاهہ جو رسالو، ڇاپو ٽيون ١٩٨٥ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهہ حيدرآباد سنڌ، صفحو ٢٣٢.

٢ - ڪلياڻ آڏواڻي (مرتب) شاهہ جو رسالو، مڪتبہ برهان ڪراچي صفحو ٧٧.

٣ - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (مرتب) شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام جلد ٻيو، ڇاپو پهريون، ١٩٩٢ع شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ حيدرآباد سنڌ، صفحو ٢٦ مقدمو.

٤ - مٿيون حوالو.

٥ - ڪلياڻ آڏواڻي (مرتب) شاهہ جو رسالو صفحو ٧٧.

٦ - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ جو رسالو، شاهہ جو ڪلام، جلد ٻيو، صفحو ٢٧ ۽ ٣١، ٣٢ مقدمو.


نوٽ: هن مقالي ۾ مون جيڪي بہ بيت سُر سامونديءَ جا تمثيلي طور ڪم آندا آهن، سي سڀ "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب" واري مرتب ڪيل رسالي "شاهہ جو رسالو، شاه جو ڪلام، جلد ٻيو" جي صفحي ١٠٧ کان ١٣٢ (متن) تان کنيا آهن.

ادل سومرو

# شاهه جي ڪلام جو اقتصادي فسلفو (مختصر جائزو)

معاشي خوشحاليءَ کان سواءِ ثقافتي ترقيءَ جو تصور مبهم ٿي وڃي ٿو. ميلا ملاکڙا، خوشيون ۽ تهوار، معاشي فڪر ۽ پريشانيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ کان سواءِ، انسانن لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻجي نٿا سگهن. زراعت ۽ صنعت سان گڏ، واپارُ ڪنهن بہ سماج جي اقتصادي معيار بلند ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اڄ بہ وڏيون اقتصادي قوتون، بين الاقوامي سطح تي مارڪيٽ ايڪانامي تي قبضو ڪري، پرڏيهي واپاري مرڪزن تي پنهنجي هڪهٽي قائم ڪرڻ لاءِ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن.

لطيف سائينءَ جي زماني ۾ سنڌ جا سامونڊي ڪنارا وڻج واپار جو مرڪز هُيا، اهو دؤر هُنر منديءَ جي وسعت ۽ ترقيءَ وارو هو، سنڌ جو تيار ڪيل مالُ دنيا جي مُکيہ مارڪيٽن ۾ پهچندو هو.ڪپڙو، چمڙي جو سامان مُشڪ ڪٿوري، تيلي ٻجَ، سُنڌ، لاکَ، نيرُ، ڪارا مرچ، گگر، ڪِنڙو، دار چني، ڪاشيءَ ۽ جنديءَ جو سامانُ، مغربي توڙي مشرقي ملڪن ڏي موڪليا ويندا هئا. سياحن جا سفرناما سرڪاري دائريون ۽ تاريخي حوالا، وڻج واپار ۾ سنڌين جي ايمانداريءَ جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن. بهتر واپاري روين ۽ وکر جي معياري هئڻ سبب سنڌ جا سامونڊي شهر ڀنڀور، ديبل، نٿو بين الاقوامي واپار جو مرڪز رهيا آهن. نٿو هڪ وڏو صنعتي مرڪز ۽ مُکيہ بندر هو، جنهن ۾ سدائين جهازن جون قطارون بيٺيون هونديون هيون، جيڪي بہ جهاز ايندا هئاسي مالَ سان ڀرجي ويندا هوئا، اُهي جهاز مختلف سامانُ ايشيا ۽ پورچوگال جي ڪيترن ئي

هنڌن ڏانهن ڪٽي ويندا هئا. اهي سڀ وهنوار سانگ پرين تا تہ تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ بهتر واپاري تنظيم هئي.

شاهہ لطيف ڪي پنهنجي ديس جي پيداواري قوتن جي ڄاڻ هُئي ۽ اها بہ سڌ هئي تہ اقتصادي سڌارن ڪانسواءِ. ڪلچر جي اوسر بهتر انداز ۾ ڪانہ ٿي سگهي ٿي، تنهنڪري سماج جي خوشحاليءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ هُنر مندَ، پورهيتَ ۽ وڻجارا هُنجي فڪر جو مرڪز رهيا آهن. وڻجارو، خوشحاليءَ جي علامت آهي، جيڪو ذاتي زندگيءَ جون راحتون ۽ سُک تياڳي جوڀن رُت ۾ پنهنجن جذبن ۽ احساسن جي قرباني ڏيئي پرڏيهہ وڃي ٿو ۽ پنهنجي وطن کي سُون رُپي ۽ هيرن موتين سان مالا مالُ ڪري ٿو تہ جيئن سندس ديس جون اقتصادي حالتون بهتر ٿين. وڻجاري جو اِهو عمل هڪ فرد جي خوشحاليءَ جو معاملو نہ هو، پر مجموعي طور تي ديس جي سُڪار جو مسئلو هو. اِهوئي سبب هو جو شاهہ صاحب جو شعور، ظاهري احساساتي ڪيفيتن کان اڳتي بہ سفر ڪري رهيو هو. وڻجاري جي ونيءَ جي وڇوڙي واري درد ۽ سامونڊي هوائن ۾ سندس وڪريل سُڏڪن ۽ آلاپن کي لطيف سائينءَ بہ سمجهيو پئي پر وڻجاري جو اهو آسهڻ ان ڪري ضروري هو جو اُن سان ديس جي خوشحالي هئي. اها فقط فرد جي ذاتي مفاد جي ڳالهہ هُجي ها تہ شاعر انهيءَ رويي کي ضروري نندي ها، پر هتي مجموعي مفادن ۽ اجتماعي بهتريءَ جو مسئلو هو. جنهنڪري شاهہ سائين احساسن ۽ جذبن کي ڏکوئيندڙ رويي سبب بہ ڪاري جي ڪيڙائن کي ڪو پاراتو وغيره ڪونہ ٿو ڏئي، جيڪي پنهنجن ونين جي اکين ۾ الڪا ۽ اُداسيون ڇڏي هليا ٿا وڃن:

لنڪا لنڪا ڪن، لَئہ لنڪا جي اوهِريا،
سُٽي سون لنڪا جو، سُک نہ سامونڊين،
پرهہ پڳهہ ڇوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ياڳ پڙنِ، جي ڪَهيا ڪارونيار ڏي.
(سامونڊي - ص ٢١٥).

وڻجارن جو اهو سفر، لطيف سائينءَ کي بهتر ٿو لڳي ۽ هُو ديس جي خوشحاليءَ لاءِ ڪبل انهن ڪوشش جي ڏِسَ ۾ پُر اميد آهي. انهن لاءِ دل ۾ نيڪ تمنائون رکي ٿو ۽ آس ٿو ڪري تہ اهي شال نصيبن ۽ ڀاڳن سان ڪامياب ٿي موٽن. جن کي سفر جو گهڻو ألڪو آهي ۽ هُو سنبت ڪن ٿا:

کيڙائُن کارو، سَنجهيئي سارِئو،
آ يل! آمارو، آهينِ پريين پار جو.
(سُر سامونڊي ص ٢١٥).

کاري جا کيڙائو اِهي وڻجارا جڏهن ڪاميابيءَ سان وڻج واپار ڪري واپس موٽن ٿا تہ اُهي پاڻ سان سُک ۽ خوشحاليءَ جا سنيها بہ کڻي اچن ٿا:

کاري کيڙائو، مٽي مني موتيا،
سودو ڪن نہ سونَ جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوپي آئيا.
(سُر سامونڊي - ص ٢١٥).

سنڌ ۾ نادر شاهہ جي اچڻ وقت وڻج واپار ترقيءَ تي هو ۽ ماڻهن جون معاشي حالتون بهتر هيون، خوشحال سنڌ، ڌارين جي اک ۾ ڪنڊو هئي ۽ آخر ڌار پنهنجن جي پرڪارن سبب، ڌارين جون سازشون ڪامياب ويون، ڪلهوڙن جي پڇاڙڪي دور ۽ ٽالپرن جي راڄ ۾ سنڌ ۾ صنعتي زوال جا آهڃاڻ ظاهر ٿيا ۽ ائين انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ سنڌ جي عظيم صنعتي تنظيم ۽ وڻج واپار ختم ٿي ويو. کاري کيڙائو وڻجارا گهٽجي ويا ۽ واپاري رجحان ٿڌو پئجي ويو، ورهاڱي ڪانپوءِ خاص ڪري سنڌي مسلمانن جي ٻن ٽن قبيلن ۽ هندن کان سواءِ مجموعي طور تي هي وڻج واپار واري نفسيات ئي ختم ٿي وئي. هتان لڏي ويل شرنارٿي ڪئمپن ۾ رهندڙ سنڌي هندن جي ملڪان مُلڪ واپار جي هاڪ ۽ ڪوتيون قائم

آهن هن وڻج واپار جي وهنوار کي قائم رکيو. جنهن ڪري اڄ "واڻيو" لفظ جي معنيٰ ئي واپاري ليکي وڃي ٿي. شاهه لطيف جي سنڌ، واپار وهنوار واري نفسيات کان پري رهي، اڄ معاشي مسئلن جو شڪار آهي، اهڙيءَ صورتحال ۾ "ڪاري ڪيڙائن" جي جدوجهد ۽ جاکوڙ جي مطالعي جي اهميت اجان بہ وڌي وڃي ٿي.

## مددي ڪتاب:


١ - شاهه جو رسالو، (مرتب: هوتچند مولچند گربخشاڻي) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو - ١٩٩٣ع.

٢ - سنڌ صدين کان - مرتب حميد آخوند، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ١٩٨٢ع.

٣ - سنڌ جي اقتصادي تاريخ - ڊاڪٽر ايس پي ڇبلاڻي (ترجمو سراج). سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد - ١٩٦٨ع.

"مخمور مهيري"

# سُر ساموندي جو پس منظر ۽ شاھ جا مقرر ڪيل ڪردار

ساموندي ساري، ماءِ منهنجو جندڙو،
بندر وڻجاري، وجي لايا ڏينهڙا.

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي آفاقي ۽ الهامي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڪمال قابليت ۽ تخيل جي پرواز سان سر ساموندي‌ءَ اندر جيڪا ڪردارن جي جڙاوت، نزاڪت، سجاوت، اڏاوت ۽ بناوت مقرر ڪئي آهي، اها حد ڪمال تي پهتل آهي.

شاھ صاحب! سر ساموندي‌ءَ ۾ انسان کي روحاني هدايتن پهچائڻ لاءِ مهراڻ، معلمن، ملاحن، غواصن، ساموندين، ٻيڙين، غورابن ۽ جهازن کي پنهنجو مخصوص ۽ خوبصورت ڪردار بنايو آهي. هي سڀ ڪردار انسان جي پنهنجي خطرن ۽ فرضن کان آگاھ ڪري سندس صحيح مقام، مرتبي، مان ۽ سلامتي واري منزل تي پهچڻ لاءِ رهنمائي ۽ نشاندهي ڪن ٿا.

مهراڻ ڇا آهي؟ مهراڻ مان ڀٽي مراد، ظاهري ۽ باطني معنيٰ ڀٽائيءَ صاحب هيءَ ورتي آهي. هڪ مهراڻ حقيقت جو بحر آهي ٻيو مهراڻ هي سنسار ۽ جهان آهي.

انسان جو ڪردار: ساموندي ۽ ملاح وارو آهي. ڪامل مرد، مرشد، غواص ۽ معلم اهي آهن جن کي روحاني عميق جي آگاهي ۽ خبر آهي. ٻيڙي مان مراد، انسان جي جسم جي ورتي ويئي آهي. جيئن سمنڊ

۾ نہ لهرن جو ليکو، نہ آب جو انت. نہ خطرن جو ڏنگ ۽ حساب آهي، تيئن هن دنيا ۾ بہ حرصن، لالچن ۽ اولاڪن جي ڪا حد نہ آهي.

**ملاح جا فرض:** سچيت رهڻ، سکان کي پختو جهلڻ، ايندڙ طوفان ۽ خطرن کان باخبر هجڻ، ڪُن جي گهمرن ۽ تباهي جي ڄاڻ رکڻ، سلامتي سان ٻيڙي تارڻ، نفساني خطرن ۽ ڪن کان پاڻ کي سنڀالي رکڻ. ان لاءِ ڪنهن (معلم) ڪامل انسان جي هدايت وٺندو تہ هرگز توائي نہ ٿيندو، ان طريقي سان هي سنسار جيڪو مهاساگر آهي، ان مان اهو (ملاح يعني انسان) سلامتيءَ سان اڪري ويندو، انسان کي کپي تہ هو پنهنجي جسم واريءَ ٻيڙيءَ ۾ وينتين جا وکر ڀري، پنهنجي جسم جي جهاز کي ادب ۽ اخلاص جي سڙهن سان سينگاري، پوءِ اهڙو انسان توبه جي تاثير سان طوفان بہ تري ويندو ۽ سندس جهاز کي بہ ڪو جوکو نہ رسندو.

غواص ۽ توبا ڇا آهن؟ هي خدا جا پاڪ ۽ پسند ڪيل مرد آهن، جيڪي حقيقي مهراڻ ۾ پيهي ماڻڪ تا ميڙين، املهہ موتي انهن وٽ آهن، جيڪي پاتال ۾ اونهيون ٽٻيون تا هڻن.

**جوهري ۽ وينجهار ڇا آهن؟ شاهه صاحب الله جي عاشقن کي جوهري ۽ وينجهار تو سڏي، افسوس جو اڄ وينجهار پنهنجي ماڳن تي نہ آهن، اسين موتين جي وٽِ کي وساري ڪائو ۽ ڪچ وينا ڪمايون، ڏٺيءَ جي امرن کي نہ تا مڃيون. نيٺ سمورو وکر وڃائي جهاز مان رت رئندا تا وڃون، جن عبادت ڪري رب راضي ڪيو، انهن جي مٽي بہ مان واري آهي ۽ انهن جي آسڻ اڇي سوين عقيدت مند سلامي پيش ڪن تا.**

هاڻي سر سامونڊيءَ ۾ ڀٽائي صاحب جن واقعن، جهازن، ٻيڙين، وڻجارن جي وهن، ونين ۽ جدائيءَ جي جذبن جي ترجماني ۽ منظر نگاري ۾ تڙ پائيندڙ تاثر ۽ مثالي تخيل، تمثيلون ۽ جوان جذبا پيش ڪيا آهن، انهن واقعن ۽ موقعن سان نهڪندڙ بيت پيش ڪريان ٿو، جن جي ٻڌڻ

سان شاهه صاحب کي خراج تحسين ۽ داد پيش ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ۽ پنهنجي بيتن ۾ جيڪا عشق جي آڳ ٻاري اٿس ان جي جر ۽ لهس کان ٻه پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ نه ٿو بچي سگهي.

سياري جي مند آهي وڻجارا وڃڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. مڪڙيون مڪي، لاچو بند وٺي، سڙه سبي ساچا پيا ڪن. پٺائي هن موقعي تي وڻجاريءَ کي هن بيت سان سجاڳ ڪري هيءَ هدايت ڏي ٿو ته ويجهي ٿي:

پڳه پاسي گهار، آيل سامونڊين جي،
وڃي جيءُ جنجار، متان وڃنئي اوهري.

پڳه پاسي پچ، آيل سامونڊين جي،
من ۾ ٻاري مچ، متان وڃنئي اوهري.

**پرهه جا سور:** وڻجاري ٻيا سور بک، ڏک، ڏڪار جا سڀ برداشت ڪري سگهي ٿي، مگر هوءَ پرين جا سور جيڪي وڻجارا پرهه جو ڏيئي ويندا هئا، سي برداشت ڪري نه ٿي سگهي انهن سورن جي ترجماني شاهه صاحب هيئن ٿو پيش ڪري:

وڻجارن وري، ”پره“ پڳه چوڙيا،
اوليون پسي ان جون، پيڙم ڳچ ڳري،
ويندي ماءُ مري، ساري سامونڊين کي.

ڏياري خوشيءَ جو ڏينهن آهي، مگر پرين پاسي مان اٿي وڃڻ جي تياري پيو ڪري! شاه صاحب وڻجاريءَ جي واتان سندس درد جي ترجماني هن ريت ٿو ڪري:

ڏٺي ڏياري، سامونڊين سڙه سنياهيا،
وجهو وَرُ ونجهه کي، روئي وڻجاري،
ماريندءِ ماري، پرهه سور پرينءَ جا.

## ساموندیکو سنگ:

ساموندیکي سنگ بابت پنائي هن ريت ترجماني ٿو ڪري:

ساموندیکو سنگ، آهي گوندر گاڏئون،
انگن چاڙهي انگ، ويو وڻجارو روهري.

## ساهه جا سڏڪا جدائيءَ جا جهٽڪا:

پاڙي واري گهر ۾ پهچي ٿي، اکين مان آب هاري وڻجاري ڪيس هن طرح دانهن ڏي ٿي:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رُئان تان نه رهن،
پگهه چوڙي جن، بيڙا وڌا بار ۾.

**لانئون:** وڻجارو نه هتي ٿو ۽ نه منٿ مڃي ٿو، تڏهن ويچاري وڻجاري اندر جو اوبر ۽ باهه هن طرح ٿي ڪڍي:

جي تون وڻجارو ڪاند، ته مون هڏ نه لڌيون لانئون،
پرڏيهه مٿي سانگ، انئي پهر جنهن ڪيو.

ڳريو جهليو روءِ، رکيو مهري مٿي هنڙا،
ڪه سودو سندوءِ، جو تو پولا سکيو.

وڻجارو جڏهن مور نه ٿو مڃي تڏهن سندس ماءُ کي، درد مان دانهن ڪري هيئن ٿي چوي:

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نه جهلئين،
آيو بارهين ماهه، وريو سفر سنيري.

جڏهن وڻجاري جي ماءُ ڪامياب نه ٿي ٿئي، تڏهن وڻجاري ونجهه کي چنبڙي پوي ٿي ۽ هيئن ٿي چوي:

آلوڙن نہ ڏي، وَرُ وڏائين ونجهہ کي،
رهہ اڄوڪي راتڙي، لالن مون لائي،
وڃ نہ ڦوڙائي، ايڏي سفر سيرين.

هڪ عورت جي پڇڻ تي وڻجارن جا پار پتا وڻجاري هن طرح تي ٻڌائي:

اڄا ڏند ڏينيا پرون، ڪجل پئن نيڻ،
ڪري سامونڊي سيڻ، مون هينئڙي هوت پرايا.

## وڻجارن جو موٽڻ ۽ انتظار جا آگم:

سڄڻ ساهہ ۾ سرن پيا، جسم ۽ جذبا سڙن پيا، جيءَ جدائي ۾ جهرن پيا، وڻجارا ونين جي منٿن، آهہ وزاري جي باوجود جنهن طريقي سان روانا ٿيا، انهن جي ترجماني شاهہ صاحب هيئن ٿو ڪري:

سڙه ٿي سبيائون، بندرجن تڙن تي،
سڙه سبي ساڃاڪري، ڪوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف سان لطيف چئي.

**نياز ۽ نوڙت:** ان بابت شاهہ صاحب هيئن ٿو فرمائي:

مون ايي تڙ هيٺ، پرين پڳهہ جوڙيا،
ڪا مون ٻہ گهٽ، نہ تہ سڄڻ سباجها گهٽو.

**سُڪائون:** بارنهن مهينا تہ درگذر، پر هو پنهنجي ڪانڌن جي جدائيءَ ۾ ٻن ڏينهن کي ٻہ ڪي جڳ تصور ڪن ٿيون، وڻجارن جي وڃڻ کان پوءِ ڪانڌن جي موٽي اچڻ لاءِ هڻ جيڪي فالون پاتيون ۽ سڪائون ۽ باسون باسيون آهن، انهن جي ترجماني شاه صاحب هيئن ٿو ڪري:

اپيون تڙ پوڇين، وهون وڻجارن جون،
آٽيو اڪيا ڏين، ڪتوري سمونڊ ڪي.

جا، جَرَ جاڏون نہ ڏي، ڏيا نہ موهي،
سَڏون ڪوه ڪري، سا تہ پنهنجي ڪاند لئي؟

جَرَ تَرَ ڏيا ڏي، وڻ تڻ ٻڌي وانئڻيون،
الله ڪانڌ اچي، ائون آسائتي آهيان.

## ڪانگل کان پڇائون:

وڻجارين کي جڏهن انتظاري ۽ بيقراري وڌي وجي ٿي، تڏهن هن طرح اظهار ڪن ٿيون:

تن چنهين جي تانگ، سي سچڻ سفر هليا،
لئنج لات لطيف چئي، ڪڏهن ايندا ڪانگ!
ڪنهن سنائي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

## بندر تي بهاري:

وڻجارن جون استريون، ونيون ۽ وهون بندر تي اچي گڏ ٿيون آهن، هنن جون نگاهون سمند ۾ ڪتل آهن، سڀ ڪا وڻجاري پنهنجي ڪانڌ ۽ ٻيڙي جي شناخت ڪرڻ لاءِ بي چين آهي، بندر تي بهاري، دل جي ڌڙڪڻ جو منظر شاه صاحب پيش ڪندي هيئن ٿو فرمائي:

سڙهہ سجاڻيو چوءِ، ماءُ ساموندي آئيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جاني انهيءَ جهاز ۾.

ٻي وڻجاري چوي ٿي تہ:

سرن نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون توڪارڻ ڪاند، سهسين سڪائون باسيون.

ٽين وڻجاري فرمائي ٿي:

وانئڻيون ٿيون ورڪن، اچا سڙهہ نہ پڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنهين سندا آئيا.

چوٿين چوي ٿي:

آيل ڍولئي سانَ، اڄي تہ جهيڙيان،
لاتئي ڏينهن گهٽا، مونکي ڇيءِ ٿورڙا.

پنجين چوي ٿي تہ:

جيڪر اڄي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل ڍولي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان..

ڇهين چوي ٿي تہ:

هي سڄڻ سيئي، مون جي ڪوڏ نهاريا،
ايندم جان پيهي، تہ سي لاهيندم ڏکڙا.

سر ساموندڙيءَ ۾ ٢ حصا آهن: هڪ حصي ۾ ظاهري ڪردارن تي روشني وڌل آهي ۽ انهن جي ڀرپور ترجماني ۽ عڪاسي ٿيل آهي. ٻيو حصو سُر سريراڳ آهي، جنهن ۾ سچ جو سودو، سمنڊ جا لباس، سمنڊ جو جلال ۽ جمال، پساهن جا هيرا، ملاحظو، ننڊ ڪي ننڊڻ، چڱاين جا چنڊ، امل ماڻڪ، حضور پاڪ جي حرمت، ٻيڙين ۾ وکر جا قسم، سجاڳيءَ جا سڏ، ٻيڙيءَ واري کي تنبيه، معياري ۽ مستند معلم ۽ سنڌ جي خوشحالي ۽ مالڪ حقيقي سان ملڻ ۽ منزل تي ڪاميابي ۽ ڪامراني سان سک ۽ سلامتيءَ سان پهچڻ جا مل مهانگا موضوع بيان ٿيل آهن. سُر سريراڳ ۾ همت، ايثار، قرباني ۽ وفاداري، گڻن ۽ احسانن جا جيڪي بيان ٿيل آهن، اهي سڀ سالڪ ۽ طالب لاءِ هدايت ۽ حق جا هيرا آهن هاڻي ترتيبوار هيٺ بيت پيش ڪجن ٿا، جن ۾ مٿي ڄاڻايل عنوانن ۽ ڪردارن جي وضاحت سان ترجماني ٿيل آهي. هن هدايت تي جيڪي عمل ڪندا، سي بحرن ۽ طوفانن مان تري، عزت ۽ سلامتيءَ سان فاتح ۽ سرخرو ٿي وڃي مالڪ حقيقيءَ سان ملندا ۽ زندگيءَ جو مطلب سڄايو ڪندا، تہ ڇڱو هاڻي ٻڌو اهي قيمتي بيت:

### سيءَ جو سوڙهو ۽ وڪر:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پرائو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو نہ ٿئي ضاءِ،
ساڪا، هڙ هلاءِ، اڳهہ جنهن جي ابهين.

### سمنڊ جو لباس:

لڙ، لهريون، لس ليٽ جت انت نہ لڀي آب جو،
الله آت نہ اولئين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ،
جوکو ٿئي نہ جهاز کي، ڦرهي اچي نہ ڦيٺ،
لڳي ڪانہ لپيٽ، غاريبي غوراب کي.

**سمنڊ جو جلال ۽ جمال:** سمنڊ ظاهري طور جيتوڻيڪ ڀوائتو آهي، پر همت ڪري جيڪو منجهس اندر پيهي ٿو وڃي، تنهن تي وڏا وڙ ٿو ڪري. ظاهر ۾ اک ڪرڙي اٿس، پر باطن ۾ نهايت سڀاجهو ۽ سخي آهي:

سي پوڄارا پر ٿيا، سمنڊ سيويوجن،
آنداٺون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مل مهانگو ان جو.

### ملاحظو:

وڏا ٻيڙا ٻوڙيا، سائر ڏيئي ساهہ،
ملاحظو ملاح، ڪج ڪو انهيءَ ڪُن جو.

### ننڊ کي ننڊڻ:

بندر جان پئي، تہ سڪاڻيا مَ سمهو،
ڪپَرُ ٿو ڪُن ڪري، جيئن ماٽي منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ مَ ڪريو ناڪئا.

کنوڻ کنوايو، آئي نند اياڳ کي،
جنهن پئو نہ پانيو، ڪري توائي تن کي.

### ٻيڙياتي کي تنبيه:

ٻيڙياتا ٻئي، تو نہ ٻڌيون ڳالهڙيون،
سڄيون راتيون سمهين، پر سڪان ڏيئي،
صباح سيئي، پار پڇندءِ خبرون.

**پساهن جا هيرا:** انسان پاڻ سان پساهن جا قيمتي هيرا کڻي آيو آهي، جي غفلت ۾ انهن هيرن کي لٽي پاڻ کي سڃو ڪيائين تہ مئي پڇاڻا ان حقيقي صراف اڳيان منهن هاري ويهڻو پوندس:

منجهان پيئي مڪڙي، ڪاجا پاڻيءَ ٻوند،
سيئي ڏنم روند، وکر جن وڃائيو.

### چڱاين جا چنڊ:

چڱن سان چڱايون، ائين سيڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نہ ڪوءِ، ٻرن سان ٻلايون.

### امل ماڻڪ:

امل آڇ مَ ان کي، جي نہ پروڙين مت،
جت گڏجيئي جوهري، ماڻڪ تنهن مت،
جيڪي سون سين ست، تن ريءَ هٽي رد ڪيو.

اگڻ آيا جان، تہ سرتيون مون سڪ تيا،
امل پرينءَ متان، ٻُرڪيو ٻين کي ڏيان.

حضور پاڪ جي حرمت:

وڃڻ جان ويهي، جَرَ پلئ پانئيان،
"تڙ ٻيڙا، گهر سپرين" اوسه اِيءَ پيئي،
جيئن وڻجاروسين وڪرين، سرها سيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگيا نه سيئي،
پاڻهين او پيئي، ڪند ڪيڙائو آئيا.

وکر جا قسم:

قرقل، قوتا، پارچا، پاٽيٽ پاتائون،
ڪوٺيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون،
لاچن منجهه لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ جام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

مٿين بيت مان معلوم ٿو ٿئي ته، سنڌ ۾ خوشحاليءَ جو دور هو. هتي جا ماڻهو وڏا صراف، هوشيار، شاهوڪار ۽ صراف هئا، پر هوشيار ماڻهو وڌيڪ اهي سڏيا ويا آهن ۽ سڏيا وڃن ٿا جيڪي پنهنجي ٻيڙين ۾، سبحان جي پرڪ، نياز ۽ نوڙت، همت، محبت، صداقت ۽ وينتين جو وکر وجهن ٿا.

طالب يا سالڪ جو منزل تي پهچڻ ۽ مالڪ سان ملڻ لاءِ تڙپندڙ، لڇندڙ ۽ ڦٽڪندڙ عاشقن جي، شاهه صاحب هن ريت ٿو ترجماني ڪري:

پُران مانَ پڇان، بندر مون ڏور ٿيا،
نه مون هڙ، نه هنج ڪي، جو آئون چئي چڙهان،
ائين ڪج پاڻي، جنهن پر پرينءَ مڙان،
ڪارون تي ڪريان، تو در ايي ناڪئا.

سالڪ جي محبت ۽ ڪوشش ۽ مالڪ طرفان ڪيل مدد جي منظر نگاري شاهه صاحب هيئن ٿو پيش ڪري:

هَڙَ ۾ ڪين هون، هُنن هونئين نه چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمونڊ تي، واجهائيندي ويون،
جڏهن سائينءَ سبب ڪيون، تڏهن سنڌ ٿيا سيد چئي.

نصرت حسين ابڙو

# اج پڻ اتر پار ڏي

شاه لطيف جو سر سارنگ امن، محبت ۽ خوشحاليءَ جو سر آهي. هن سر ۾ شاهه سنڌ جي ماروئڙن ۽ مالوندن جي روزگار جي دعا ڪئي آهي. سنڌ کي شاهه سرسبز ۽ آباد ڏسڻ ٿو چاهي، ماروئڙن جا گهر پريل ۽ خوشحال ڏسڻ ٿو چاهي، انڪري سنڌ جي خوشحاليءَ سان گڏ پوري عالم جي آبادي ۽ خوشحالي شاهه جي نظر ۾ عظمت جون نشانيون آهن. يعني اسان سنڌ واسي پنهنجي خوشيءَ ۾ پوري جڳ جهان کي شامل ڪرڻ ٿا چاهيون، رب جي ذات ڪل ڪائنات جي مالڪ هجڻ ڪري رب اللعالمين آهي، رسول مقبول جي ذات رحمت اللعالمين آهي. پوري جهان جي لاءِ رحمت، شاهه جي ذات شاعر اللعالمين آهن. انڪري جو چيائون تہ: ”عالم سڀ آباد ڪرين“.

سر سارنگ جي خوشحاليءَ کي ڏسڻ جي لاءِ شاه هڪ جاءِ تي وينو پر سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ جو دورو ڪيو، ڪراچيءَ جي پهاڙن تائين ويو.شاه لطيف لاڙ ۾ ويو اتي ماڻهن سان محبتون ڪيون، اتان جي ماڻهن سان مليو، اتان جي ٻوليءَ کان واقف ٿيو، اتان جي ادب سان محبت ڪيائين لاڙ جي ثقافت سان وابستگي ڪئي اتي ايترو گهميو پير گهمايا، تڪن ۽ اوتارن ۾ محبت ۽ قرب جون ڪچهريون ڪيون. اتان جي ماحول کان واسجي شاهه بيت چيا ان اندازي سان بيت ۽ شعر چيا جو هر هڪ بيت ۽ سندن شعر ان ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ ان جي اندر هڪ پيغام ۽ آگهي آهي. مگر ائين نہ آهي تہ پاڻ هنگلاج ويا تہ اتي لاڙ ۽ اتر جي ڳالهہ ڪئي يا پاڻ لاڙ ۾ رهيا تہ اتر جي ڳالهہ ڪئي. مان وڏيءَ تصديق سان چئي سگهان ٿو تہ شاه جڏهن اتر وارن کي قرب ڪيو ۽ اتر ۾ رهي

ڪري شاه جي نظرن جيڪو منظر ڏنو ان منظر جي عڪاسي ڪرڻ جي لاءِ شاه اتر کي ڳايو ۽ اتر وارن کي ياد ڪيو.

ضلعي شڪارپور ۾ منهنجي شهر مدئجي، مدئجي شهر جي پرسان ڳوٺ "ترائي" آهي. ان ڳوٺ ترائيءَ ۾ پٺائيءَ جو تڪيو آهي. مان پٺائي جو تڪيو يادگار ڪاميٽيءَ جي چيئرمئن جي حيثيت سان ان ڳالهه جي تصديق ٿو ڪريان تہ شاهہ ان ڳوٺ ۾ لاڳيتو ٻہ سال رهيو، اتي لطيف سائينءَ جي مسجد آهي. لطيف سائينءَ جو باغ آهي، لطيف جا حال ڏاڳا آهن، لطيف سائينءَ جا مريد ۽ خادم آهن.

اتر ۾ رهڻ جي دوران شاه ماحول جي عڪاسي ڪئي ۽ اتي بيت چيا:

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪر ٿو ڪري،
وسايو واٽڙين تي، ٿو خالق ڪنڌ پري،
پاسارِيان پري، سانگ م وڃن سپرين.

ٻيو بيت آهي:

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، تاڙي ڪئي تنوار.

ٽيون بيت آهي:

اڄ پڻ اتر پاري ڏي، ڪڪريون ڪاريون.

چوٿون بيت آهي:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر کي چوٽي.

پنجون بيت آهي تہ:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪيائين

۽ ڇهون بيت آهي:

اتران ٿي آئيون، ڪري هڪل هوءِ.

ان طرح سان شاه جا ٻيا ٻہ بيت سر سارنگ ۾ اتر جي حوالي سان آهن ۽ اتر وارن جي نمائندگي ڪن ٿا. مون ان ماحول تي اتر ۾ پٽائي جي ٽڪين تي تحقيق ڪري رهيو آهيان، مونکي ٢٢ ماڳن جو پتو پيو آهي جتي پٽ ڏٽيءَ قرب ڪري پير گهمايا آهن. ڪچهريون ڪيون آهن خدا توفيق ڏئي تہ ان ڪم کي سڪارتو ڪجي.

مان پنهنجو مختصر رائٽ اپ ان دعا تي ختم ٿو ڪريان.

لطيف تنهنجو سنڌ تي، وڏو احسان ٿو سمجهان،
تنهنجي هر بيت هڪ ستَ کي، ايمان ٿو سمجهان،
لطيف تو ڏنو آ، سنڌ کي سرمايو گهڻو،
تنهنجي رسالي کي، ٻوليءَ سنڌيءَ جو قرآن ٿو سمجهان
(نصرت).

